




# حضور اڪرم ﷺ جن جي مڪي زندگي


مصنف

ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر

پي ايڇ ڊي اسڪالر





حضور اڪرم ﷺ جن جي مڪي زندگي


مصنف ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر

پي ايڇ ڊي اسڪالر





هي ڪتاب اسان جي نبي ڪريم حضرت محمد ﷺ جن جي مَڪِي دور ڪي محققانہ، جذباتي ۽ فڪري انداز ۾ پيش ڪري ٿو. اهو دور جيڪو اسلامي تحريڪ جي ابتدا، قربانيءَ ۽ روحاني عظمتن جو هڪ مثالي باب آهي. رسول الله ﷺ جن جي مَڪِي زندگي ان وقت جي عظيم جدوجهد جو نالو آهي، جڏهن رسول الله ﷺ جن اڪيلي سر ظلم، جهل ۽ نفسياتي مخالفتن جي انڌيريءَ ۾ حق جو آواز بلند ڪيو. هن ڪتاب ۾ اسان جي محقق دوست ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب حضور ﷺ جي ابتدائي دعوت، غارِ حرا جي وحي، صبر سان ڀرپور مخالفتن، شعبِ ابي طالب ۽ طائف جي دردناڪ سفر جي مشڪلاتن جهڙين اهم تاريخي حقيقتن کي محققانہ انداز سان بيان ڪيو آهي. انهيءَ دور ۾ اسلامي اخلاقيات، توحيد جي تعليم ۽ انسانيت لاءِ محبت جو بنيادي پيغام ڏنو آهي جيڪو اڄ بہ عالمي امن ۽ فڪر لاءِ مشعلِ راهہ آهي. جيڪڏهن توهان اسلامي تاريخ، نبوي حڪمت، يا اخلاقي عظمتن مان سبق وٺڻ چاهيو ٿا تہ هي ڪتاب اوهان لاءِ هڪ فڪري، روحاني ۽ تحقيقي سفر آهي.

**احمد رضا آڳرو**

لب ڪَڱول ميهڙ




بسم الله الرحمن الرحيم

# حضور اڪرم ﷺ جن جي مَڪِي زندگي

(سيرتِ رسول ﷺ)


مصنف

ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر

پي ايچ ڊي اسڪالر ميهڙ






شاد پبليڪشين حيدرآباد

ڪتاب گهرائڻ لاءِ

ايڊريس: اقبال مينشن پلازه، آفيس نمبر 07 عبرت

پريس واري گهٽي حيدرچوڪ حيدرآباد سنڌ

0304-3018400

ڪتاب جو نالو : حضور اڪرم ﷺ جن جي مَڪِي زندگي
مصنف : ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر
ڇاپو پهريون : 2025ع
ڇاپو ٻيون : 2026ع
لي آئوٽ : بلاول خان سولنگي
ڪيليگرافي : جاويد نواز جاويد
ڇپيندڙ : شاد پبليڪيشن حيدرآباد
ڇپائيندڙ : SPEED Society for People's Education & Environment Development
قيمت : 800 روپيا




(عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم
ميهڙ(SPEED)

وأَحسنُ منكَ لم ترَ قطُّ عيني
وَأجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النّسَاءُ
خلقتَ مبرأً منْ كلّ عيبٍ
كأنكَ قدْ خلقتَ كماَ تشاءُ

( حضرت حسان بن ثابتؓ )

نہ دیکھا میری آنکھوں نے کوئی تم سا حسیں جاناں
صدف نے تم سا اگلا ہی نہیں درِ ثمیں جاناں
تمہیں پیدا کیا ہر عیب سے یوں پاک فرما کر
کہ جیسے اپنی مرضی سے بنے ہو نازنیں جاناں

# ارپنا

**پنهنجي هيءَ ڪاوش**

**سائين عبيدالله لاڪير، ميهڙ جي مشهور سگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر، سائين شفيق احمد "شفيق" چنا، لياقت بن محبوب ڏيپر، سيد محمد شاهه (پير آف ميهڙ)، سائين منير احمد ڪوسو، سائين محمد موسيٰ ڪوسو، سائين حافظ امجد علي هالو، سائين رستم علي لاشاري، سائين رضوان علي چانڊيو، ذوالفقار علي عباسي، سائين علي اصغر "عاجز" سوڍر پنهنجي اساتذه ڪرام ۽ دوستن کي ارپيان ٿو.**

*Huzoor Akram ﷺ Jan Ji Maki Zindagi*

(Biography of Rasoolullah ﷺ )

**Compiled By**

(Dr. Maulana Aijaz Ali Sodhar, Mehar)

aijazsodhar58@gmail.com

# فهرست

# دعائيہ اکر

بسم الله الرحمن الرحيم

**الله تعالىٰ جو فرمان آهي:** هُوَ الَّذِیْ بَعَثَ فِی الْاُمِّیّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ یَتْلُوْا عَلَیْهِمْ اٰیٰتِهٖ وَ یُزَكِّیْهِمْ وَ یُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ * وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ﴿۲﴾ (سورة الجمعة:۲)

**ترجمو: (اهو (الله) اُهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن مان هڪ رسول موڪليو، جيڪو ڪين سندس آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ ڪين پاڪ ڪري ٿو ۽ ڪين ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو، جيتوڻيڪ اهي اڳ پڌري گمراهيءَ ۾ هئا.**

**حضور اڪرم ﷺ جن جي سيرت مبارڪ جا بنيادي دور ٻہ آهن:**

**١. مَڪِي دور.**

**٢. مَدنِي دور.**

**مَڪِي دور جا ٻہ پهلو آهن:**

**ا- ولادت با سعادت کان نبوت عطا ٿيڻ تائين.**

**ب - نبوت ملڻ کان هجرتِ مدينہ تائين.**

**پر ولادت کان اڳ واري واقعات يا بوقت ولادت ۽ ولادت کان بعد نبوت ملڻ کان اڳ نمودار ٿيندڙ نشانين کي عرب سيرت نگارن (ارهاصات) جو عنوان ڏنو آهي، جن مان دنيا جي تاريڪ تختي تي هڪ روشن ضمير، منور ۽ منير عظيم شخصيت جي آمد جون خوشخبريون ملن ٿيون، جيڪي پاڻ تہ منور هوندا پر پوري دنيا کي ايمان ۽ عدل وانصاف جي روشني سان چمڪائي ڇڏيندا. اهي نشانيون تہ اڻ ڳڻيون آهن، پر تن مان چند مشهور هي آهن :**

- ❖ **دجلہ درياءَ جو سُڪي وڃڻ.**
- ❖ **فارس جي بادشاهہ ڪِسرا جي مَحل جو ڏُڏڻ.**

- ❖ ان محل جي چوڏهن ڪُونگرن جو ڪِرڻ.
- ❖ فارس جي اها باهہ، جيڪا هڪ هزار سالن کان ٻڙڪندي رهي، تنهن جو وِسامي وڃڻ.
- ❖ امان حليمہ سعديہ جي سُڪل ٿڻن جو کير سان ڀرجي وڃڻ.
- ❖ امان حليمہ جي اها ڏاچي، جيڪا گهڻي وقت کان کير نہ ڏيندي هئي، تنهنجي ٿڻن جو کير سان ڀرجي وڃڻ.
- ❖ امان حليمہ جي سواري جو مڪي کان واپسي ۾ تيز هلڻ.
- ❖ امان حليمہ جي خاندان سان گڏ رهڻ دوران سندن ﷺ سينو مبارڪ چاڪ ٿيڻ.
- ❖ بُحَيرا جي راهب جو سندن ﷺ نبوت جو اعتراف ڪرڻ، ۽ ابو طالب کي سندن ﷺ باري ۾ صلاح ڏيڻ، ۽ يهودين جي سندنﷺ خلاف سازش کان خبردار ڪرڻ.
- ❖ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي اوگهڙ جو ڪڏهن بہ ظاهر نہ ٿيڻ.
- ❖ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو بُتن ۽ هر قسم جي ڪوڙ کان نفرت ڪرڻ.
- ❖ شام جي واپاري سفر تي ملائڪن جو سج جي تپش کان ڇانوَ ڪرڻ.
- ❖ نبوت عطا ٿيڻ کان اڳ سچن خوابن جو ڏِسڻ.

هي انساني ڪمال جي ڪيترن ئي مَظهرن مان هڪ ننڍڙو حصو آهي جيڪي رسول الله ﷺ جي مِشن جي شروعات کان اڳ نمودار ٿيا ۽ ٻيا ڪيئي واقعات جن جو ذڪر سيرتِ طيبہ ۾ اچي ٿو.

سندن ﷺ جوانيءَ جي دور جي نشانين مان هڪ اها هئي تہ خدا کين ڪنهن بہ برائي جي ڪم ۾ حصو وٺڻ کان بچايو. هڪ ڏينهن، پاڻ ﷺ بانسري ۽ ڍول جا آواز ٻڌائون ۽ شادي ۾ شرڪت ڪرڻ چاهيائون، پر پاڻ سمهي پيا ۽ اهڙي گهري ننڊ ۾ هليا ويا جو ٻئي ڏينهن سج ايرڻ تائين نہ جاڳي سگهيا. جڏهن پاڻ ﷺ مڪي جي گهٽين ۾ گهمندا هئا تہ

وڻ ٽِڻ ۽ پند پَهڻ ڪين سلام پيش ڪندا هئا. اهڙيون نشانيون ايتريون ته گهڻيون آهن جو الڳ ڪتاب جڙي وڃي.

اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ مڪي وارو دور اهو دور آهي جنهن ۾ پيغمبر ﷺ ۽ سندن اصحاب سڀ‍ڱورا رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين مدينہ منوره ڏانهن هجرت کان اڳ رهيا. نبوت ملڻ کان پوءِ هي دور تقريبًا تيرهن سالن تائين رهيو، ۽ هڪ ڏکيو دور هو جنهن ۾ مسلمانن کي طرح طرح جون اذيتون پهچايون ويون ۽ مٿن سخت تشدد ڪيو ويو ته جيئن اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ انهن کي ڪفر ڏانهن موٽائي سگهجي. پر اهي الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ فضل ۽ رسول الله ﷺ جن جي تربيت ڪارڻ صابر ۽ ثابت قدم رهيا. مَڪِي دور ۾ پيغمبري تربيت جي سڀ کان اهم خصوصيت هي آهي ته:

صحيح عقيدي جي تعمير ۽ پختگي، تڪليفن جي مُنهن ۾ صبر، ۽ ايمان ۾ ثابت قدمي، نيڪ فالي سان گڏ هڪ روشن ۽ سٺي مستقبل جي اميد.

عقيدهءِ توحيد اهو آهي جنهن جي پيغمبر ﷺ پنهنجي بعثت جي پهرين ڏينهن کان ئي شروعات ڪئي. ماڻهن کي ان ڳالهہ جي شاهدي ڏيڻ جي دعوت ڏيڻ ۾ پنهنجو پهريون قدم رکيائون ته الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، ماڻهن کي سندن رب، پاڪائي، ۽ رڳو ان جي عبادت ڪرڻ جو درس ڏنو. پنهنجي بعثت کان پوءِ تيرهن سالن تائين، رسول الله ﷺ مڪي ۾ پنهنجن اصحاب سڀ‍ڱورن جي روحن ۾ ايمان مضبوط ڪرڻ جاري رکيو، ڪين ان تي اُپاريو. جيئن مشهور آهي ته مَڪِي قرآن جو گهڻو حصو توحيد ۽ صحيح ايمان کي قائم رهڻ جو بنياد وڌو. مَڪِي دور ۾، اهي سورتون نازل ٿيون جيڪي الله تعاليٰ جي ذات پاڪ بابت وضاحت ۽ سندس قدرت ۽ طاقت کي بيان ڪنديون هيون، اهي سورتون جيڪي ڪائنات ۽ تخليق بابت پڌرائي ڪنديون هيون،

جيڪي خالق جي عظمت کي ظاهر ڪنديون هيون، ۽ اهي سورتون جيڪي جنت ۽ دوزخ جي صفت ۽ مومنن جي فتح ۽ ڪافرن جي خساري بابت بيان ڪنديون هيون، جهڙوڪ سورت الانفطار، سورت التڪوير، سورت الحاقة، سورت الواقعة، سورت الرحمٰن، ۽ ٻيون سورتون .

مدينه منوره ۾ نازل ٿيندڙ قرآن جي اڪثريت عبادت ۽ معاملن جي تفصيل بيان ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته مخاطب ماڻهن جي روحن ۾ توحيد ۽ ايمان مضبوط ٿي چڪو هو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن سندن صبر ۽ ايمان ۾ ثابت قدم رهڻ جي تربيت ڪئي. ڇاڪاڻ ته جنت جو رستو ڏکيو ۽ تمام مشڪل آهي، آزمائشن ۽ امتحانن سان ڀريل آهي. سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ جهيڙو قيامت تائين جاري رهندو، جيتوڻيڪ ان جون صورتون ۽ طريقا وقت ۽ جڳهه جي لحاظ کان مختلف هجن. ايمان وارن کي فتني ۽ آزمائش جي ذريعي پَرکِيو ويندو جيئن مصيبتن جو مقابلو ڪري سگهن.

پيغمبر ﷺ اهڙيون آزمائشون ڏنيون جيڪي روحن کي ڪمزور، عزم کي پوڙهو ۽ طاقت ۽ همت کي وڃائي ڇڏين. تنهن ڪري، پاڻ صبر ڪندا رهيا ۽ ثواب جي طلب ڪندا رهيا، هن اميد سان ته خدا هن دين کي مڪمل ڪري.

مَڪِي دور ۾ صحابہ ڪرامؓ قريش جي وڏن سردارن جي هٿان سخت ظلم، تشدد ۽ اذيت جو شڪار بڻيا، پر ان جي باوجود، اهي پنهنجي ايمان ۽ مذهب تي صابر ۽ ثابت قدم رهيا. پيغمبرﷺ جي سيرت جي مطالعي جو هڪ فائدو ۽ مقصد ان جي مواقف ۽ واقعن مان سبق ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ آهي ته جيئن اسان پنهنجي روزاني زندگي ۾ انهن مان فائدو حاصل ڪري سگهون.

ايمان تي ٻڌل تعليم جي اهميت، اذيت جي مُنهن ۾ صبر، ۽ مذهب ۾ ثابت قدمي، هي مڪي دور ۾ پيغمبر ﷺ جي صحابہ ڪرامؓ جي تعليم جي اهم ترين خاصيتن مان آهي.

مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب جو ڪتاب (**حضور اڪرمﷺ جن جي مَڪِي زندگي**) مَڪِي دور جي ان حصي سان تعلق ٿو رکي جيڪو ولادت باسعادت کان ويندي هجرت تائين آهي. هي ڪتاب ٽوٽل١٣٠صفحن تي مشتمل آهي. مصنف حديث شريف جي بنيادي ڪتابن ۽ سيرتِ نبوي جي نوَن پراڻن ڪتابن سان گڏ موجوده دور جي سيرت نگارن جي تصنيفن مان مدد ورتي آهي. هي ڪتاب تحقيقي مواد تي مشتمل آهي. در حقيقت سنڌي ٻوليءَ ۾ هي جامع ڪتاب ڪورس ۾ رکڻ جوڳو آهي.

جيتوڻيڪ مولانا اعجاز صاحب سلمه الله سان روبرو ملاقات نہ ٿي سگهي اٿم، پر ساڻس تعارف سندن ڪتاب (ميهڙ جو مَهان) جي پڌرائي جي مناسبت سان ٿيم، جيڪو بنده جي استاد حضرت مولانا قاري محمد بن عيسىٰ سنڌي بابت لکيو اٿن، ڪتاب جي مطالعي مان مولانا جي علمي صلاحيت جو اندازو ٿيم، وري معلوم ٿيم تہ پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ پي ايچ ڊي اسڪالر پڻ آهن، سو اهڙي علميت جا ماڻهو اسان جي سنڌ ۾ خاص ڪري دادو جهڙي پسمانده علائقي ۾ وِرلي ٿا ملن، اسين مڪه مڪرمه مان سندس لاءِ دعاگو آهيون تہ رب سائين کيس مزيد علمي ۽ عملي ترقي نصيب فرمائي، ۽ سندس علمي ڪاوشن کي عام قبوليت نصيب فرمائي ۽ سندس لاءِ توشہ آخرت بڻائي. آمين

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

پروفيسر ڊاڪٽر عبد القيوم السندي

مڪه مڪرمه

١١ ذو القعده ١٤٤٦ھ

# چڱا اکر

پاڻ سڳورن ﷺ جي جي سيرت پاڪ تي، مختلف ٻولين ۾، هيلتائين لکن جي ڳاڻيٽي ۾ ڪتاب لکيا ويا آهن، جن مان ڪي ڪتاب سندن ﷺ سڄي ڄمار سان لاڳاپيل آهن، ته ڪي وري خاص سالن، واقعن، حيثيتن، ۽ ڳڻن سان واهپو رکن ٿا، پر سچي ڳالھ اھا آهي ته اڄ تائين سندن حق ادا نه ٿي سگھيو آهي، جيتوڻيڪ ڪن لکندڙن، پنھنجي وِت آهر واڪاڻ جا واهڙ وهايا آهن، يا بزعم خويش تحقيق جي تَهَ تائين پهتا آهن. پر بقول شاعر:

لايمڪن الثناء ڪما ڪان حقه.

بعد از بزرگ توئي قصه مختصر.

اسان جي منڍڙي ۽ سلوڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻه سيرت تي ججهو لکيو ويو آهي، منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن ڪو ويهي ڪري، سنڌيءَ ۾ سيرتِ پاڪ تي لکيل اهڙن ڪتابن، ڪتابچن ۽ رسالن جي ببليوگرافي جوڙي، ته شايد هزار کان قصو ٽپي وڃي. منهنجي آڏو موجود آهي، برادرم مولانا ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر صاحب جو لکيل، پاڻ سڳورن ﷺ جن جي مَڪِي زندگيءَ جي بيان تي مشتمل ڪتاب"**حضور اڪرمﷺ جن جي مَڪِي زندگي**"، جيڪو پنھنجي اختصار هوندي ٻه جامعيت جو ڏيک ڏئي ٿو. عربي زبان ۾، پاڻ سڳورن ﷺ جن جي رڳو مَڪِي زندگيء بابت ئي ڪيترا ڪتاب لکيل ملن ٿا، جهڙوڪ:

1. العهد المكي من السيرة النبوية، فهد بن عبد الله الحزمي.
2. السيرة النبوية والدعوة في العهد المكي، احمد احمد غلوش.
3. الموسوعة في صحيح السيرة النبوية (العهد المكيب)، ابو ابراهيم، محمد بن الياس الفالوذة.

4. قصة السيرة النبوية (العهد المكي) سيرة ودعوة، داؤد سليمان العبيدي.
5. شعاع من السيرة النبوية في العهد المكي، راجح عبد الحميد الكردي.
6. قراءة جديدة في العهد المكي - د. رعد محمود البرهاوي.
7. السيرة النبوية في العهد المكي، نافع علواني .
8. الوفود في العهد المكي واثرها الاعلامي، علي رضوان احمد الاسطل.
9. ضوء الهدايات القرآنية - العهد المكي، فخرالدين بن الزبير المحسي .
10. في رياض السيرة النبوية، العهد المكي. احمد عمر هاشم.

سنڌي ٻوليءَ ۾ صرف مَڪِي دور تي گهٽ ڪتاب لکيا ويا آهن، ڊاڪٽر عبد الهادي سرهيه مرحوم، سيرتِ پاڪ تي سنڌيءَ ۾ ڪجھ ڪتاب لکيا، جن ۾ مَڪِي دور تي لکيل ڪتاب به شامل آهي. برادرم مولانا ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر صاحب جس لهڻي، جنهن وڏي محنت سان، پاڻ سڳورن ﷺ جن جي مَڪِي زندگيءَ تي ڪتاب لکي ڪري، ڪارائتو ڪم ڪيو آهي.ڪانئس اميد رکجي ٿي ته پاڻ سڳورن ﷺ جن جي مدني دور تي به ڪتاب لکي ڪري، سيرتِ پاڪ جي باقي رهيل دور کي به آڏو آڻي.

ڏڻيءَ در دعا آهي ته، مولانا موصوف جي ٻين ڪتابن وانگر، هيءُ ڪتاب به مجتنا ماڻي ۽ سيرتِ پاڪ تي لکيل سندس هن ڪتاب کي، سندس ۽ پڙهندڙن جي نجات جو ذريعو بڻائي.

آمين، يا رب العالمين.

نمقه ببنأنه، وقأله بلسانه:

محمد ادريس السندي،

قاسميه لائبريري، ڪنڊيارو، ضلعو نوشهروفيروز.

يڪم صفر المظفر ١۴۴٧هجري ، مطابق ٢٧ جولاءِ ٢٠٢٥ع

# حب رسول ﷺ عين ايمان آهي

هر هڪ مسلمان جي لاءِ الله تعاليٰ جي احڪامن تي رسول الله ﷺ جن جي ڏسيل راھ ۽ طريقي موجب عمل ڪرڻ ايمان جو لازمي جزو آهي. مسلمان لاءِ الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ۽ سندس توحيد کي مڃڻ سان گڏ رسالت کي مڃڻ بہ لازم آهي. مسلمانن پنهنجي رسول ﷺ جن جي ذات، قول، فعل ۽ سُڪوت کي بہ پنهنجو ايمان مڃيو تہ رسول الله ﷺ جن سان محبت کي بہ ايمان مڃيو آهي. رسول الله ﷺ جن جي حيات مبارڪ تي لاتعداد ڪتاب لکيا. رسول الله ﷺ جن جي مبارڪ زندگيءَ جي هر هڪ گوشي، هر هڪ قول، هر هڪ فعل، هر هڪ ادا ۽ هر هڪ منظر کي بہ قلمبند ڪري هميشہ لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئن ايندڙ نسلَ پنهنجي رسول ﷺ جن جي زندگيءَ جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ حاصل ڪري سگهن. انهيءَ سان گڏ احاديث رسولﷺ کي جمع ڪري دين اسلام جي عملي مشق کي بہ محفوظ ڪيو ويو آهي. وري سوني تي سهاڳو اهو ٿيو جو اسماءُ رجال جي عالمن اهڙو علم ايجاد ڪيو جنهن پنهنجن سان گڏ پراون جي زبان منجهان بہ آفرين جا آواز ڪيرائيا. يورپ جيڪو شروع کان وٺي اسلام ۽ مسلمانن سان دشمني ڪڍڻ جو ڪو بہ موقعو ڪڏهن ضايع ناهي ڪندو، اتان جي اهل علم دانشورن بہ اهو سرعام تسليم ڪيو تہ مسلمانن اسماءُ رجال جي علم جي ذريعي پنهنجي نبي (ﷺ) جي زندگي، قول، فعل ۽ سُڪوت کي محفوظ ڪرڻ جي خاطر لکين بين ماڻهن جون تاريخون بہ محفوظ ڪري ڇڏيون تہ جيئن بعد ۾ ايندڙ نسل بہ پوري يقين ۽ وثوق سان اهو چئي سگهي تہ هي منهنجي نبي (ﷺ) جن جو قول آهي، فعل آهي يا نہ...... انهيءَ ڳالھ ٻڌائڻ واري شخصيتن جي پنهنجي زندگيءَ جو احوال ۽ ڪردار بہ سندن سامهون آهي، جيئن ڳالھ ڪرڻ واري جي ڪردار بابت بہ ايندڙ نسل لاعلم نہ رهي. سيرتِ

رسول ﷺ تي دنيا جي مسلمانن توڙي غير مسلم عالم ۽ اهل علم شخصيات ڪتاب، ڪتابچا ۽ مضمون دنيا جي مختلف زبانن ۾ لکيا آهن.

اسان جي سنڌي زبان ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون لکيا ويا آهن. تازو اسان جي دوست مولانا ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر رسول الله ﷺ جن جي مڪي شريف ۾ گذاريل زندگي جيڪا ولادت کان وٺي هجرت مدينہ منوره تائين آهي "حضور اڪرم ﷺ جن جي مَڪِي زندگي" جي نالي سان ڪتاب لکيو آهي. هي ڪتاب پڙهي دل کي سُڪون مليو تہ ماشاءالله مولانا سوڍر صاحب رسول اللهﷺ جن جي زندگيءَ جو هڪ حصو ڏاڍو مُستند حوالن سان لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي اهم سوالن جا جواب پڙهڻ لاءِ مليا. هي ڪتاب مولانا سوڍر صاحب جي محنت جو نتيجو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن سان عشق جو هڪ مثال پڻ آهي. مولانا سوڍر سان منهنجي گهري سنگت آهي، انهيءَ ڪري سندس قابليت کان چڱيءَ ريت واقف پڻ آهيان. اميد ڪريان ٿو تہ هي ڪتاب پڙهندڙن لاءِ ڏاڍو ڪارآمد ثابت ٿيندو. مان هن طرح جي عظيم خدمت ۽ سعادت ماڻڻ تي مولانا ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر کي مبارڪباد بہ ڏيان ٿو ۽ ڪيس جس پيش ڪريان ٿو. الله تعالىٰ هن ڪتاب کي سندس لاءِ ذخيره آخرت بڻائي آمين.

شفيق احمد "شفيق" چنا

صدر آس ويلفيئر ايسوسيئيشن لال شاهہ ڪالوني ميهڙ

۲۹ جولاءِ ۲۰۲۵ع

# سيرت النبي ﷺ ايمان جو جز

اسان مسلمانن جي لاءِ رسول الله ﷺ جن سان محبت ۽ سندن حيات مبارڪ ۽ فرمانن موجب زندگي گذارڻ ايمان جو لازمي حصو آهي. اڄ تائين سيرتِ النبي ﷺ تي بيشمار ڪم ٿيو آهي ۽ دنيا جي مشهور عالمن، اديبن، عاشقن ۽ محققن پنهنجي پنهنجي علم موجب رسول الله ﷺ جن جي سيرت مبارڪ تي نثر ۽ نظم جي صورت ۾ لکيو آهي. اسان جي دوست ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر جو هي ڪتاب "**حضور اڪرم ﷺ جن جي مَڪِي زندگي**" رسول الله ﷺ جن جي انهيءَ زندگي جيڪا پاڻ مڪي شريف ۾ گذاريائون، جنهن ۾ سندن ولادت ڪان وٺي هجرت مدينه منوره تائين شامل آهي جي متعلق هڪ منفرد معلوماتي آهي. هن ڪتاب جي اندر رسول اڪرم ﷺ جن جي سلسله نسب ڪان وٺي ولادت، رضاعي پائر ۽ ڀينرون، امڙ جي آغوش ۾ پرورش، حضرت عبدالمطلب جي پرورش، ان ڪان پوءِ حضرت ابو طالب جي سرپرستي ۽ سندن اعلىٰ طرزِ زندگي ۽ اصول، ڪين صادق ۽ امين جو لقب ملڻ، غار حرا ۾ حضرت جبرائيل عليه السلام جي آمد، اسلام جي تبليغ جو آغاز، سندن خاندان ۽ قريش جي بااثر ماڻهن جي مخالفت، طائف جي سفر دوران مليل اهنج، معراج ۽ هجرت، هي سڀ واقعات جنهن ترتيب ۽ طريقي سان اسان جي محقق دوست بيان ڪيا آهن اهو طريقو انتهائي دلڪش ۽ روح پرور آهي. جنهن ۾ پڙهندڙ نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگي، سيرت ۽ واقعن جي سلسلي کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. ظاهر آهي ته اها سموري معلومات گڏ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪتاب سندس مطالعي هيٺ آيا هوندا ۽ مختلف زاوين ڪان تحقيقي جائزو وٺڻ ڪان پوءِ اهو سمورو مواد لکيو هوندائين. اهو سمورو ڪريڊٽ ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر ڏانهن وڃي ٿو جنهن

وڏي محنت سان عرق ريزي ڪري اها معلومات هن ڪتاب ۾ گڏ ڪري اسان جهڙن گهٽ علم وارن کي جيڪي اسلام ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي سيرت متعلق گهٽي ڄاڻ نہ ٿا رکن هڪ رهنمائي ڪندڙ ۽ تحقيقي رڪارڊ هن ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. سندس دلچسپيءَ وارو سبجيڪٽ بہ اسلاميات رهيو آهي ۽ پاڻ ڪراچيءَ جي اعلىٰ پائي جي مفتيان ڪرام ۽ عالمن سڳورن وٽان جامعة الرشيد جهڙي منفرد ۽ جديد طرز جي مدرسي منجهان فارغ التحصيل ٿي هن عهدي تي رسيو آهي. مدرسي جي تعليم ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ منجهان تازو پي ايچ ڊي جي تعليم مڪمل ڪئي اٿائين. ٻنهي علمن جي امتزاج ڪيس وڌيڪ قابل بڻائي ڇڏيو آهي. پاڻ لکڻ جي بهترين صلاحيت رکي ٿو ۽ شين کي بهترين انداز ۾ پيش ڪرڻ جو هنر بہ خوب ڄاڻي ٿو. اميد آهي تہ سندس هي ڪتاب هر عام و خاص ۽ خاص طور تي نوجوان طبقي لاءِ سيرتِ النبي ﷺ کي مستند حوالن سان سمجهڻ لاءِ مددگار ثابت ٿيندو ۽ مقبوليت ماڻيندو.

پروفيسر عبيدالله لاڪير (ميهڙ)

28 جولاءِ 2025.

# مهاڳ

الله تعاليٰ جيڪي مخلوقات خلقي آهي انهيءَ منجهان حضرت انسان کي ئي محترم ۽ مڪرم بڻايو اٿائين. پنهنجي هن مڪرم مخلوق جي ابتدا حضرت آدم عليه السلام کان ڪيائين. حضرت آدم عليه السلام کي ابوالبشر جو اعزاز عطا فرمايائين. بني آدم جي رهنمائيءَ لاءِ سوا لک نبين عليهم السلام کي منتخب ڪري دنيا ۾ مبعوث فرمايائين. نبوت جي ان عظيم لڙهي جي شروعات ابوالبشر کان ڪري امام الانبياءِ خاتم النبيين حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ تي اختتام ڪيائين. اڳ ۾ نبين کي مخصوص علائقن ۽ شهرن لاءِ مبعوث ڪيو ويندو رهيو، مگر حضرت محمد ﷺ جن کي آخري نبي بڻائي پوري ڪائنات جو نبي بڻائي موڪليائين. پاڻ سڳورن ﷺ جن کي رحمت لِلعالمين جو لقب عطا فرمايائين. خاتم النبيين حضرت محمد ﷺ جن جي سيرت مبارڪ، قول، فعل ۽ سُڪوت اسان لاءِ حجت آهي. پنهنجي نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات رکڻ اسان لاءِ نهايت ضروري آهي. اسان کي پنهنجي نبي ڪريم ﷺ جن جي سيرت مبارڪ کي پڙهي ان تي عمل ڪرڻ گهرجي ته جيئن اسان جي دنياوي ۽ اخروي زندگي سَنورجي وڃي. سيرت النبي ﷺ جي موضوع تي تمام وڏن وڏن اهل علم بزرگن قلم کڻي ڪتاب ڇپرائي امت تي احسان عظيم ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ احاديث مبارڪ جا ڪتب به سيرت نبي ﷺ جا وڏا ذخيره موجود آهن. سيرت رسول ﷺ تي تمام گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن. احاديث ۽ سيرت جي ڪتب جو مجموعو، ان سان گڏ اسماءُ الرجال، جرح و تعديل جو علم ۽ ڪتب اسان امت تي تمام وڏا احسان آهن. هنن علوم جي آذار تي اڄ ساڍا چوڏهن سؤ سال گذرڻ باوجود به اسان پنهنجي نبي ڪريم ﷺ جن جي باري ۾ پوري وثوق ۽

**يقين سان اهو چئي سگهون ٿا تہ هي اسان جي رسول اڪرم ﷺ جو قول آهي يا مَن گهڙت ڳالهہ آهي، هي اسان جي نبي ڪريم ﷺ جو فعل آهي يا نہ آهي. اهڙي طرح اسان مسلمانن کي امام الانبياءِ ﷺ جن جي پيروي ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ آسان بڻجي پوي ٿو. الله رب العزت اسان مسلمانن جي لاءِ امام الانبياءِ ﷺ جي زندگيءَ کي بهترين نمونو بڻايو آهي. چنانچہ سورت الاحزاب جي آيت نمبر 21 ۾ ارشاد رباني آهي تہ:**

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَ الْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَ ذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا ﴿۲۱﴾

**ترجمو: بيشڪ توهان جي لاءِ رسول الله ۾ بهترين نمونو آهي. هر ان شخص لاءِ جيڪو الله تعالىٰ ۽ قيامت جي ڏينهن جي اميد رکي ٿو ۽ ڪثرت سان الله تعالىٰ کي ياد ڪري ٿو.**

**حضرت ام المؤمنين امان عائشہؓ جي بقول قرآن مجيد رسول الله ﷺ جن جي عملي زندگيءَ جو نمونو آهي. رسول الله ﷺ جن جو هر قول، فعل ۽ عمل اسان مسلمانن لاءِ قابل حجت آهي ۽ الله رب العزت طرفان پڻ انهيءَ مقدس طريقي تي عمل ڪرڻ جو فرمان جاري ٿيل آهي. دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ ڪامراني سنت رسول ﷺ تي عمل پيرا رهڻ ۾ ئي آهي. انهيءَ ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي صحابہ ڪرامؓ ۽ بعد وارن اهل علم حضرات رسول الله ﷺ جن جو هر هڪ عمل قلمبند ڪري ۽ سينا بسينا محفوظ ڪري بعد ۾ اچڻ واري امت تائين پهچائڻ جي فرض کي احسن طريقي سان ادا ڪيو. اڄ تائين اهل علم ۽ قلم حضرات طرفان سنتِ رسول ﷺ ۽ سيرت رسول ﷺ تي بيش قيمتي ڪتابن جو ذخيرو لکي سعادت حاصل ڪئي وئي آهي. سيرتِ رسول ﷺ جو سڀ کان وڏيڪ مستند ۽ اهم ذريعو قرآن مجيد ۽ احاديث رسول ﷺ آهي. انهن اهم ذريعن کي سامهون رکي انهن کان روشني**

ونئي آثار صحابہ، تاريخ ۽ اقوال صحابہ کي گڏ ڪري رسول الله ﷺ جن جي سوانح کي الڳ ڪتابن ۾ مرتب ڪيو ويو. هر شخص پنهنجي حصي جي خدمت ڪري غلامانِ رسول ۾ پنهنجو نالو ڳڻائڻ جي سعي ڪئي آهي. سيرتِ نبي ﷺ تي اڄ تائين بي شمار ڪتاب لکيا ويا آهن. هي ڪتاب بہ رسول اڪرم ﷺ جن جي مڪي شريف ۾ گهاريل زندگيءَ تي ڪجهہ روشني وجهڻ جي ڪوشش آهي. هي ننڍڙو ڪتاب بہ رسول الله ﷺ جن جي زندگيءَ جي ڪجهہ حصي بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي هڪ نيڪ نيتي ڪوشش آهي. اسان جي محسن دوست جناب محترم مولانا ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر بہ پنهنجو علمي فرض سمجهي رسول الله ﷺ جن جي سيرت مبارڪ جي حصي جيڪو مڪي شريف منجهہ گذريو "حضور اڪرم ﷺ جن جي مَڪِي زندگي" جي نالي سان مرتب ڪري سعادت ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مولانا سوڍر صاحب پاڻ دستاربند عالم، محقق، پي ايڇ ڊي اسڪالر، استاد ۽ اهل علم فرد آهي ۽ راقم جي نظرثاني ۾ پنهنجي پي ايڇ ڊي مڪمل ڪئي اٿائين. هن وقت پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شمس الدين بلبل ميهڙ نمبر1 ۾ جونيئر ايليمينٽري اسڪول ٽيچر جي عهدي تي رهي مصروف خدمت آهي. ساڻس ڪجهہ وقت گذارڻ سبب سندس ذات ۽ ڏانءَ کان ڪجهہ واقف آهيان. پاڻ هن وقت تائين پنج ڪتاب تصنيف ڪري ۽ تي ڪتاب سهيڙي ڇپرائي منظر عام تي آڻي چڪو آهي. سندس قابليت ئي آهي جو پاڻ پي ايڇ ڊي جو شاگرد رهي ويهہ (20) تحقيقي آرٽيڪل لکي تحقيقي جنرلن ۾ ڇپرائي چڪو آهي. پاڻ سترهن (17) بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ پنهنجا لکيل تحقيقي مقالا پڻ پيش ڪري چڪو آهي ۽ انهن ڪانفرنس جي شرڪت جي بدلي سرٽيفڪيٽ بہ وصول ڪيا اٿائين. سندس هن ڪاوش تي ڪيس مبارڪ باد پيش ڪريان ٿو ۽ الله رب العزت جي دربار

۾ دعاڳو آهيان تہ خالق ڪائنات سندس هن محنت کي قبول فرمائي ۽ سندس لاءِ ذخيره آخرت بڻائي آمين.

مولانا سوڍر صاحب جي هيءَ تصنيف رسول الله ﷺ جن جي مَڪِي زندگيءَ جي باري ۾ هڪ مستند ڪتاب آهي. سندس هن ڪتاب جي مطالعي ڪرڻ سان نبوت جو پيدائش کان وٺي هجرت مدينہ تائين جي زندگيءَ جو مختصر احوال معلوم ٿي وڃي ٿو. هي ڪتاب مطالعو ڪرڻ سان اسلامي علوم ۽ معلومات عامہ جي انهن شاگردن جيڪي ڇٺا پيپرءَ جي امتحانن جي تياري ڪن ٿا کي رسول الله ﷺ جن جي پيدائش کان وٺي هجرت تائين جي زندگيءَ جي باري ۾ ڪافي سوالن جا جواب معلوم ٿي ويندا. مولانا سوڍر صاحب هن ڪتاب ۾ ڇٺا پيپرءَ جي امتحانن منجهہ ايندڙ سوالن کي مدِنظر رکي مُستند ڳالهہ کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هونئن بہ سيرتِ رسولﷺ جو مطالعو باعث اجر آهي. هن ڪتاب جي مطالعي ڪرڻ کان بعد اهو مشورو ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب انٽرميڊيئيٽ جي نصاب يا انهيءَ کان مٿين ڪلاسن جي نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي لائق آهي.

هن ڪتاب ۾ سيرتِ رسول ﷺ کي سهيڙيندي مختلف ڪتب احاديث جي چند حديثن جي متن کي شامل ڪرڻ تي اڪتفا ڪندي مولانا سوڍر صاحب ڪتاب کي طوالت کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن سيرت جي ڪتاب ۾ گهٽي وضاحت کان بہ احتراز ڪيو اٿائين تہ جيئن ٿورڙي وقت ۾ ڪافي ڄاڻ حاصل ٿي وڃي، جنهن ڪري هي ڪتاب سيرت رسول ﷺ جي ڪتب جي فهرست ۾ پنهنجي هڪ منفرد حيثيت رکي ٿو.

**ڊاڪٽر حافظ صبغت الله پٺو**
اسسٽنٽ پروفيسر
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
3 مارچ 2025ع

# پنهنجي پاران

هن دارالفاني ۾ سڀ کان اهم ۽ خاص خدمت انساني اخلاق ۽ تربيت جي اصلاح ڪرڻ، انسان ذات جي خدمت ڪرڻ، انسان کي صحيح رستي جي رهنمائي ڪرڻ، پنهنجي خالق سان تعلق جوڙائڻ ۽ ڪيس پنهنجي مقصدِ حيات کان واقف ڪرڻ ئي آهي. هي منصب ڪو عام نہ بلڪ خاص منصب آهي. انسان کي پنهنجي خالق جي معارفت حاصل ڪرڻ، سندس احڪامات مطابق زندگي گهارڻ، پنهنجو پاڻ کي مالڪ جي مرضي مطابق زندگيءَ جي ڍانچي ۾ ڍلڻ ۽ پنهنجي مالڪ جي مخلوق جي صحيح نموني خدمت ڪرڻ لاءِ حقيقي رهنمائيءَ جي ضرورت هئي. انهيءَ ضرورت جي پورائي لاءِ خالق ڪائنات نبوت جو هڪ پاڪ سلسلو شروع فرمايو. پنهنجن بَندن منجهان ڪجهہ کي نبوت جي اعلىٰ مقصد لاءِ منتخب ڪيو.

الله رب العزت هن دنيا ۾ انسانن کي امتحان منجهان گذارڻ لاءِ موڪليو آهي، ڪين پنهنجي عبادت جي ذميواري ۽ سماج ۾ موجود ٻين عنصرن جي فرائض کان بہ واقف ڪري محدود مدت لاءِ حياتي عطا ڪئي اٿائين تہ جيئن شقي يا سعيد هجڻ جي باري ۾ حجت تام ٿئي. پنهنجن بندن کي دنيا ۾ ايئن اڪيلو ۽ بي راهہ روي جو شڪار بڻائي ڇڏڻ نہ ڏنائين بلڪ انسانن جي رهنمائي ۽ رهبريءَ لاءِ نبوت جي مقدس لڙهي پروئيائين. انهيءَ ناياب لڙهي جي هڪ هڪ موتيءَ کي پاڻ ئي منتخب ڪيائين. انهن منجهان وري امام الانبياءِ ﷺ جن جو انتخاب بہ سندس مشيعت سان ئي ٿيو. هن پاڪ سرشتي جي هڪ هڪ فرد کي عمده ترين خصلتن ۽ اخلاقن سان سنواري سجائي، منجهن انسانيت جي اعلىٰ خوبين کي جمع فرمائي مبعوث ڪيائين. هر نبيءَ کي سندس امت لاءِ اعلىٰ نمونو بڻائي سندس پَيروي ڪرڻ جو حڪم پڻ صادر ڪيائين. دعا آهي تہ الله پاڪ پنهنجي دربار ۾ هن ناقص جي هيءَ ادنىٰ محنت شل قبول ڪري. آمين

**اعجاز علي سوڍر**

03013349366

aijazsodhar58@gmail.com

# آقا ﷺ جن جو سلسلہ نسب

**حضور اڪرم ﷺ جن جو نسبي سلسلو ڪجهہ هن ريت آهي:**

**محمد بن عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف بن قصي بن ڪلاب بن مرّه بن ڪعب بن لؤي بن غالب بن فهر بن مالڪ بن نضر بن ڪنانہ بن خزيمہ بن مدرڪہ بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان.**

پاڻ سڳورا ﷺ جن عدنان تائين پنهنجو نسب بيان ڪري خاموش ٿي ويندا هئا. امام بخاري پنهنجي احاديث جي مجموعي صحيح بخاري ۾ سلسلہ نسب عدنان تائين لکيو آهي پر امام بخاري پنهنجي تاريخ ۾ عدنان کان حضرت ابراهيم عليه السلام تائين نالا لکيا آهن. پاڻ لکي ٿو تہ عدنان بن عدو بن المقوم بن تارح بن يشجب بن يعرب بن نابت بن اسماعيل عليه السلام بن ابراهيم عليه السلام. اڳتي عربن جي نسب بيان ڪرڻ وارن جي باري ۾ يقيني طور اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ اهي صحيح آهن.

حضرت اسماعيل عليه السلام کي ٻارهن پٽ هئا. سندس ٻارهن پٽن جو ذڪر توريت ۾ بہ ٿيل آهي. حضرت اسماعيل عليه السلام جي اولاد منجهان قيدار جو اولاد حجاز مقدس ۾ آباد ٿيو. قيدار جو اولاد هتي ڏاڍو وڌيو ۽ ڦهليو. انهيءَ اولاد ۾ عدنان اچي ٿو جيڪو حضور اڪرم ﷺ جن جو جد امجد آهي.

آقا ﷺ جن جو خاندان عربن ۾ ممتاز حيثيت جو حامل رهندو آيو. هن خاندان کي عربن ۾ معزز خاندان سمجهيو ويندو هو. هن خاندان کي قريش جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو. قريش جو لقب نضر بن ڪنانہ کي حاصل هو. ڪجهہ محققين لکن ٿا تہ قريش جو لقب سڀ کان پهريان فهر کي مليو ۽ فهر جو اولاد ئي قريشي سڏجڻ لڳو. حافظ عراقي پنهنجي منظوم سيرت ۾ لکي ٿو تہ:

امّا قريش فالاصح فهر جماعها والا کثرون النضر

مطلب تہ حافظ عراقي جي نزديڪ قريش جو لقب حاصل ڪرڻ وارو فهر ئي آهي پر اڪثر محققين نضر جي نالي چون ٿا تہ هن ئي قريش جو لقب حاصل ڪيو. بهرحال نبي ڪريم ﷺ جن جي جدِ امجد قريش جو لقب حاصل ڪري عربن ۾ ممتاز حيثيت حاصل ڪري ورتي. هن خاندان جي نضر ۽ نضر کان بعد فهر ۽ فهر کان بعد قصّي تمام وڏي عزت ۽ نالو ڪمايو. قصّي جو اصل نالو زيد بن ڪلاب ۽ سندس امڙ جو نالو فاطمہ بنت سعد هو. پاڻ بچپن ۾ ئي پيءُ جي سايہ شفقت کان محروم ٿي ويو هو، جنهن ڪري ڪيس سندس امڙ جنهن بيوه ٿيڻ کان بعد بنو عذره جي هڪ شخص جنهن جو نالو ربيعہ بن حرام هو سان ٻيو نڪاح ڪيو. بنو عذره عرب جي سرحد ۾ شام جي ويجهو سرغ ۾ آباد هئا. قصّي هتي پنهنجي امڙ جي گود ۾ پرورش پاتي. جڏهن هوش سنياليائين تہ ڪيس پنهنجي آبائي وطن جي سِڪ لڳي ۽ پنهنجي والد جي خاندان جي تلاش ۾ نڪري پيو. آخر هڪ ڏينهن مڪي شريف ۾ پهتو، اتي ڪيس سندس وڏو ڀاءُ زهره مليو، جيڪو پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ ظاهري بصارت کان محروم ٿي چڪو هو. قصّي جي شادي ان وقت جي خليل بن حبشيہ خزاعي جيڪو حرم جو متولي هو جي ڌيءُ نالي حبّي سان ٿي. جڏهن خليل خزاعي جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ وصيت ڪيائين تہ حرم جي خدمت جو ذمو قصّي جي سپرد ڪيو وڃي. پهريان ئي قصّي کي اقتدار بہ حاصل هو ۽ حرم جي خدمت جي ذميواري ملڻ جو منصب بہ سندس حصي ۾ آيو. اهڙي طرح قصّي عربن ۾ سُني منصب تي رسيو. نبي ڪريم ﷺ جن جي خاندان جي آباءُ و اجداد ۾ هن بزرگ تمام سُنا نمايان ڪم ڪيا جيڪي ڪيتري ئي عرصي تائين يادگار رهيا. هن بزرگ هڪ مشوره گاهہ قائم ڪئي جنهن جو نالو دارالندوة رکيو ويو. هي عمارت قريش جي جلسن، مشورن، فيصلن، جنگ جي تياري ۽ قافلا هن ئي عمارت مان تيار ٿي نڪرندا هئا ۽

نڪاح ۽ شادي وغيره جون تقريبون ۽ پروگرام به هن عمارت ۾ ادا ڪيا ويندا هئا. حرم جي خدمت جو وڏو منصب به حاصل هئڻ ڪري سقايه ۽ رفادة جو سلسلو به شروع ڪيائين. قصّي قريش کي گڏ ڪري هڪ تقرير ڪئي : ماڻهو سوين بلڪ هزارين ميل سفر ڪري حرم شريف جي زيارت لاءِ هتي اچن ٿا، انهن مسافر زائرين جي ميزبانيءَ واري خدمت قريش جو فرض آهي.

انهيءَ تقرير جي نتيجي ۾ قريش ڪجهه مخصوص آمدن سالانه مقرر ڪئي، جنهن جي ذريعي منىٰ ۽ مڪي شريف ۾ حاجين کي کاڌو کارايو ويندو هو. سِقايه جو مطلب حاجين کي آب زم زم پيارڻ ۽ رفادة جو مطلب حاجين جي کاڌ خوراڪ جو انتظام ڪرڻ آهي. قصّي حوض ٺهرايا جن ۾ حج جي ڏينهن ۾ پاڻي ڀريو ويندو هو جيڪو حاجين جي ڪم ايندو هو. مشعر حرام به سندس ٺهيل آهن جن تي حج جي ڏينهن ۾ ڏيئا ٻاريا ويندا هئا. قُصّي هن خاندان جو اهو فرد هو جنهن نمايان ڪم ڪري تمام وڏو نالو ڪمايو. سندس رفاعي ڪم ۽ شهرت ڏسندي ڪجهه محققين اهو به چيو آهي ته قريش قصّي جو لقب آهي، ڇو ته قريش جي هڪ معنىٰ جمع ڪرڻ به آهي. هن فهر جي اولاد کي جمع ڪري پنهنجي تقرير ذريعي رفاعي ڪمن لاءِ ڪين آماده ڪري سهڪاري بڻايو، جنهن ڪري چيو ويو ته قريش سندس لقب آهي. سيرت نگارن جي نزديڪ فهر جو لقب قريش وڌيڪ راجع قول آهي.

قصّي کي ڇهه ٻار ٿيا. عبدالدار، عبدمناف، عبدالعزىٰ، عبد قصّي، تخمر ۽ بره. قصّي مرض الموت ۾ پنهنجي وڏي پٽ عبدالدار کي حرم جي ذميواري ڏني. عبدالدار انهيءَ منصب جي لائق نه هو. قريش جي رياست جي واڳ عبد مناف کي ملي. آقا ﷺ جن جو خاندان عبد مناف منجهان ئي آهي. عبد مناف کي ڇهه پٽن جو اولاد ٿيو. انهن پٽن ۾ هاشم سُٺي ڪردار ۽ اثر رسوخ وارو هو. هاشم پنهنجي ڀائرن سان

مشورو ڪري ڪين انهيءَ ڳالهه تي آماده ڪيو ته حرم جا جيڪي منصب عبدالدار کي مليا آهن اهي ڪائنئن واپس وٺجن، ڇو ته هو انهيءَ اعليٰ منصب جي لائق نه آهن. جڏهن حرم جا منصب عبدمناف کي ڏنا وڃن جي ڳالهه ڪئي وئي ته انهيءَ ڳالهه تي ڪين ڪاوڙ آئي ۽ جنگ جون تياريون شروع ڪرڻ لڳا. آخرڪار انهيءَ ڳالهه تي فيصلو ڪري ٺاهه ڪيو ويو ته سِقايه ۽ رفاده عبدالدار کان واپس وٺي هاشم کي ڏنا وڃن. هاشم پنهنجي فرض کي چڱيءَ ريت نڀائيندو رهيو. حجاج ڪرام کي دل جي خوشيءَ سان خوب کارائيندو رهيو. چرمي حوضن ۾ پاڻي پرائي زم زم ۽ منيٰ وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي رکرائيندو هو. سندس نگراني ۾ تجارت ۾ به ڏاڍي ترقي ٿي. قيصر روم کي خط لکي اهو فرمان لکرائي ورتائين ته قريش جڏهن ان مُلڪ ۾ تجارت جو سامان کڻي وڃن ته انهن کان ڪنهن به قسم جي ٽيڪس نه ورتي وڃي. اهڙي طرح حبش جي بادشاهه نجاشيءَ کان به اهڙي قسم جو فرمان لکرائي ورتائين. ان دور ۾ انگوريه (انقره) جيڪو مشهور شهر هو ۽ قيصر جو تخت گاهه هو، اتي جڏهن قريش تجارت سانگي ويندا هئا ته قيصر ڏاڍي عزت ۽ احترام سان انهن جو پليڪار ڪندو هو. عربستان ۾ ان دور ۾ رستا محفوظ نه هوندا هئا، جنهن ڪري هاشم مختلف قبيلن جو دورو ڪري انهن سان اهو معاهدو ڪيو ته هو قريش جي واپار يا واپاري قافلي کي ڪو نقصان نه پهچائيندا، جنهن جي بدلي ۾ قريش انهن قبيلن جي ضرورت جون شيون پاڻ ئي کڻي وٽن پهچي ويندا ۽ ساڻن خريد و فروخت ڪندا. انهيءَ ڪري قريش جو قافلو ڌاڙن ۽ ڦرن کان محفوظ رهندو هو ۽ قريش آسانيءَ سان تجارت ڪندا هئا. مطلب ته هاشم پاڙيسري حڪمرانن سان تعلقات هموار ڪري تجارت جو رستو آسان بڻائي رکيو. سندس ذمي حجاج جي خدمت رفاده ۽ سقايه هوندي هئي، انهيءَ لاءِ به ڪافي خرچ جي ضرورت پوندي هئي. تجارت منجهان آمدن حاصل ڪري

پنهنجي فرض ڪي احسن طريقي سان سرانجام ڏيندو رهيو. هاشم ئي ”رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ“[1] مطلب ته گرمين ۽ سردين ۾ تجارت جو طريقو جاري ڪيو. قريش جو تجارتي قافلو سردين ۾ يمن ۽ حبشه ويندو هو ۽ گرمين ۾ شام ڪان غزه تائين ۽ ڪڏهن انقره تائين پهچي ويندو هو. هنن تجارتي قافلن جو انهن حڪمرانن طرفان سُنو آڏرياءُ ڪيو ويندو هو. مطلِب هاشم جو وڏو ياءُ هو. هاشم جي وفات ڪان بعد رفاده ۽ سُقايه جي خدمت مطلِب جي سپرد ٿي، مگر ڪيس انهيءَ خدمت ڪرڻ جو وقت ڪو گهڻو نه مليو، سندس وفات ڪان بعد آقا ﷺ جن جو ڏاڏو حضرت عبدالمطلب مطلِب جاءِ نشين بڻيو ۽ هيءَ خدمت سندس ذمي ۾ آئي. حضرت عبدالمطلب به پنهنجي فرض ڪي احسن طريقي سان نڀايو. عبدالمطلب جي وفات ڪان بعد هيءَ خدمت ۽ حضرت عبدالمطلب جي جاءِ نشيني حضرت ابوطالب جي حصي ۾ آئي.

## حضرت عبدالمطلب

هڪ دفعي هاشم تجارت سانگي شام ويو، رستي ۾ مديني (جيڪو ان وقت يثرب جي نالي سان منسوب هوندو هو) ۾ ترسيو. اتي سالانه بازار لڳندي هئي. بازار ۾ ويو ته اتي هڪ عورت ڏٺائين، سندس حسن ۽ شرافت ڏسي ساڻس نڪاح جي اميد دل ۾ جاڳي پيس. معلومات حاصل ڪيائين ته خبر پيس ته اها عورت بنو نجار جي خاندان سان تعلق رکي ٿي، سندس نالو سلمىٰ آهي. هاشم ساڻس نڪاح ڪيو. شادي ڪري ان بازار ختم ٿيڻ ڪان بعد شام ۾ تجارت لاءِ سفر تي روانو ٿيو. رستي ۾ بيمار ٿي پيو ۽ غزه ۾ سندس انتقال ٿي ويو. پنيان سندس گهر واري ڪي حمل ٿي ويو هو. انهيءَ حمل منجهان ڪيس پٽ پيدا ٿيو جنهن جو نالو شيبه رکيو ويو. شيبه 8 سالن تائين يثرب ۾ پرورش پاتي. هاشم جي

1. سورت القريش، آيت 2.

ڀاءُ مطلب کي جڏهن اهو احوال معلوم ٿيو ته پنهنجي ڀائٽي کي وٺي اچڻ لاءِ يثرب جو رُخ ڪيائين. سلمىٰ کي سندس آمد جي خبر پئي ته ڪيس ٽي ڏينهن مهمان ٿي رهڻ جو پيغام موڪليائين. ٽن ڏينهن کان بعد شيبه کي سندس همراهه ڪري موڪليائين. مڪي پهچي شيبه جو نالو عبدالمطلب پئجي ويو. ان باري ۾ به ڪافي اقوال مشهور آهن ته شيبه منجهان عبدالمطلب ڪيئن نالو پيو، پر سيني کان صحيح ۽ قرينه قياس اهو معلوم ٿئي ٿو ته شيبه يتيم هو، سندس پرورش ۽ پالنا مطِلب ڪئي جنهن جي ڪري عرب جي محاوري مطابق مطِلب جو غلام "حضرت عبدالمطلب" مشهور ٿي ويو. حضرت عبدالمطلب جي دور ۾ ئي ابرهه ڪعبت الله تي حملو ڪيو. هاٿين جو لشڪر ساڻ ڪري ڪعبت الله کي مسمار ڪرڻ جي نيت سان حملا آور ٿيو. الله تعالىٰ پنهنجي قدرت سان ابابيل (ننڍڙا پکي) ذريعي ڪيس شڪست ڏني. اهو واقعو محققين ۽ تاريخدانن جي قول موجب آقا ﷺ جن جي ولادت کان 50 يا 51 ڏينهن ڀهريان پيش آيو.

حضرت عبدالمطلب کي ڏهه پٽ ٿيا. پاڻ باس باسي هئائين ته اگر مون کي ڏهه پٽ ٿيا ۽ ڏهه ئي منهنجي زندگيءَ ۾ جوانيءَ کي رسيا ته انهن منجهان هڪڙو الله جي راهه ۾ قربان ڪندس. الله تعالىٰ ڪيس ڏهه پٽ ڏنا ۽ ڏهه ئي سندس زندگيءَ ۾ جوان ٿيا ته انهن منجهان هڪ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. ان وقت جي ڪاهن جي مشوري مطابق پٽن جا نالا لکي ڪُٺو وِڌائين ته حضرت عبدالله جو نالو نڪري آيو. حضرت عبدالله ڀائرن ڀينرن ۾ صورت ۽ سيرت جو به سهڻو هو. ڀينرن ۽ ڀائرن جو دادلو هئڻ ڪري سيني پنهنجي والد گرامي کي عرض ڪيو ته عبدالله جي بدلي ۾ ٻئي ڪنهن پٽ جو انتخاب ڪري قربان ڪريو. مگر حضرت عبدالمطلب اهو واعدي خلافي سمجهي صاف انڪار ڪيو. انهيءَ تي سندس ڀينرون روئڻ لڳيون، روئندي والد کي عرض ڪرڻ

لڳيون تہ پيلا ڏھہ اُٺ عبدالله جي بدلي ۾ قربان ڪريو. ڪاھن جي مشوري سان ڏھہ اُٺن ۽ حضرت عبدالله جي درميان ڪُڻو ڪيئائين. اتفاق سان وري بہ ڪُڻو حضرت عبدالله جي نالي نڪتو. وري بہ انھيءَ ڪاھن جي مشوري موجب ڏھن جي بجاءِ ويھہ اُٺ ۽ حضرت عبدالله جي درميان ڪُڻو وڌو. اتفاق سان وري بہ نالو حضرت عبدالله جو ئي نڪتو. اھڙي ريت ھر بار ڏھہ اُٺ وڌائي ڪُڻو ڪيو ويو. بالا آخر جڏھن ھڪ سؤ اُٺ ۽ حضرت عبدالله جي درميان قرعہ اندازي ٿي تہ اُٺن جو ڪُڻو نڪتو. انھن اُٺن کي حضرت عبدالله جي بدلي قربان ڪيو ويو. ھيءَ واقدي جي روايت آھي، ابن اسحاق روايت ڪري ٿو تہ اُٺن جو مشورو قريش جي سردارن ڏنو ھو.

حضور اڪرم ﷺ جن پاڻ فرمايو تہ مان ذبيحَين جو پٽ آھيان. يعني حضور اڪرم ﷺ جن جي آباء و اجداد ۾ بہ اھڙيون شخصيتون شامل آھن جن کي الله تعالىٰ جي نالي تي ذبح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر الله تعالىٰ پنھنجي ڪامل قدرت سان ڪين ذبح ٿيڻ کان بچائي دنبي ۽ اُٺن کي قربان ڪرايو. يعني حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ حضرت عبدالله بن عبدالمطلب. جڏھن حضرت عبدالله قربانيءَ کان بچي ويو تہ حضرت عبدالمطلب کي سندس شادي ڪرائڻ جو فڪر لاحق ٿيو. زھره قبيلي جي وھب بن عبدالمناف جي نياڻي حضرت آمنہ ان وقت قريش جي سيني خاندانن ۾ ممتاز ھئي. سندس تعلق بنو زھره سان ھو. ان وقت ھوءَ پنھنجي چاچي وھيب وٽ رھندي ھئي. حضرت عبدالمطلب وٽس پنھنجي پٽ حضرت عبدالله جي شاديءَ جو پيغام ڪٽي ويو جيڪو وھيب قبول ڪيو ۽ نڪاح ٿيو[1]. انھيءَ موقعي تي حضرت عبدالمطلب جو نڪاح وھيب جي نياڻي ھالہ سان ٿيو. حضرت حمزةؓ انھيءَ ھالہ جي بطن مبارڪ مان پيدا ٿيو. حضرت بيبي آمنہ ۽ ھالہ پاڻ ۾ سوٽ ھيون.

---

1. امير حمزه، رويي ميري حضور ﷺ کي، ص 28، لاھور، دارالاندلس 1430ھ

دستور موجب حضرت عبدالله ٽي ڏينهن ساهرن ۾ رهيو پوءِ واپس پنهنجي گهر موٽي آيو.

حضرت عبدالله تجارت لاءِ شام ويو، واپسيءَ ۾ مديني ۾ رهيو اتي بيمار ٿي پيو ۽ اتي ئي رهي پيو. اها خبر جڏهن حضرت عبدالمطلب کي پئي تہ پنهنجي وڏي پٽ حارث کي خبرگيريءَ لاءِ موڪليائين. هو جيئن ئي مديني ۾ پهتو تہ حضرت عبدالله جو انتقال ٿي چڪو هو.1 پاڻ سڀني خاندان جو ڇهيتو هو جنهن ڪري سندس انتقال سموري خاندان کي ڏاڍو ڏک رسايو. حضرت عبدالله پنج اُٺ، ٻڪرين جو هڪ ڌڻ ۽ هڪ ٻاندي حضرت برڪة (ام ايمنؓ) ميراث ۾ ڇڏيا جيڪي بعد ۾ آقا ﷺ جن کي وراثت ۾ مليا.

## ولادت قدسي

حضرت عيسىٰ عليه السلام بشارت ڏني هئي.

وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ؕ .2

انهيءَ جان آفرين بشارت جو ظهور حضرت بيبي آمنہ جي بطن مبارڪ منجهان مختلف قولن منجهان راجع قول موجب بروز سومر 22 اپريل 571ع پهرين عام الفيل يڪم جيٺ سمہ 628 بڪرمي صبح صادق جي وقت ابرهہ جي ڪعبت الله تي حملي ڪرڻ کان 50 يا 51 ڏينهن بعد مڪي شريف جي مشهور گهٽي سوق اليل ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام کان اندازًا ٽي هزار سال بعد جلوه افروز ٿيو. ابن خلدون ۽ علامہ طبري جي قول مطابق ولادت 12 ربيع الاول تي ٿي. ولادت کان فورًا بعد شقِ صدر (سينو مبارڪ چاڪ ڪرڻ) جو واقعو پيش آيو. پاڻ سڀڱورن جي

1. خليق احمد مفتي، سيرت النبي ﷺ، طبع اول، ص 36، متحده عرب امارات 2014

2. سورت الصف، آيت 6.

پيدائش وقت حضرت بيبي آمنہ کي قيصر ۽ ڪسرىٰ جا محلات ڏسڻ ۾ آيا.

## اسم گرامي

جنهن معصوم ٻارڙي جي آمد جو منتظر پوري خاندان سان گڏ پورو مڪو شريف هو جو نالو سندس ڏاڏي "محمّد" رکيو ۽ امڙ جيجل " احمد " رکيو.

حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي والدين جا اڪيلا ٻار هئا. والد محترم جو انتقال سندن پيدائش کان ڇهہ (6) مهينا اڳ ۾ ٿي چڪو هو. پنهنجي نوجوان پياري پٽ حضرت عبدالله جي يادگار جي منتظر پوڙهي پيءُ حضرت عبدالمطلب کي حضرت ام ايمنؓ جي زباني جيئن ئي انهيءَ يادگار جي پيدا ٿيڻ جي خبر پئي تہ گهر آيو ۽ اچي ٻارڙي کي کڻي سڌو ڪعبت الله ۾ ويو ۽ دعا گهري واپس آيو. پيدائش جي ستين ڏينهن قرباني ڪري قريش جي دعوت ڪئي. دعوت ڪائي ماڻهن پڇيو تہ اوهان ٻارڙي جو نالو ڇا رکيو آهي؟ حضرت عبدالمطلب وراڻيو تہ : "محمّد". اهو نالو ٻُڌي قريش تعجب ۾ چوڻ لڳا تہ توهان خاندان جي مروجہ سيني نالن کي ڇڏي هي نالو ڇو رکيو؟ ان سوال جي جواب ۾ وراڻيائين تہ : آءٌ چاهيان ٿو تہ منهنجو هي ٻچو دنيا جي تعريفن ۽ ساراهن جو مرڪز بڻجي.

حضرت ثويبہؓ جيڪا ابولهب جي باندي هئي، انهيءَ اچي ابولهب کي ڀائٽي جي پيدا ٿيڻ جي خوشخبري ٻُڌائي تہ ابولهب اها خوشخبري ٻُڌي حضرت ثويبہؓ آزاد ڪري ڇڏيو.

ولادت مبارڪ جي ٻئي ڏينهن تي يوسف نامي هڪ يهودي هن مقدس نونهال کي ڏسي چيو تہ هي ٻار نبي ٿيندو. ولادت جي ستين ڏينهن تي عقيقو (ڇنِي) ڏاڍي خوشيءَ سان ڪئي وئي.

## رضاعت

سڀ کان پهريان حضور اڪرم ﷺ جن کي سندن امڙ حضرت بيبي آمنہ پنهنجي ٿڃ پياري، انين ڏينهن ابولهب جي باندي حضرت ثويبهؓ کير پياريو،1 (جيڪا حضرت حمزهؓ جي پڻ رضاعي امڙ هئي) ۽ بعد ۾ حضرت خولهؓ ٿڃ پياري. انهيءَ کان بعد ٻهراڙيءَ جي خالص آبهوا، خالص کاڌ خوراڪ ۽ خالص ٻولي ڏيڻ لاءِ عرب شرفاء جي دستور موجب ڪين حارث جي گهر واري حضرت حليمہ سعديہؓ (امِ ڪبته) جنهن جو تعلق بنو هوازن سان هو جي حوالي ڪيو ويو. حضرت حليمہ سعديہ هر ڇهين مهيني حضور اڪرم ﷺ جن کي ڪٺي مڪي شريف ۾ حضرت بيبي آمنہ ۽ ٻين رشتيدارن سان ملائي موٽي ايندي هئي. ٻن سالن کان پوءِ حضور اڪرم ﷺ جن جو کير ڇڏايو ويو. جنهن کان پوءِ حضرت حليمہ سعديہؓ حضور اڪرم ﷺ جن کي ڪٺي حضرت بيبي آمنہ جي حوالي ڪيو. ان وقت ۾ مڪي شريف ۾ وبا ڦهليل هئي. جنهن ڪري حضرت بيبي آمنہ مڪي شريف جي آبهوا اجان پنهنجي هن دل جي ٽڪڙي لاءِ موافق نہ سمجهي واپس ڪيو تہ اجان ڪجهہ وقت ٻهراڙيءَ جي آبهوا ۾ پروش پائي. حضرت حليمہ سعديہؓ جي وڏي نياڻي شِيماء هئي، جنهن جي حضور اڪرم ﷺ جن سان تمام گهڻي انسيت هوندي هئي. شِيماء ئي حضور اڪرم ﷺ جن کي ڪٺي کيڏائيندي، کڏائيندي ۽ ڪارائيندي هئي.

هوازن جو قبيلو فصاحت ۽ بلاغت ۾ مشهور هو. ابن سعد طبقات ۾ روايت ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ جن فرمائيندا هئا تہ مان توهان سيني کان وڌيڪ فصيح تر آهيان. ڇو تہ مان قريش خاندان منجهان

---

1. محدث، شاهہ ولي الله دهلوي، سيرت الرسول ﷺ، متجم: خليفہ محمد عاقل، ص 13، ڪراچي، دارالاشاعت 1358

آهيان ۽ منهنجي زبان بنوسعد جي آهي. بنو سعد هوازن جي قبيلي کي چوندا آهن.

## رضاعي ڀائر ڀينرون

حضور اڪرم ﷺ جن کي حضرت حليمہ سعديہؓ ٻن سالن تائين پنهنجي ٿڃ پياريندي رهي. انهيءَ رشتي جي ڪري سندس اولاد حضور اڪرم ﷺ جن جا رضاعي ڀائر ۽ رضاعي ڀينرون بڻيو. حضرت حليمہ سعديہ کي چار ٻار هئا. عبدالله، انيسہ، حذيفہ ۽ حذافہ (شيماء). هنن رضاعي ڀائرن ۽ ڀينرن منجهان عبدالله ۽ شيماء رضي الله عنهما کي اسلام جي دولت نصيب ٿي باقين جي حال جي خبر نہ پئجي سگهي.

## امڙ جي آغوش ۾ پرورش

جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن جي عمر مبارڪ چار سال ٿي تہ حضرت حليمہ سعديہؓ ڪين واپس آڻي سندن امڙ جي حوالي ڪيو. حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي امڙ جي آغوش ۾ رهيا. جڏهن سندن عمر ڇهہ سال ٿي تہ سندن امڙ ڪين ساڻ ڪري پنهنجي ناناڻن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ مدينہ منوره سفر تي رواني ٿي. انهيءَ سفر ۾ حضرت ام ايمنؓ بہ ساڻن گڏ هئي. مديني شريف ۾ هنن دارالنابغہ ۾ قيام ڪيو. مديني کان واپسيءَ جي سفر تي حضرت بيبي آمنہ جي طبيعت خراب ٿي پئي ۽ ” ابواء “ جي مقام تي پهتا تہ حضرت بيبي آمنہ جي وفات ٿي وئي.[1] اتي ئي ڪيس دفن ڪيو ويو. حضرت ام ايمنؓ حضور اڪرم ﷺ جن کي ساڻ ڪري واپس مڪي شريف آئي. حضور اڪرم ﷺ جن جي نانيءَ جو نالو امِ حبيبہ ۽ ڏاڏيءَ جو نالو فاطمہ هو.

---

1. ندوي، سيد ابوالحسن علي، مولانا، نبي رحمت ﷺ، ص 131، ڪراچي، مجلس تعليمات اسلام 1980

## حضرت عبدالمطلب جي پرورش ۾

امڙ سائڻ جي وفات ڪان بعد پاڻ سڳورن ﷺ جن کي سندن ڏاڏي حضرت عبدالمطلب پاليو. حضرت عبدالمطلب پنهنجي ڇَهِيتي پٽ جي يادگار ڪي ساهه ۾ سانڍي سندس تربيت ڪرڻ لڳو. اڪثر اوقات پنهنجي هن معصوم ٻچي کي پاڻ سان گڏ ويهاريندو هو. پنهنجي ڏاڏي جا ايترا دادلا هئا جو سندس مسند تي بلا تڪلف ويهي رهندا هئا. حضرت عبدالمطلب جي لاءِ ڪعبت الله جي ديوار سان متصل هڪ چٽائي وڇائي ويندي هئي، جنهن تي پاڻ ويهندو ۽ سندس پٽ ان جي ڪنارن تي ويهي رهندا هئا، مگر حضور اڪرم ﷺ جن بلا تڪلف پنهنجن چاچن کي اورانگي ڏاڏي جي هنج ۾ ويهندا هئا. شروع ۾ ڪئي چاچن کين ڏاڏي جي هنج ۾ ويهڻ کان روڪيو پر حضرت عبدالمطلب کين اشاري سان روڪي پنهنجي پياري پوٽي کي پاڻ سان گڏ ويهاريندو هو. حضرت عبدالمطلب پنهنجي پوٽي جي چيلهه تي هٿ ڦيريندو ۽ چوندو هو تہ هي منهنجو پٽ وڏو ماڻهو ٿيندو، سندس خاص شان هوندو.1 ڏاڏي سائين سان ڪيڏندي لاڏ ڪوڏ ڪندي اجان ٻہ سال ئي مس گذريا تہ 580ع ۾ حضور اڪرم ﷺ جن کي پنهنجي ڏاڏي سائين جي جدائيءَ جو بہ غم برداشت ڪرڻو پيو. حضرت عبدالمطلب پنهنجي وفات کان پهريان پنهنجي هن جگر جي ٽڪڙي جي پرورش ۽ نگرانيءَ جو ذمو پنهنجي پٽ حضرت ابوطالب جي حوالي ڪري کيس نصيحت ڪئي. حضرت ام ايمنؓ چوندي هئي تہ ان ڏينهن مون ڏٺو تہ جنازي جي پٺيان محمّد (ﷺ) روئندو وڃي رهيو هو. جڏهن خود حضور اڪرم ﷺ جن کان پُڇيو ويو تہ ڇا توهان کي پنهنجي ڏاڏي جي وفات ياد آهي؟ فرمايائون تہ چڱي نموني ياد آهي، منهنجي عمر ان وقت اٺ (8) سال هئي.

---

1. سيد، محمد ميان، سيرت مبارڪ محمد رسول الله ﷺ، ص 179،

## حضرت ابوطالب جي سرپرستيءَ ۾

حضرت ابو طالب ۽ زبير حضرت عبدالله جا سڳا ڀائر (ٽنهي جي امڙ ساڳي هئي) هئا. حضرت ابو طالب پنهنجي مرحوم ڀاءُ جي هن نشانيءَ جي پنهنجي والد محترم جي نصيحت مطابق اهڙي ته تربيت ڪيائين جو ان جو مثال مشڪل سان ملندو. ڪثير العيال هوندي به حضور اڪرم ﷺ جن تربيت ۽ پالنا جو حق افضل طريقي سان ادا ڪيائين. حضرت ابوطالب پنهنجي هن ڀائٽي کي پنهنجي اولاد کان به وڌيڪ پيار ڏنو ۽ سندس تربيت پنهنجي اولاد کان وڌ ڪيائين. ڪيس هر وقت پاڻ سان گڏ رکندو هو، حتىٰ ڪہ سمهڻ وقت به پاڻ سان گڏ سمهاريندو هئس. پنهنجي اولاد کان به وڌيڪ پنهنجي ڀائٽي جي پرواهہ ڪندو هو. سندس گهر واري فاطمہ بنت اسد به حضور اڪرم ﷺ جن کي پنهنجي اولاد کان وڌ ڀانئيندي هئي. حضرت ابوطالب حضرت عبدالمطلب کان بعد قريش ۾ سيني کان وڌيڪ معزز، مڪرم ۽ اثر رسوخ وارو هو. ڀائرن ۾ به سندس شان شوڪت سيني کان مٿي هو، باقي مال ۽ دولت جي اعتبار سان ٻيا ڪانئس ڪافي مٿي هئا.

## بحيره راهب سان ملاقات

قريش جي دستور موجب حضرت ابوطالب به تجارت ڪندو هو. جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن جي عمر ٻارهن (12) سال ٿي ته حضرت ابوطالب تجارت سانگي شام جي سفر لاءِ تياري ڪئي. سندس ڪجهہ وقت جي دوري حضور اڪرم ﷺ جن کي گوارا نہ ٿي، جنهن ڪري پاڻ پنهنجي چاچي کي چنبڙي پيا. حضرت ابوطالب به دل هاري وينو، آخر دل هٿان مجبور ٿي هن سفر ۾ پنهنجي هن ڇهيتي ڀائٽي کي به ساڻ ڪيائين. هن سفر ۾ بصرىٰ ۾ پهتا ته هڪ عيسائي راهب جي خانقاهہ وٽ

پڙاءُ وڌائون. ان عيسائي پادري جو نالو بحيره (جرجيس) هو.[1] اتفاق سان جنهن وقت هي تجارتي قافلو وادي ۾ داخل ٿي رهيو هو ته ان وقت هو چرچ جي بالڪنيءَ ۾ چهل قدمي ڪري رهيو هو. جڏهن سندس نظر هن قافلي تي پئي ته هن جيڪي منظر پنهنجي اکين سان ڏٺا انهن کيس هن قافلي جي مهمان نوازي ڪرڻ تي مجبور ڪيو. راهب حضور اڪرم ﷺ جن کي ڏسي حضرت ابوطالب کي ٻڌايو ته هي معصوم ٻار نبي مَوعود ٿي آهي. هن معصوم کي يهودين جي علائقي نه وٺي وڃو، مباده هو کيس سجاڻي ڪٿي کو نقصان رسائڻ جي ڪوشش نه ڪن. اها ڳالهه ٻڌي ڪانئس ان جو سبب پُڇيو ته توهان ڪيئن نبي موعود هئڻ جي دعوىٰ ڪريو ٿا؟ اهو ٻُڌي وراڻيائين ته مون ڏٺو ٿي ته جڏهن توهان وادي ۾ داخل ٿيا ته ان وقت هن معصوم ٻالڪ مٿان بادل جو سايو هو، هر وڻ ۽ پٿر سجده ريز هو. هن منجهه مون کي نبوت جا اهي آثار ۽ نشان نظر اچن ٿا جيڪي اسان جي ڪتابن ۾ موجود آهن. اها ڳالهه ٻُڌڻ کان بعد هن شفيق چاچي حضور اڪرم ﷺ جن کي بصرىٰ کان ئي واپس موٽائي ڇڏيو.

## حرب فجار ۾ شرڪت

عربن ۾ اسلام جي آغاز تائين ختم نه ٿيندڙ لڙائين جو هڪ سلسلو سالن ۽ صدين کان وٺي جاري هو. انهن سڀني جنگين ۾ هيءَ جنگ فجار سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ خطرناڪ هئي. هيءَ لڙائي قريش ۽ قيس جي قبيلن جي درميان هئي. هن جنگ جي خاطر قريش جي هرهڪ خاندان پنهنجون الڳ الڳ فوجون ناهيون هيون. هاشم جي خاندان جو علم بردار زبير بن عبدالمطلب هو ۽ حضور اڪرم ﷺ جن به انهيءَ ٽولي ۾ شامل هئا. ڏاڍي زور جي لڙائي ٿي. پهريان قيس ۽ پوءِ قريش

1. مبارڪپوري، صفي الرحمان، مولانا، الرحيق المختوم اردو، ص 89، لاهور مڪتبة السلفية 2000

غالب آيا. آخرڪار ٻالهه صلح ڪرڻ تي ختم ٿي. هن لڙائي ۾ قريش جو سپه سالار حرب بن اميه حضرت ابو سفيانؓ جو والد هو. هن جنگ ۾ قريش حق تي هئا جنهن ڪري حضور اڪرم ﷺ جن به 15 سالن جي عمر ۾ هن جنگ ۾ شامل ٿيا. هن جنگ کي حرب فجار انهيءَ ڪري چون ٿا جو هيءَ لڙائي حرمت وارن انهن مهينن ۾ وڙهي وئي جن ۾ جنگ ڪرڻ ناجائز هئي. هن لڙائي ۾ سوين گهر اجڙيا ۽ قتل و غارت ڪيتريون ئي جهوليون خاليون ڪري ڇڏيون هيون. هيءَ خون ريز لڙائي 4 سال جاري رهي.

## حلف الفضول

هن لڙائي ۾ موت جو کيل ڏسي ڪجهه اصلاح پسند ماڻهن جي دل ۾ صلح ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي. انهيءَ لاءِ هڪ تحريڪ هلائي صلح جو رستو هموار ڪيو ويو. ماڻهو جنگ فجار کان جيئن ئي واپس آيا ته انهن زبير بن عبدالمطلب جيڪو حضور اڪرم ﷺ جن جو چاچو هو ۽ پنهنجي خاندان جو سرگنا هو کي تجويز پيش ڪئي. هاشم، زهره ۽ تميم خاندان عبدالله بن جدعان جي گهر ۾ جمع ٿيا ۽ معاهدو ٿيو ته اسان منجهان هر شخص مظلوم جي حمايت ڪندو ۽ ڪوبه ظالم مڪي ۾ نه رهندو. حضور اڪرم ﷺ جن ان معاهدي ۾ شريڪ هئا ۽ نبوت جي دور ۾ فرمائيندا هئا ته "ان معاهدي جي مقابلي ۾ اگر مون کي سرخ رنگ جا اُٺ به ڏنا وڃن ها ته به مان نه بدليان ها ۽ اڄ به اهڙي معاهدي لاءِ ڪير به سڏي ته مان حاضر آهيان."[1]

هن معاهدي کي حلف الفضول ان ڪري چوندا آهن جو سڀ کان پهريان جن جن ماڻهن جي دل ۾ هن معاهدي جو خيال آيو انهن جي نالن

---

1. اسرار احمد، ڊاڪٽر، رسول ڪامل ﷺ،ص 31، بار اول تا بار هفتم، 1983 تا 1995، لاهور مرڪزي انجمن خدام القرآن

۾ فضيلت جو مادو داخل هو. يعني فضيل بن حرث، فضيل بن واعہ ۽ مفضل. هي ماڻهو جرهم ۽ قطوار قبيلي جا هئا. اهو معاهدو تہ بيڪار رهجي ويو جو ڪنهن کي بہ ياد بہ نہ رهيو، چنانچہ قريش نئين سر ان جو بنياد وڌو. هن نيڪ نيت ماڻهن کي ان جو ثمر اهو مليو جو اڄ بہ صديون گذرڻ باوجود انهن جا نالا يادگار رهجي ويا. هن حلف الفضول جو معاهدو هنن ڳالهين تي ٿيو:

1. اسان مظلوم جي مدد ڪنداسين، اهو چاهي مڪي شريف جو باشندو هجي يا نہ هجي ۽ ڪنهن بہ ظالم کي مڪي شريف ۾ رهڻ نہ ڏنو ويندو.
2. اسان يتيمن ۽ بيواهن جي مدد ۽ ديک ڀال ڪنداسين.
3. اسان پاڻ ۾ لڙائي کان روڪينداسين.

## تجارت

حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي چاچي حضرت ابوطالب سان پنهنجي بچپن ۾ ڪافي دفعا تجارت جي سفر ۾ شريڪ رهيا. انهن تجارتي سفرن منجهان ڪافي تجربو حاصل ڪري ورتائون. پاڻ سڳورن ﷺ جن جي حسن معامله جي شهرت هر طرف ڦهلجي چُڪي هئي. ماڻهو خاص ڪري پنهنجو سرمايو ڪنهن تجربيڪار ۽ امين ماڻهو جي هٿن ۾ ڏئي ڪيس پنهنجي منافعي ۾ حصيدار بڻائيندا هئا. حضور اڪرم ﷺ جن جڏهن جوان ٿيا تہ ڪين سڀ کان پهريان تجارت ڪرڻ جو خيال آيو. حضور اڪرم ﷺ جن کي بہ اهڙيون پيش ڪشون ٿينديون رهيون جن کي پاڻ خوشيءَ سان قبول فرمائيندا هئا. جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن تجارت جي ميدان ۾ آيا تہ سندن تعلقات بہ وسيع ٿيڻ لڳا. ماڻهن سان مالي معاملات ٿيڻ ڪري ۽ ميل ملاقات سبب ماڻهن کي ڪين پرکڻ

جو موقعو مليو. حضور اڪرم ﷺ جن شام طرف پنهنجو ٻيو تجارتي سفر 24 سالن جي عمر ۾ ڪيو.

## صادق ۽ امين جو لقب ملڻ

جن ماڻهن پاڻ سڳورن ﷺ جن کي ويجهي کان ڏٺو اهي ئي پاڻ سڳورن ﷺ جن جا وڏيڪ گرويده ٿيا. ڏهه ٻارهن سالن جي عرصي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو ڪردار، امانتداري، ايمانداري ۽ سچائي ڪين پنهنجو اهڙو ته زرخريد ڪري ڇڏيو جو هو پاڻ سڳورن ﷺ جن جو نالو ڪڻڻ گواره نه ڪندا هئا، بلڪ سندن نالو ڪڻڻ بي ادبي سمجهندا هئا. مڪي شريف جا وڏا وڏا تاجر ۽ سيٺ جن کي پنهنجي دولت تي ناز هوندو هو، جن کي پنهنجي بين الاقوامي تعلقات تي فخر هوندو هو، سندن تجارتي قافلا شام، يمن ۽ فارس وغيره تجارت سانگي ويندا رهندا هئا، افريقا جي بازارن ۾ سندن خريد و فروخت ٿيندي رهندي هئي، انهن ملڪن جي شاهوڪار، آفيسرن ۽ بادشاهن سان سندن مراسم ۽ ڄاڻ سڃاڻ هوندي هئي، هو ڪانئن پنهنجي ڳالهه مڃرائي سگهن پيا، ان وقت جي مشاعرن ۾ سندن فخريہ قصيده عام پڙهيا ويندا هئا، انهن مشاعرن ۾ سندن عظمت ۽ وڏائي جا گيت ڳايا ويندا هئا، انهن گيتن جو ٿوڙ ڪرڻ وارن سان وڙهي پوندا هئا، ايتري تائين جون تلوارون مياڻن منجهان نڪري اينديون هيون، انهن فاخر ۽ خود پست تاجرن ۽ سيٺين کي به حضرت عبدالله جي هن دُر يتيم ﷺ پنهنجي غير معمولي سچائي ۽ ديانتداري سان پنهنجو گرويده ڪري ڇڏيو جو هو به متاثر ٿي " الصادق" ۽ "الامين" ئي چوندا هئا ۽ اهي به نالو ڪڻڻ کي بي ادبي سمجهندا هئا. الامين ۽ الصادق جا ٻئي نالا هر زبان تي اهڙا ته زد عام ٿيا جو انهن قومي لقب جي حيثيت اختيار ڪري ورتي. حضور اڪرم ﷺ جن کي " الصادق " جو لقب 35 سالن جي عمر ۾ مليو.

انهن ڏينهن ۾ ئي پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪيترن ئي قبيلن جي سردارن ۽ معزز ماڻهن کي ملڪ جي بدامني، رستن جون خطرناڪيون، مسافرن جو لُٽجڻ، غريبن تي ڏاڍن جو ظلم بيان ڪري سيني جي انهن ڳالهين طرف توجهه ڪرائي. ان محنت جي نتيجي ۾ هڪ انجمن قائم ٿي، جنهن ۾ بنو هاشم، بنو المطلب، بنو اسد، بنو زهره ۽ بنو تميم شامل ٿيا. ان انجمن ۾ هيٺيان عهد ڪيا ويا. ” اسان ملڪ منجهان بدامني دور ڪنداسين، اسان مسافرن جي حفاظت ڪنداسين، اسان غريبن جي مدد ڪندا رهنداسين ۽ اسان زبردست کي زير دست مٿان ظلم ڪرڻ کان روڪينداسين. اهڙن سماجي ۽ فلاحي ڪمن جو ٻه ڪين صادق ۽ امين چورائڻ ۾ گهڻو عمل دخل آهي.

## حضرت خديجهؓ سان نڪاح

مڪي شريف جي نهايت شريف خاندان جي هڪ بيواهه عورت خديجهؓ بنت خويلد بن ياسر هئي. پاڻ ڪافي مالدار عورت هئي، هوءَ پنهنجو پئسو تجارت ۾ لڳائيندي هئي. حضرت خديجهؓ حضور اڪرم ﷺ جن جون خوبيون ۽ وصفون ٻُڌيون هيون. انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سچائي، ديانت داري ۽ سليقه شعاري بابت معلومات حاصل ڪري پاڻ ئي حضور اڪرم ﷺ جن کي پنهنجي پئسي تي تجارت ڪرڻ جي درخواست ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ جن سندس اها درخواست خوشي خوشي منظور ڪئي. حضور اڪرم ﷺ سندس مال تجارت ڪٺي شام طرف روانا ٿيا. سفر جي دوران جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ شام جي شهر بصرىٰ پهتا ته ڪجهه دير آرام ڪرڻ لاءِ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي رهيا. اتي نسطورا نالي هڪ راهب رهندو هو. اهو حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته عيسىٰ بن مريم عليه السلام کان پوءِ اڄ تائين هن وڻ هيٺ توهان کان علاوه ٻيو ڪوبه نه لٿو

آهي، چو تہ هن وڻ جي هيٺان نبين کان علاوه ٻيو ناهي ترسندو. پوءِ هن حضور اڪرم ﷺ جن کي ويجهو کان ڏاڍي غور سان ڏٺو، پاڻ سڳورن ﷺ جن جي نيڻن منجهہ لالي ڏسي چوڻ لڳو تہ ” هي اهو ئي نبي آهي، هي آخري نبي آهي.“[1] ان تجارتي سفر ۾ حضرت خديجہؓ جو غلام ميسره بہ ساڻن همسفر هو. ان تجارت ۾ ڪافي سُٺي بچت ٿي. تجارتي سفر کان واپسيءَ تي غلام ميسره جيڪي خوبيون پاڻ سڳورن ﷺ جن ۾ پنهنجي اکين سان ڏٺيون سي حضرت خديجہؓ سان بيان ڪيائين. پهريان سندن ڪردار ۽ سچائي جا چرچا ٻُڌا هئائين پر غلام ميسره نہ صرف پاڻ سڳورن جي ايمانداري بيان ڪئي بلڪ سندن اخلاق جي بہ اهڙي تعريف ڪئي. اها تعريف ٻُڌڻ کان بعد پاڻ ئي حضور اڪرم ﷺ جن ڏانهن حضرت نفيسا جيڪا سندس سهيلي هئي جي هٿان پنهنجي نڪاح جو پيغام موڪليائين. حالانڪ انهيءَ کان پهريان پاڻ مڪي جي وڏن وڏن سردارن ۽ امير ماڻهن جي موڪليل نڪاح جي پيغامن کي انڪار ڪري چُڪي هئي. بصريٰ کان تجارتي سفر جي واپسي کان ٽي مهينا گذرڻ بعد حضرت خديجہؓ نڪاح جو پيغام موڪليو. حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي چاچي حضرت ابو طالب سان انهيءَ باري ۾ مشورو ڪيو. سندس مشوري موجب انهيءَ رشتي لاءِ حامي ڀري ۽ سندن نڪاح ٿيو.[2] حضور اڪرم ﷺ جن جو هي پهريون نڪاح سندن چاچي حضرت ابوطالب پڙهيو. ان وقت حضور اڪرم ﷺ جن جي عمر پنجويهہ (25) سال هئي ۽ حضرت خديجہؓ جي عمر چاليهہ سال هئي، سندس هي ٽيون نڪاح هو ۽ ڪيس پهرين مڙسن منجهان اولاد پڻ هو.

1. محمد عبدالقوي، مولانا، ذڪر حبيب ﷺ، ص 35، حيدرآباد، برڪات بڪ ڊيپو

2. ٿانوي، اشرف علي، مولانا، نشر طيب في ذڪر النبي الحبيب ﷺ، طبع اول، ص 39، لاهور، مشتاق بوڪ ڪارنر 2003

هن اڏروت عمر جي عورت ۽ حسن جمال جي پيڪر، ڦوهه جواني واري جوڏي، جسماني صحت ۾ تمام عمده، شڪل و صورت بي مثال، اخلاق ۽ عادت ۾ پوري مڪي شريف جو قيمتي هيرو، وٽس دولت ۽ مال ملڪيت جا ڪي انبار ته نه هئا مگر پاڻ ڪامياب تجارت ۾ اهڙو ته نالو پيدا ڪري چڪو هو جو سندس مقابلي ۾ دولت، شهرت ۽ ثروت ڪا خاص اهميت نه پئي رکي، مڪي شريف جي سيني خاندانن ۾ سيني ڪان شريف گهراڻي جي امين ۽ صادق نوجوان جي شادي بظاهر بي جوڙ نظر اچي ٿي، ان بيواهه جي رشتي ۾ ڪافي دلچسپيون ٿي سگهن پيون، جيئن هو دولتمند هئي، معزز ۽ شريف خاندان جي شريف زادي هئي، ڪافي عقلمند ۽ سليقه شعار هئي، مگر ٻئي طرف جنهن خوددار نوجوان پنهنجي زندگي خود ٺاهي، جنهن نانڍپڻ ۾ به گوارا نه ڪيو ته سندس بار ڪنهن ٻئي تي پوي، ڪنهن به عورت جي دولت ۽ شهرت سندس غيرت ۽ خودداريءَ لاءِ هڪ چئلينج ته ٿي سگهي ٿي پر دلچسپي ۽ ڪشش جو سبب نه ٿي بڻجي سگهي. البته نيڪ نيتي، نيڪ نفسي، راست بازي، ايمانداري، امانتداري، سچائي ۽ خلق خدا سان همدردي اهڙيون صفتون آهن جيڪي انهيءَ ظاهري دولت کان وڌيڪ آهن. حضور اڪرم ﷺ جن جي ذات ته سُنين صفتن ۽ وصفن جو اڻ کُٽ خزانو هئي ۽ هيءَ نيڪ سيرت ۽ نيڪ نفس عورت جيڪا دنيا جون تقريبًا سڀ بهارون ڏسي چُڪي هئي اها انهن صفتن جي قدردان هئي. مطلب ته هڪ طرف جوهر هو ته ٻئي طرف جوهري هو. ان جو نتيجو بعد ۾ بلڪل عيان ٿيو ته هيري جو قدر جوهري خوب سڃاتو ۽ پنهنجي اندازي موجب سؤ سيڪڙو ڪامياب رهيو. بظاهر هي بي جوڙ نظر ايندڙ رشتو اهڙو ته مبارڪ ثابت ٿيو جو خاندان ۽ گهر وارا سڀ رشڪ ڪندا هئا. خود پاڻ سڳورنﷺ جون اهي گهر واريون جيڪي بعد ۾ سندن حرم ۾ داخل ٿيون، جڏهن آقا ﷺ جي زباني حضرت خديجهؓ جون

تعريفون ٻُڌيون هيون ته ڪين دنيا منجهان رخصت ٿيل ان گهرواريءَ مٿان به رشڪ ٿيڻ لڳندو هو.

شادي کان بعد تجارت يا ڪاروبار جي طرف ڪو خاص ڌيان نه ڏنو باقي قوم جي خدمت، ماڻهن سان همدردي، خدا پرستي ۽ خدا ترسي واري خوبين ۾ اڄان به وڌيڪ اضافو ٿيندو رهيو. اهي ئي وصفون هيون جيڪي حضرت خديجهؓ کي حضور اڪرمﷺ جن ڏانهن ڪشش جو سبب بڻيون انهن ۾ اضافي جي ڪري سندس گرويدگي ۾ پڻ اضافو ٿيندو رهيو. حضرت خديجهؓ نه صرف پاڻ سڳورن ﷺ جي خانگي زندگيءَ ۾ رفيقه حيات بڻي پر قومي، ملي ۽ سماجي خدمتن ۾ به رفيقه حيات، ساٿي هٿ مٺل ۽ هڪ بهترين دوست جيان ساٿ ڏيندي رهي. حضور اڪرم ﷺ جن جي ذات مٿان حضرت خديجهؓ جو ڪو مال ملڪيت خرچ نه ٿيو پر قومي خدمت ۾ سندس پوري ملڪيت خرچ ٿي وئي جيڪا پاڻ دل جي خوشيءَ سان خرچ ڪندي رهي. هيءَ ملي خدمت ايتري پئماني تي ٿي جو حضرت خديجهؓ جي وفات وقت هن گهراڻي جو شان فقر ۽ فاقه ئي رهيو. پنهنجي ساري جيون پُونجي رب جي رضا خاطر عوام مٿان لُٽائڻ هن گهر جو شيوا رهيو. حضور اڪرم ﷺ جن فرمائيندا هئا ته ماڻهن مون کي امداد کان محروم رکيو، خديجه منهنجي مدد ڪئي، ماڻهن مون کي انڪار ڪيو مگر خديجه هر موقعي تي منهنجي تصديق ڪندي رهي ۽ منهنجي همٿ وڌائيندي رهي.

حضرت خديجهؓ پنجويهه (25) سالن کان به ڪجهه وڌيڪ عرصو آقا ﷺ جن سان سندن زوجيت جي شرف هيٺ گذاريو. حضور اڪرم ﷺ جن کي سندس بطن مبارڪ منجهان ڇهه (6) ٻار ٿيا. ٻه پٽ حضرت قاسم ۽ حضرت عبدالله (طاهر) جيڪي ننڍپڻ ۾ هن دار فاني مان ڪوچ ڪري دارالبقا جي طرف راهي ٿيا ۽ چار نياڻيون حضرت زينب، حضرت رقيه، حضرت ام ڪُلثوم ۽ حضرت بيبي فاطمه رضي الله عنهم اجمعين.

حضرت قاسمؓ جي ڪري حضور اڪرمﷺ جن جي ڪنيت ابوالقاسم مشهور ٿي. پڻ ته ٻچپن ۾ دنيا منجهان رخصت ٿي ويا پر چارئي نياڻيون جوان ٿيون ۽ سندن شاديون به ٿيون. حضور اڪرم ﷺ جن جي وصال کان پهريان ئي سيني صاحبزادين جي به وفات ٿي وئي سواءِ هڪ صاحبزادي خاتون جنت حضرت فاطمة الزهراؓ جي. حضور اڪرمﷺ جن جي اولاد منجهان حضرت ابراهيمؓ کان علاوه (هي فرزند حضرت ماريه قبطيهؓ جي بطن مبارڪ منجهان هص) سيني ٻارن جي امڙ حضرت خديجة الڪبراؓ ئي هئي. هن زوجه مطهره سان شادي ڪيتري قدر قابل رشڪ رهي انهيءَ جو اندازو هر مسلمان ڪري سگهي ٿو. حضرت خديجهؓ به زوجه مطهره ۽ ام المومنين جي اعزاز سان مشرف رهي. هن زوجه مطهره جيڪي قربانيون ۽ ايثار حضور اڪرم ﷺ جن لاءِ پيش ڪيا اهڙو اعزاز ٻئي ڪنهن زوجه مطهره جي مقدر ۾ نصيب نه ٿيو.

## ڪعبت الله جي تعمير

ڪعبت الله جي ديوار ماڻهوءَ جي قد برابي مٿي هئي ۽ ڇتيل به نه هئي. عمارت هيناهين ۾ هجڻ ڪري برساتن جي مند ۾ پوري شهر جو پاڻي حرم ۾ جمع ٿي ويندو هو. ڪعبت الله جي عمارت ته مٿاهين تي نهيل هئي مگر چوگرد پاڻي بيهي وجڻ ڪري ان عمارت کي بار بار نقصان پهچندو رهيو. جڏهن حضور اڪرمﷺ جن جي عمر 35 سال ٿي ته ان سال مڪي ۾ تمام گهڻي برسات پوڻ ڪري ٻوڏ جي صورتحال پيدا ٿي. انهيءَ ٻوڏ مڪي جي ڪافي عمارتن کي نقصان رسايو جن ۾ ڪعبت الله جي عمارت پڻ شامل هئي. انهيءَ ڳالهه کي نظر ۾ رکندي اهو فيصلو ڪيو ويو ته موجوده عمارت کي مسمار ڪري ڪعبت الله جي نئين سر تعمير ڪئي وڃي. ڪعبت الله کي الله تعاليٰ جو گهر تصور ڪيو ويندو هو جنهن ڪري ڪعبت الله جي ديوار کي مسمار

ڪري نئين سر تعمير ڪرڻ لاءِ ڈاهڻ ڪان سڀ ڊڄڻ لڳا. آخرڪار وليد بہ نوفل همٿ ڪري ڪعبت الله جي عمارت کي ڈاهڻ شروع ڪيو. جڏهن ٻين ماڻهن ڏٺو تہ وليد بن نوفل کي ڪو نقصان ناهي رسيو تہ هو بہ سندس مدد ڪرڻ لڳا. انهيءَ عمارت جي بناوٽ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ڪعبت الله جي تعمير هر صورت ۾ حلال ڪمائي خرچ ڪري عمارت جوڙي ويندي. ان وقت حسن اتفاق سان جده جي بندرگاهہ وٽ هڪ تجارتي جهاز ڪناري سان ٽڪرائجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. قريش کي جڏهن اها خبر پئي تہ وليد بن مغيره جده پهچي ان جهاز جا تختا خريد ڪيا. جهاز ۾ هڪ رومي معمار (رازو) باقوم نالي سان هو، وليد ان کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي آيو. قريش جي سيني خاندانن گڏجي تعمير شروع ڪئي، مختلف خاندانن عمارت جا مختلف حصا پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا تہ جيئن ڪوبہ خاندان هن تعمير جي شرف ڪان رهجي نہ وڃي. عمارت جڙي راس ٿي تہ حجر اسود تي پاڻ ۾ اختلاف ٿي پيو. هر ماڻهو ان ڳالهہ جو خواهان هو تہ اها نعمت ڪيس نصيب ٿئي ۽ حجر اسود سندس هٿ سان لڳائڻ جو شرف ڪيس نصيب ٿئي. عربن ۾ اهو رواج هوندو هو تہ جڏهن ڪو ماڻهو جان ڏيڻ جو قسم کڻندو هو تہ ڪنهن پيالي ۾ رت پري ان ۾ آڱريون ٻوڙيندو هو. ان موقعي تي بہ ڪجهہ ماڻهن اهڙي قسم جي قسمائتي رسم ادا ڪئي. چار ڏينهن تائين اهو جهيڙو هلندو رهيو. پنجين ڏينهن تي ابو اميہ بن مغيره مخزومي جيڪو ان وقت قريش ۾ سيني ڪان عمر رسيده هو، هي ام المومنين حضرت ام سلمیٰ[1] جووالد هو، قريش جي نهايت معزز ماڻهن ۾ سندس شمار ٿيندو هو، مسافرن کي سفر جو سامان ۽ ڪارائڻ ۾ تمام گهڻو مشهور هو، جڏهن بہ سفر ڪندو هو تہ پنهنجي ساٿين جي کاڌي پيتي جو سامان بہ پاڻ ڪندو

هو.[1] ان اهو مشورو ڏنو تہ سڀاڻي صبح جو جيڪو شخص سڀني کان اڳ ۾ اچي اهو منصف يا ثالث مجيو وڃي، سڀني کي اها راءِ پسند آئي ۽ سڀني ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو. ٻئي ڏينهن سڀني خاندانن جا معزز ماڻهو انهيءَ جاءِ تي پهتا. الله تعالىٰ جي قدرت سان ماڻهن جي نظر صبح جو سڀ کان پهريان جنهن تي پئي اهو جمال جهان تاب چهرو امام الانبياءِ حضور اڪرم ﷺ جن جو هو. ماڻهن جي مٿن نظر پوندي ئي نعرو لڳو تہ "هٰذا الامين رضيناه". يعني امين اچي ويو، اسان سڀ سندس فيصلي تي رضامند آهيون. بيشڪ هي انهيءَ لائق آهي جو هن معاملي کي سلجهائي سگهي. انهيءَ وقت حضور اڪرم ﷺ جن جي عمر پنجٽيهہ (35) سال هئي. حضور اڪرم ﷺ جن هڪ چادر وڇائي ان تي حجر اسود رکيو ۽ فرمايو تہ سڀني دعويدار خاندانن جا چڱا مڙس چادر جي ڪندن کان پڪڙي مٿي کڻن، ايئن ڪيو ويو، جڏهن پٿر مطلوبہ جڳهہ تي آندو ويو تہ حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان کڻي حجر اسود کي نصب ڪيو. اهل علم انهيءَ فيصلي لاءِ فرمائن تي حضور اڪرم ﷺ جن جو اهو عمل ۽ پنهنجي هٿ سان حجر اسود نصب ڪرڻ ان ڳالهہ طرف اشارو هو تہ دين الاهي جي عمارت جو آخري پٿر بہ سندن مبارڪ هٿن سان نصب ڪري پوري ڪئي ويندي. اهڙي طرح حسن تدبير سان هڪ خونخوار لڙائي جو سد باب ڪيو ويو. ڪعبت الله جي عمارت کي ڇت لڳائي وئي. تعمير جي سامان جي کوٽ هئڻ ڪري ڪعبت الله جي عمارت کي هڪ طرف کان اصل بنياد ڇڏي تعمير ڪيو ويو. ان ڇڏيل جاءِ تي ننڍي ديوار ڏني وئي تہ ٻئي موقعي تي انهيءَ حصي کي بہ ڪعبت الله جي عمارت ۾ شامل ڪيو ويندو. اها ديوار جي اندر واري حصي کي اڄ ڪلهہ بہ حطيم جي نالي سان سڏيو

1. فاراني، عبدالله، سيرت النبي ﷺ قدم بقدم، ج 1، ص 98، ڪراچي، ايم آئي ايس پبلشرز 2008.

وجي ٿو. ان حطيم جي باري ۾ حضور اڪرم ﷺ جن نبوت ملڻ کان بعد ان ديوار کي مسمار ڪري ڪعبت الله جي اندر داخل ڪرڻ جو ارادو فرمايو هو مگر بعد ۾ اهو خيال آيو تہ نوان مسلمان ڪعبت الله کي ڍاهڻ سان بدگمان ٿي پوندا، انهيءَ ڪري انهيءَ ارادي کان دست بردار ٿي ويا.

## خاص احباب

دوست انسان جي سڃاڻپ ٻٽبا آهن، انسان جي عمل ۽ ڪردار جا سچا گواهہ سندس دوست ئي ٿين ٿا. نبوت کان اڳ حضور اڪرم ﷺ جن جي خاص دوستن جو جيڪو حلقو هو انهيءَ حلقي ۾ مڪي جا تمام گهڻو پاڪيزه اخلاق، بلند مرتبي وارا ۽ اعلىٰ منزلت جا مالڪ ماڻهو شامل هئا. انهن سيني کان مقدم حضرت ابوبڪر صديقؓ هو، جيڪو سالن کان وٺي دوستيءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻَڌل هو، حضرت خديجہؓ جو سوٽ حڪيم بن حزام جيڪو قريش جومعزز رئيس هو، حرم جي رفاده جي خدمت سندس هٿ ۾ هوندي هئي، دارالندوه جو بہ هيءُ ئي مالڪ هو، اسلام کان بعد اهو حضرت امير معاويہؓ کي هڪ لک درهم ۾ ڪپائي ڏنائين ۽ اها سڀ رقم خيرات ڪري ڇڏيائين. عمر ۾ آقا ﷺ جن کان پنج سال وڏو هو، حضرت ضماد بن ثعلبہؓ ازد قبيلي جو هو، جيڪو طبابت ۽ جراحي جو ڪم ڪندو هو ۽ قيس بن سائب مخزومي جيڪو حضور اڪرم ﷺ جن سان تجارت جي ڪاروبار ۾ شريڪ هوندو شامل هئا.

## معرفتِ حق جي جستجو

حضور اڪرم ﷺ جن جنهن دور ۾ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا ان وقت مڪو شريف بت پرستيءَ جو سڀ کان وڏو مرڪز هو. خود ڪعبت الله ۾ ٽي سؤ سٺ (360) بت رکيل هوندا هئا. حضور اڪرم ﷺ جن

جو خاندان انهيءَ صنم خاني جو متولي ۽ چاٻي بردار هو. حضور اڪرم ﷺ جن ته ڪڏهن به انهن بتن اڳيان ڪنڌ نه جهڪايو ۽ نه ئي وري ڪڏهن ٻين جاهليت وارين رسمن ۾ شرڪت ڪئي. قريش پنهنجو پاڻ کي عوام کان ممتاز رکڻ لاءِ ڪجهه قائدا ۽ قانون وضع ڪري ڇڏيا هئا. اهو به قائدو هوندو هو ته قريش جو حج جي ڏينهن ۾ عرفات ۾ وڃڻ ضروري ناهي ۽ جيڪي ماڻهو ٻاهران اچن اهي قريش جو لباس پائن نه ته عريان ٿي ڪعبت الله جو طواف ڪن. جنهن ڪري عريان ٿي طواف ڪرڻ جو رواج پئجي ويو هو. حضور اڪرم ﷺ جن اهڙين ڳالهين ۾ ڪڏهن به قريش جو ساٿ نه ڏنو. عربن ۾ افسانه گوئي جو عام رواج هو، راتين جو ماڻهو سڀني ڪمن ڪارين کان فارغ ٿي ڪنهن جاءِ تي گڏ ٿيندا هئا، ان فن جو صاحب ڪمال شخص داستان يا قصه گوئي شروع ڪندو هو ۽ ٻيا سامعين ڏاڍي شوق ۽ ذوق سان سڄي سڄي رات وينا ٻُڌندا هئا. حضور اڪرم ﷺ جن به پنهنجي چاليهه سالا زندگيءَ ۾ ٻه مرتبه اهڙن پروگرامن ۾ شامل ٿيڻ جو ارادو فرمايو هو مگر چاهت ايزدي کين اهڙي لغويات کان پنهنجي ڪامل قدرت سان محفوظ رکيو.

فطرت سليم ۽ هوشمنديءَ جو تقاضو هو ته هڪ اهڙي شريعت يا مذهب جي کوج ڪجي جيڪا قلبي ۽ روحاني سُڪون به مهيا ڪري ۽ جيڪا حقيقي مالڪ ۽ خالق سان به جوڙي رکي. انهيءَ دور ۾ ڪجهه حق پرست جن ۾ ورقه به نوفل، زيد، عثمان بن حويرث سرفهرست آهن بت پرستي ۽ اصنام اڳيان جهڪڻ کي صريح حماقت قرار ڏئي بت پرستيءَ کان انڪار ڪيو. هي جوان حق جا متلاشي ٿي حق جي راهه ۾ ڀٽڪندا رهيا. ورقه بن نوفل ۽ عثمان عيسائي ٿي ويا ۽ الهامي ڪتابن جو سهارو ورتائون، زيد اهو چوندي مري ويو ته ” اي خدا! اگر مون کي اهو معلوم ٿئي ته توکي ڪهڙي طرح پوڄجي ته مان انهيءَ طريقي سان تو کي پوڄان.“

الله تعالىٰ کي هڪ مڃڻ ۽ الله کي ئي عبادت جو مرڪز ۽ محور بنائڻ عقل سليم جو تقاضو آهي. الله تعالىٰ جي عبادت جو صحيح رستو يا طريقو معلوم ڪرڻ جن جي ذريعي انسان روحاني ترقي ڪري سگهي ۽ ڪيس قلبي سُڪون نصيب ٿئي، اهو سڀ ڪجهه انسان پنهنجي عقل سان معلوم نه ٿو ڪري سگهي. جو ته انهن کي صحيح طريقي سان سرانجام ڏيڻ ۾ عقل جيڪو فيصلو ڪندو آهي اهو تقريبًا غلط ئي نڪرندو آهي. جڏهن ظاهري مشاهدي وارين شين ۾ به انساني عقل جي غلطي جو شائبو موجود آهي ته باطني اصلاح جي لاءِ عبادت جو طريقو معلوم ڪرڻ ته ڪافي مشڪل ۽ غلطي جو قوي امڪان موجود هوندو آهي.

حضور اڪرم ﷺ جن جي فطرت سليم به ڪين هڪ خدا جي ياد تي آماده ڪيو، خدا جي جستجو جو شوق دل ۾ پيدا ٿيو. هڪ طرف عوامي زندگيءَ ۾ ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪندا رهيا، ماڻهو ڪين ” الامين ۽ الصادق“ جي لقب سان ئي مخاطب ڪندا هئا ته ٻئي طرف ياد خدا جو شوق به وڌڻ لڳو. ياد خدا جي شوق سان گڏ انسان جي اصلاح ۽ ترقي لاءِ ڪجهه سوال به پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سامهون ايندا رهيا. جيئن:

اها اصلاح ۽ ترقي صرف ماديت تائين محدود هجي يا ان جو تعلق روحانيت سان به هجي؟ انساني زندگي صرف هن ظاهري زندگيءَ تائين آهي يا ان کان پوءِ به ڪا دنيا آهي ۽ هن زندگيءَ جو انهيءَ دنيا واري زندگيءَ سان به ڪو تعلق آهي؟ اگر انسان موت کان بعد مري ختم نه ٿيڻو آهي ته پوءِ انهيءَ زندگي جي ڀلائي ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿي؟ اصلاح جو اهو طريقو ڪهڙو آهي جيڪو انسان کي زندگيءَ ۾ به امن، سُڪون ۽ ترقي سان همڪنار ڪري سگهي ۽ هن

زندگيءَ ڪان بعد واري زندگيءَ جي بہ اهڙي اصلاح ممڪن ٿي سگهي ٿي؟

اهڙي قسم جا سوال اهڙا هئا جيڪي حضور اڪرم ﷺ جن جي قلب مبارڪ ۾ خلش پيدا ڪري رهيا هئا ۽ اها خلش ايتري حد تائين وڌي هلي جو ان بابت غور و فڪر ڪرڻ ۾ مزو اچڻ لڳو. اهو ئي غور و فڪر ڪرڻ ۽ انهيءَ سوچ ڪي وينو سوچڻ گويا پاڻ سڳورن ﷺ جن جو مقصد حيات بڻجي ويو. اهڙي سوچ ويچار ۽ غور و فڪر ڪرڻ لاءِ شهري زندگي جو شور ۽ مصروفيت حائل بڻجي رهي هئي، انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن ﷺ کي تنهائي پسند اچڻ لڳي تہ جيئن انهيءَ سوچ تي اڪيلائپ ۾ سوچجي ۽ انهيءَ جو ڪو حل تلاش ڪري ونجي. انهيءَ جستجو جي سلسلي ۾ پاڻ سڳورا ﷺ مڪي ڪان ٽن ميلن جي فاصلي تي حرا جبل تي ويا. اتي ڪين هڪ غار نظر آيو، اهو غار چار گز ڊگهو ۽ پوڻا ہہ گز ويڪرو هو، اتان ڪعبت الله بہ نظر ايندو آهي ۽ اهو غار اڄ بہ موجود آهي. انهيءَ غار کي "غارِ حرا" جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. پاڻ سڳورا ﷺ انهيءَ غار ۾ ويهي انهيءَ غور و فڪر ۾ مستغرق رهڻ لڳا. انهيءَ دوران حضرت خديجہؓحق رفاقت احسن طريقي سان ادا ڪندي رهي. پاڻي ۽ سَتو ساڻ ڪري ڏيندي هئي ۽ انهيءَ جو خوب اندازو رکندي هئي، جڏهن سندس گمان موجب اهو پاڻي ۽ سَتو ختم ٿي ويا هوندا ۽ پاڻ سڳورا ﷺ جن اڃان بہ گهر نہ موٽيا تہ پاڻ ئي پاڻي ۽ سَتو کڻي غار حرا ۾ پهچي ويندي هئي. حضور اڪرم ﷺ ڪڏهن تہ انهيءَ غار ۾ مهينن جا مهينا ترسي پوندا هئا ۽ سوچ ويچار ۾ وينا رهيا. جڏهن کائڻ پيئڻ جو سامان ختم ٿي ويندو هو تہ پوءِ گهر واپس اچي سامان کڻي وري واپس غار ۾ موٽي ويندا هئا. پاڻ سڳوراﷺ جن انهيءَ سوچ ۾ ايترو تہ محو رهندا هئا جو پاڻ هر وقت مراقبي ۾ انهيءَ سوچ ۾ غار اندر وينا رهيا تہ ڪا رهنمائي ملي وڃي يا

راز منڪشف ٿي وڃن ته جيئن اها خلش ختم ٿي وڃي. آخر ۾ ڇهه مهينا اهڙا گذريا جن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي عجيب قسم جا خواب اچڻ لڳا. انهن خوابن جي تعبير روز روشن جيان ظاهر ٿيڻ لڳي. سوال پيدا ٿئي ٿو ته پاڻ سڳورا ﷺ جن غار حرا ۾ ڪهڙي عبادت ڪندا هئا؟ ته ان جو جواب آهي غور و فڪر ۽ عبرت ڪرڻ. هيءَ اها ئي عبادت آهي جيڪا پاڻ سڳورن ﷺ جن جي جد امجد حضرت ابراهيم عليه السلام نبوت کان پهريان ڪئي. تارن کي ڏٺو ته ان کي معبود سمجهڻ جو ڏوکو ٿيو جو اهي چمڪڻ لڳا، وري چنڊ نڪتو ته ساڳيو ڏوکو ٿيو ته هي ستارن ۾ سڀن کا وڏو آهي، وري سج جي روشني ڏسي ان جو ڏوکو ٿيو، جڏهن سڀ نظرن کان غائب ٿيا ته بي ساخته پڪاري اٿيو: لَا اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ.... مان فاني شين کي نه ٿو چاهيان، اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالاَرْضِ.1 مان پنهنجو رخ (منهن) انهيءَ طرف ڪريان ٿو جنهن زمين ۽ آسمان پيدا ڪيا آهن. نبوت جو پيش خيمو يا ديباچو هي رؤيا صادقا هئا، خوابن ذريعي پاڻ سڳورن مٿان اسرار منڪشف ٿيڻ لڳا. جيڪو ڪجهه خواب ۾ نظر ايندو هو اهو ئي بعينهٖ ٿيندو هو.

## غار حرا ۾ حضرت جبرائيلؑ جي آمد ۽ بعثت و نبوت

جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن جي عمر چاليهه سال پوري ٿي، حسب معمول پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي سوچ ويچار (مراقبي) ۾ مصروف هئا ته غيب منجهان هڪ فرشتو ظاهر ٿيو. ان فرشتي چيو: ”اقْرَأْ “ پاڻ سڳورا ﷺ لکڻ پڙهڻ نه ڄاڻيندا هئا، جواب ۾ ارشاد فرمايائون ”مَا أَنَا بِقَارِئٍ“ مطلب مان لکڻ پڙهڻ نه ڄاڻندو آهيان. وري فرشتي چيو: ”اِقْرَأْ “ پاڻ سڳورن ﷺ جن وري به ساڳيو عذر پيش ڪيو.

---

1. سورت الانعام، آيت 79.

ٽيون دفعو بہ ساڳي ڳالھ ٻولھ ٿي. ٽئين دفعي کان پوءِ فرشتي حضور اڪرم ﷺ جن کي ڀاڪر ۾ پڪوڙي زور ڏنو ۽ هي آيتون پڙهيون.

اقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِي خَلَقَ . خَلَقَ الإِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ . اقْرَأْ وَرَبُّكَ الأَكْرَمُ. الَّذِي عَلَّمَ بِالْقَلَمِ . عَلَّمَ الإِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ .1

حضور اڪرم ﷺ جن کي ايتري وڏي ذميواري جنهن جو ڪوبہ تجربو نہ هو يعني پٽڪيل مخلوق کي پڙهائڻ، سيکارڻ، تعليم ڏيڻ، اصلاح ڪرڻ ۽ سڌارڻ جو ذمو بلڪل نئون هو، اهو هڪ اجنبي خيال ۽ بلڪل نئون ۽ اڙانگو ڪم پڻ هو، هن هيڏي وڏي ذميواريءَ جو تہ وهم گمان بہ نہ هو نہ ئي اهڙيون ڳالهيون، اڪِتي الائي ڇا ٿيڻ وارو اڻ ڄاتل خوف ٿي پيو. نبوت جهڙو وڏو ذمو، ۽ قرآن مجيد جي تحمل جو گران قدر بار ڪيترو وڏو آهي ان جو ذڪر خود الله تعالىٰ پنهنجي ڪلام ۾ هن طرح فرمايو آهي:

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَ تِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ.2

ترجمو: اگر اسان هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪيون ها تہ خوف الاهي کان هو جهڪي ٽڪڙا ٽڪڙا ٿي پوي ها. اسان هن مثالن کي ماڻهن لاءِ بيان ڪيون ٿا تہ جيئن اهي غور و فڪر ڪن.

ڪلام الله جو گران بار کڻڻ جو خوف ۽ نبوت جهڙي اعلىٰ منصب جي باري ۾ دهشت ٿيڻ ڪو فطرت جي خلاف ناهي. انهيءَ ڪري حضور اڪرم ﷺ جن کي انهيءَ بار کڻڻ ۽ انهيءَ کي پورو ڪرڻ جو خوف طاري ٿيو. انهيءَ خوف واري حالت ۾ گهر موٽي آيا. گهر اچي

---

1. سورت العلق، آيت 1 کان 5

2. سورت الحشر، آيت21

حضرت خديجہؓ کي فرمايائون :" زَمِّلُونِي زَمِّلُونِي" مون کي چادر اوڙهاءِ، مون کي چادر اوڙهاءِ.
حضرت خديجہؓ پڇيو تہ ڇا ڳالهہ آهي؟ طبيعت ۾ ڪجهہ افاقو ٿيو تہ پورو قصو بيان فرمايائون، اهو بہ فرمايو تہ مون کي خوف آهي تہ ايڏي وڏي ذميواري ڪيئن کڻي سگهندس؟ حضرت خديجہؓ ڏاڍي سمجهدار عورت هئي، جنهن حضور اڪرم ﷺ جن سان پندرهن سال گڏ گذاريا هئا، هوءَ پاڻ سڳورن ﷺ جي هر معاملي کان آگاهہ رهي، ڪيس يقين هو تہ هن غير معمولي شخصيت جي غير معمولي صورت نموندار ٿيندي جنهن جو شان سڀ کان نرالو هوندو. حضرت خديجہؓ پورو واقعو ٻُڌو ۽ آيتون بہ ٻُڌيون، انهن آيتن ٻُڌڻ کان بعد ڪيس يقين ٿي ويو تہ جنهن غير معمولي صورت جي توقع هئي اها هاڻي نموندار ٿي سامهون اچڻ واري آهي. پاڻ انهيءَ واقعي جو ڪو حتمي فيصلو تہ نہ ڪري سگهي پر حضور اڪرمﷺ جن کي آٿت ۽ دلاسو ڏيندي رهي تہ هي بار بہ توهان کڻي سگهندؤ، هن وقت تائين جيڪو زندگيءَ ۾ وزن کنيو اٿوَ اهو بہ ڪو گهٽ نہ آهي، اهو بہ غير معمولي آهي، هاڻي اگر ان کان وڌيڪ بار بہ توهان کي کڻڻو پيو تہ توهان آسانيءَ سان کڻي سگهندؤ.
حضرت خديجہؓ اطمينان ڏياريو ۽ فرمايو تہ:

كَلَّا أَبْشِرْ ، فَوَاللَّهِ لَا يُخْزِيكَ اللَّهُ أَبَدًا ، فَوَاللَّهِ إِنَّكَ لَتَصِلُ الرَّحِمَ ، وَتَصْدُقُ الْحَدِيثَ ، وَتَحْمِلُ الْكَلَّ ، وَتَكْسِبُ الْمَعْدُومَ ، وَتَقْرِي الضَّيْفَ ، وَتُعِينُ عَلَى نَوَائِبِ الْحَقِّ.1

ترجمو: الله شاهد آهي تہ ايئن هر گز نہ ٿو ٿي سگهي، ڪڏهن ايئن نہ ٿو ٿي سگهي تہ الله توهان کي ناڪام ڪري، توهان جي مدد نہ ڪري، توهان رشتيدارن جو خيال رکندا آهيو، انهن جي مدد ڪندا آهيو، انهن کي منزل تائين پهچائيندا آهيو، توهان اهڙا احسان ڪندا آهيو، اهڙيون

1. صحيح بخاري، حديث نمبر 4953.

خدمتون سرانجام ڏيندا آهيو جن جو مثال نہ ٿو ملي، اهي ٻي جاءِ تي ناياب آهن، ٻاهرين مسافرن کي جيڪي بي نڪاڻا هوندا آهن انهن کي مهمان بڻائيندا آهيو، برپا ٿيڻ وارن هنگامن ۽ اوچتن حادثن ۾ توهان حق جي حمايت ڪندا آهيو.

حضرت خديجہؓ اهڙي تسلي تہ ڏني پر ڪيس بہ الهامي احڪامات ۽ نبوت جي ڳالهين جي ڪا خبر نہ هئي. ورقہ بن نوفل عيسائي ٿي ويو هو، ڪيس انجيل جو علم هو، پاڻ عبراني ٻوليءَ جو ماهر هو، اصل عبراني ٻوليءَ ۾ انجيل پڙهي انهيءَ جو عربي زبان ۾ ترجمو ڪندو هو. حضرت خديجہؓ کي سندس خيال آيو ۽ حضور اڪرم ﷺ جن کي ساڻ ڪري وٽس آئي. ان وقت ورقہ بن نوفل پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ ظاهري بصارت کان بہ محروم ٿي چُڪو هو. ماڻهو سندس عزت ۽ احترام ڪندا هئا.

حضور اڪرم ﷺ جن سڄو قصو بيان فرمايو. ورقہ قصو ٻڌي برجستہ جواب ڏنو تہ هي اهو ئي ناموس آهي جنهن کي الله تعالىٰ حضرت موسىٰ عليه السلام تي نازل فرمايو هو.[1] ورقہ چوڻ لڳو تہ: مان پوڙهو ٿي چُڪو آهيان، ڪاش مان جوان هجان ها! ڪاش ان وقت تائين زندهہ رهان جڏهن توهان جي قوم توهان کي ڪيندي! حضور اڪرم ﷺ جن جڏهن اهو ٻُڌو تہ قوم ڪين ڪڍي ڇڏيندي تہ ڪين ڏاڍو تعجب ٿيو. هيءَ قوم جيڪا منهنجي گرويده آهي، جيڪا عقيدت، ادب ۽ احترام ۾ منهنجو نالو وٺڻ بہ بي ادبي سمجهي ٿي، مون کان دعائون ڪرائيندي آهي، هر وڏن معاملن ۽ مسئلن ۾ مون کي منصف چونديندي آهي، سڀ فيصلا منهنجي حوالي ڪرڻ وارا ايئن پنهنجون اکيون ڦيري ويهندا ۽ مون کي مڪي شريف منجهان ڪڍي ڇڏيندا؟ پاڻ سڳورن ﷺ

1. صديقي، نسيم، محسن انسانيت ﷺ، ص 113،لاهور، لافيصل ناشران و تاجران ڪتب 1960

جن جهڙي محبوب رهنما ۾ عمده اخلاق جي پيڪر لاءِ اها ڳالھ ڏاڍي عجيب هئي. پاڻ تعجب ۾ حيرت وچان دريافت ڪرڻ لڳا تہ : منهنجي قوم مون کي ڪيئن ڪڍي ڇڏيندي؟ ورقہ چيو تہ بيشڪ ڪڍي ڇڏيندي ۾ اها ڪا انوکي ڳالھ ناهي، جيڪو شخص اهڙيون ڳالهيون پيش ڪندو آهي ان سان قوم جو برتاءُ اهڙو ئي هوندو آهي. ڪاش اهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ ۾ اچي ۾ مان توهان جي پوري پوري مدد ڪريان!

ورقہ بن نوفل جي تسلي ڏيڻ تي حضور اڪرم ﷺ جن کي اطمينان ٿيو. ورقہ بن نوفل جي تمنا تہ پوري نہ ٿي سگهي، هو انهيءَ ڳالهين ڪان ڪجھ ڏينهن بعد وفات ڪري ويو مگر سندس سڀ ڳالهيون سچ ثابت ٿيون.

هي نبوت جهڙي اعلىٰ ترين منصب جو آغاز هو، اها ئي نبوت ۾ الهامي ڪلام يعني قرآن مجيد جي ابتدا هئي. نبوت جي ابتدا پڙهڻ، پڙهائڻ، علم، قلم جي تذڪري سان ڪري عالمانہ زندگيءَ جي اهميت ۾ فضيلت کي واضع ڪري انهيءَ جي ئي ترغيب ڏني وئي. انهيءَ منجهان علم جي اهميت جو بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

حضور اڪرم ﷺ جن غار حرا ۾ وڃڻ بند نہ ڪيو. حضرت جبرائيل عليه السلام آيو ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي جبل جي پاسي ۾ وٺي ويو اتي پاڻ وضو ڪيائين ۾ حضور اڪرم ﷺ جن بہ وضو ڪيو. پوءِ ٻنهي گڏجي نماز پڙهي. حضرت جبرائيل عليه السلام نماز پڙهائي. حضرت جبرائيل عليه السلام روح الامين وقفي وقفي سان حاضر ٿيندو رهيو. جن ڏينهن ۾ نہ ايندو هو تہ انهن ڏينهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جن کي پريشاني لاحق ٿيندي هئي. روح الامين جو وقفي سان اچڻ بہ ان ڪري هو تہ جيئن آهستي آهستي اعلىٰ منصب جو تحمل ٿي سگهي. ڪجھ ڏينهن جڏهن روح الامين جو اچڻ نہ ٿيو تہ حضور اڪرم ﷺ جن ڏاڍا پريشان ٿيا، ايتري حد تائين جو پاڻ کي جبل جي چوٽيءَ تان هيٺ

ڪيرائڻ جو ارادو فرمايائون. اچانڪ حضرت جبرائيل عليه السلام حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو : توهان واقعي الله جا رسول آهيو. اهڙي طرح ڪجهه دفعا ٿيو. جڏهن وحي جي آمد نہ ٿيندي هئي تہ هر بار حضور اڪرم ﷺ جن جبل جي چوٽي تي پريشانيءَ ۾ چڙهي پاڻ کي هيٺ ڪيرائڻ جو ارادو فرمائيندا هئا ۽ روح الامين ظاهر ٿي تسلي ڏيندو رهيو تہ توهان الله جا پيغمبر آهيو.

## اسلام جي تبليغ جو آغاز

رسول الله ﷺ جن پنهنجي چاليهہ سالا زندگيءَ جو عملي نمونو پنهنجي قوم اڳيان پيش ڪيو. عمده ترين اخلاق ۽ بهترين ڪردار جو اهڙو نمونو پيش ڪيائون جو سڀني جي زبانن منجهان بي اختيار نڪتو تہ بيشڪ توهان امين ۽ صادق آهيو. ادب کي ملحوظ رکندي نالو ڪڻڻ کين نامناسب لڳندو هو. پوري چاليهہ سالا زندگيءَ ۾ کين ڪنهن بہ قسم جي برائي جو ڪو شائبو بہ نظر نہ آيو، هر هڪ سُني عمل جو حامل هي جوان، حسن جو اعلىٰ پيڪر، سيرت ۾ سڀني کان مٿاهون مانُ حاصل ڪرڻ وارو، امن جو جيالو، همدرد، هڏ ڏوڪي، صلہ رحمي ۾ اعلىٰ مطلب تہ انسانيت جي هر خوبيءَ سان اعلىٰ پيماني تي سلهاڙيل سڀني جي سامهون پنهنجي اتم ڪردار جون چاليهہ بهارون پيش ڪري چڪو هو. حالانڪہ سڀ انهيءَ ڳالهہ کان بہ چڱيءَ ريت واقف هئا تہ هي جوان اسان منجهہ پيدا ٿيو آهي، اسان منجهہ ئي زندگي گذاري چُڪو آهي، اسان کي خوب خبر آهي تہ پاڻ نہ لکي سگهي ٿو، نہ پڙهي سگهي ٿو نہ ئي پاڻ ڪٿي تعليم حاصل ڪئي اٿائين، نہ پاڻ ڪو شاعر آهي نہ ئي وري اديب جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو ويندو رهيو آهي، نہ پاڻ ڪو ڪاهن آهي نہ ئي وري ڪو نجومي آهي، نہ ڪيس سابق مذهبن جي ڪا ڄاڻ آهي نہ ئي وري پاڻ ايمان ۽ آسماني ڪتابن کان واقف آهي،

پاڻ ڪڏهن بہ اهو شائبو بہ ظاهر نہ ڪيو هئائين تہ مٿس ڪو الهامي ڪتاب نازل ٿيندو. مطلب تہ اهل مڪہ رسول الله ﷺ جن جي باري ۾ سڀ ڪجهہ چڱي ريت ڄاڻندا هئا، سندن ٻچپن کان وٺي چاليهہ سالن تائين جي زندگي سامهون هئي. ڪين اها بہ خوب خبر هئي تہ هي شخصيت ٻين کان بلڪل مختلف ۽ منفرد آهي، ڪوڙ يا الزام تراشي ڪانئس محال آهي. مديني شريف جي اڙوس پڙوس ۾ يهودين جي آبادي هئي جيڪي آخري نبي جي بشارت ٻُڌائيندا رهيا، تجارتي سفرن دوران عيسائين سان ملاقات ٿيڻ ڪري بہ ڪين اتان بہ اهو معلوم ٿيل هو تہ آخري نبي ايندو. جهالت جي هن انڌيري ۾ جيڪا اسلام جي ڪِرن رسول الله ﷺ جن جڏهن پيش ڪئي تہ ڪجهہ ماڻهن بلاتردد ان دعوت کي قبول ڪيو، ڪن معجزا گهري پڪ ڪرڻ چاهي تہ ڪجهہ صد ۽ انا جي وَر چڙهي آخر تائين اسلام جي نعمت کان محروم رهيا.

رسول الله ﷺ جن جي چاليهہ سالن جي زندگيءَ جي ذري ذري کان واقفيت رکڻ وارن ماڻهن جي سامهون جڏهن پاڻ پنهنجي رسول هئڻ جي ڳالهہ ڪيائون ۽ الله تعالىٰ جو پيغام پهچايو تہ انهن ۾ سڀ کان پهريان جن ماڻهن بنا ڪنهن جهجهڪ جي مٿن ايمان آندو انهن ۾ عورتن ۾ سڀ کان پهريان ايمان آڻڻ واري حضرت خديجہؓ دوستن احبابن منجهان حضرت ابوبڪر صديقؓ ۽ ان وقت حضرت علي ڪرم الله وجهه رسول الله ﷺ جن جي گهر سندن ئي زير ڪفالت هو ٻاراڻي عمر ۾ سڀ کان پهريون ايمان آڻڻ وارو ٻڻيو.

## سابقين اولين

اسلام جي پيغام کي جن خوشنصيبن ٻين کان پهل ڪندي قبول ڪيو، انهن کي سابقين اولين جي لقب سان ياد ڪيو ويو. انهن بالا بخت شخصيات ۾ جن خوشنصيبن جا نالا شامل آهن اهي هي آهن:

حضرت بلال، عمرو بن عنسہ ۽ خالد بن سعد رضي الله عنهم هي شروعاتي چند ڏينهن ۾ ئي مسلمان ٿيا. حضرت ابوبڪر صديقؓ ڏاڍو مالدار ۽ امير ماڻهو هو، تجارت ڪندو هو، مڪي ۾ سندس ڪپڙي جا دوڪان هوندا هئا، ماڻهن سان سندس تمام گهڻو ميل جول هوندو هو، سندس تبليغ سان حضرت عثمان غني، زبير، عبدالرحمان بن عوف، طلحہ ۽ سعد بن ابي وقاص رضي الله عنهم مسلمان ٿيا، پوءِ حضرت ابو عبيده، عامر بن عبدالله بن جراح (امين الامة)، عبدالاسد بن بلال، عثمان بن مظعون، عامر بن فهيره ازدي، ابو حذيفہ بن عتبہ، سائب بن عثمان مظعون ۽ ارقم رضي الله عنهم مسلمان ٿيا. انهن سابقين اولين جي چوري چُپي تبليغ ڪرڻ جي نتيجي اسلام ڦهلجندو رهيو ۽ ماڻهو اسلام جي نعمت سان مالا مال ٿيندا رهيا. انهن سابقين اولين ۾ عمار، خباب بن الارت، سعيد بن زيد، عبيده ۽ صهيب رومي رضي الله عنهم مشهور آهن. عورتن ۾ ام المومنين سيده خديجہؓ کان بعد رسول الله ﷺ جن جي چاچي حضرت عباسؓ جي زوجہ ام الفضل، اسماء بنت عميس، اسماء بنت ابي بڪر، فاطمہ (حضرت عمر فاروقؓ جي ڀيڻ) رضي الله عنهن مسلمان ٿيون.

## اسلام جي ابتدا ۾ نماز

اسلام جي تعليمات ۽ تبليغ کي ابتدا ۾ پوشيده رکيو ويو. انهيءَ ۾ تمام گهڻو احتياط ڪيو ويندو هو تہ جيئن خاص خاص ماڻهن کان سواءِ ٻين تائين اها خبر نہ وڃي تہ جيئن اسلام جي تبليغ جو ماحول جڙي پوي ۽ اسلامي تعليمات عام ڪرڻ لاءِ ماحول سازگار بڻجي پوي. انهيءِ ڪري جڏهن نماز جو وقت ايندو هو تہ رسول الله ﷺ جن ڪنهن وادي ۾ هليا ويندا هئا ۽ اتي نماز ادا ڪندا هئا. هڪ دفعي رسول الله ﷺ جن حضرت علي ڪرم الله وجهه سان گڏ ڪنهن وادي ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا تہ اتفاق سان حضرت ابو طالب اتي اچي نڪتو. عبادت

جو اهو جديد طريقو ڏسي حيرت ۾ بيهي ڪين ڏسڻ لڳو. جڏهن نماز ختم ٿي ته ڪائنن پڇڻ لڳو ته هي ڪهڙو دين آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته اسان جي ڏاڏي ابراهيم عليه السلام جو دين هو. ابو طالب چيو ته مان ان ڪي اختيار ته نه ٿو ڪري سگهان ليڪن توهان ڪي اجازت آهي ۽ ڪوبه ماڻهو توهان جي مزاحمت نه ڪري سگهندو.

## هڪ ابهام جو ازالو

تاريخ اسلام ۾ هڪ ڳالهه جيڪا مسلمانن جي دل آزاريءَ لاءِ ڪئي ويندي آهي، اها ڳالهه هيءَ آهي ته اسلام صرف تلوار ذريعي ئي ڦهليو آهي. ان غلط بيانيءَ ساده دل مسلمانن ڪي به پنهنجي چُنگل ۾ ڦاسائي ڇڏيو ۽ هنن به اسلام جي ڦهلجڻ جو سبب صرف ۽ صرف تلوار کي مڃيو. حالانڪه ڏنو وڃجي ته حضور اڪرم ﷺ جن جي پوري مڪي زندگيءَ ۾ ڪهڙي تلوار بازي ٿي، ڪهڙو تلوارن جي ويڙهه ٿي جن جي ذريعي اسلام ڦهلجندو رهيو؟ هنن سابقين اولين منجهان ڪهڙا ماڻهو آهن جن جي ڪنڌ تي تلوار رکي ڪين اسلام قبول ڪرڻ لاءِ چيو ويو؟ هي سابقين اولين ته پنهنجي رضا خوشيءَ سان اسلام جي دامن ۾ آيا. هنن خوشنصيبن ۾ اڪثر اهي ماڻهو هئا جيڪي حق جا متلاشي رهيا ۽ فطرةً پاڪيزه اخلاق جا مالڪ هئا. جيئن حضرت ابوبڪر صديقؓ جاهليت ۾ به عفيف، پارسا ۽ صدق و ديانت ۾ مشهور هو، حضرت عثمان بن مظعونؓ صوفي مزاج هو، اسلام کان اڳ ۾ ئي شراب ڇڏي چُڪو هو ۽ اسلام کان بعد رهبانيت اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪيائين ليڪن رسول الله ﷺ جن ڪيس منع فرمائي، صهيبؓ عبدالله بن جدعان جو تربيت يافته هو جيڪو اسلام کان پهريان شراب ڇڏي وفات ڪري ويو هو، حضرت ابوذرؓ جنهن جو شمار سابقين اولين ۾ ڇهين يا ستين نمبر تي اچي ٿو، ان به بت پرستي ڇڏي حق جي تلاش شروع ڪئي،

رسول الله ﷺ جن جي باري ۾ ٻُڌي پنهنجي پاءُ ڪي ملي حال احوال ونڻ لاءِ مڪي شريف روانو ڪيائين. هن واپس موٽي اچي جيڪي احوال پيش ڪيا ان سان ڪيس تسلي نہ ٿي جنهن ڪري پاڻ اچي دربار نبوت ۾ پيش پيو ۽ اسلام جي نعمت حاصل ڪيائين. اهڙي طرح رسول الله ﷺ جن جي پوري مڪي زندگي تلوار ڪان پاسي رهي آهي، اسلام قبول ڪرڻ وارن تي سختيون ٿينديون رهيون، البتہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي دفاع لاءِ تلوار مياڻ منجهان ڪڍي هوندي تہ بہ ڪنهن خاص جهيڙي يا لڙائي جي نوبت نہ آئي. اسلام قبول ڪرڻ وارن مٿان طرح طرح جا ظلم و ستم ٿيندا رهيا. سڀ سختيون حق جي راهہ ۾ سهندا رهيا. مديني شريف ۾ بہ اڪثر جنگون پنهنجي دفاع ۾ لڙيون ويون يا ڪنهن ظلم ۽ زيادتيءَ جي صد باب جي لاءِ وڙهيون ويون. لهٰذا اهو چوڻ تہ اسلام صرف ۽ صرف تلوار جي زور تي ڦهليو آهي بلڪل بي بنياد ۽ غلط بياني آهي.

## عزيز و اقارب ڪي تبليغ

ٽن سالن تائين رسول الله ﷺ جن نهايت ئي رازداريءَ سان اسلامي تبليغ جا فرائض سرانجام ڏنا. هاڻي آفتاب رسالت جي چمڪڻ جو وقت هو، جنهن ڪري الله تعالىٰ طرفان حڪم جاري ٿيو قُمْ فَاَنْذِرْ ۝[1]

ترجمو: اٿ! ۽ ماڻهن ڪي آگاهہ ڪر.

وري حڪم ٿيو تہ: وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ۝۲۱۴ۙ[2]

ترجمو: ۽ پنهنجي ويجهن مائٽن ڪي الله ڪان ڊيڄار.

---

1. سورت مدثر آيت 2
2. سورت شعراء آيت 214

**هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن صفا جبل تي چڙهي ماڻهن کي سڏڻ شروع ڪيو. جڏهن سڀ جمع ٿي ويا تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ توهان مون کي سچو ڀانئيو ٿا يا ڪوڙو ڀانئيو ٿا؟ سڀني هڪ آواز ٿي چيو تہ اسان ڪڏهن بہ ڪا غلط يا بيهوده ڳالهہ تنهنجي زبان مان ناهي ٻُڌي، اسان کي يقين آهي تہ تون صادق ۽ امين آهين. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ڏسو! مان جبل جي چوٽيءَ تي بيٺو آهيان ۽ توهان ان جي هيٺان آهيو. مان جبل جي هيڏانهن بہ ڏسي رهيو آهيان تہ هوڏانهن بہ ڏسي رهيو آهيان، اڃا جي اگر مان اهو چوان تہ دشمنن جو مسلح لشڪر پري کان نظر اچي رهيو آهي، جيڪو مڪي تي حملا آور ٿيندو. ڇا توهان ان جو يقين ڪندؤ؟ ماڻهن چيو تہ بيشڪ! ڇو تہ اسان وٽ تو جهڙي سچي (راست باز) ماڻهوءَ کي ڪوڙو ڪرڻ جي ڪابہ وجہ ناهي، خاص ڪري جڏهن هو اهڙي جاءِ تي بيٺل هجي جتان ٻنهي پاسي ڏسي سگهندو هجي. رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”سڀ ڪجهہ مثال هو سمجهائڻ لاءِ، هاڻي اهو يقين ڪريو تہ موت توهان جي مٿي تي اچي رهيو آهي ۽ توهان کي الله جي سامهون حاضر ٿيڻو آهي ۽ مان آخرت (عالم آخرت) کي بہ ايئن ڏسي رهيو آهيان جيئن دنيا مٿان توهان جي نظر آهي. مان چوان ٿو تہ اگر توهان ايمان نہ آڻيندا تہ توهان تي شديد عذاب نازل ٿيندو“ هن دلنشين واعظ جو مطلب اهو هو تہ نبوت جو مثال اهڙو آهي جيئن هڪ شخص عالم آخرت کي ايئن ڏسي سگهي ٿو جيئن هزارين ماڻهو نہ ٿا ڏسي سگهن. اهو سڀ ٻُڌي جن ۾ ابولهب بہ شامل هو، سڀ سخت برهم ٿيا ۽ ڪين ڪاوڙ لڳي، سڀ ڪاوڙ ۾ واپس موٽي ويا.**[1]

1. قاسمي، مولانا، مفتي امام عادل، مقام محمود، ص 227، دهلي، مڪتبہ الامام 2015

## خاندان وارن کي تبليغ

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ رسول الله ﷺ جن حضرت علي ڪرم الله وجهه کي حڪم فرمايو تہ خاندان وارن جي لاءِ دعوت جو بندوبست ڪر. هاشم جي سموري خاندان کي دعوت ڏني وئي. هن دعوت ۾ رسول الله ﷺ جن جا چاچا حمزه، ابو طالب ۽ عباس بہ شريڪ هئا. جڏهن ماني کائي بس ڪيائون تہ رسول الله ﷺ جن اٿي بيهي فرمايو: اي حاضرين! مان توهان سڀني لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي کڻي آيو آهيان ۽ مان نہ ٿو سمجهان تہ سموري عرب ۾ ڪنهن شخص بہ پنهنجي قوم جي لاءِ ان کان بهتر ۽ فضيلت واري ڪا شيءِ آندي هوندي، مون کي الله تعالىٰ حڪم ڏنو آهي تہ مان توهان کي ان جي دعوت ڏيان، ٻُڌايو توهان منجهان ڪير ڪير منهنجو ساٿ ڏيندو؟ اهو ٻڌي سڀ چُپ رهيا. مجلس ۾ خاموشي ڇانيل رهي. حضرت عليؓ اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو: چاهي مون کي آشوبِ چشم (اکين ۾ بيماري) آهي، چاهي منهنجون ڄنگهون سنهڙيون آهن ۽ چاهي مان سڀني کان عمر ۾ ننڍو آهيان، پر پوءِ بہ مان توهان جو ساٿ ڏيندس. حضرت عليؓ جي اها ڳالهہ ٻُڌي ابوطالب چوڻ لڳو: تون هن جي ڳالهہ مڃندو ڪر ۽ جيڪو چوي اهو ٻُڌندو ڪر. اها ڳالهہ ٻُڌي حاضرين مجلس سڀ خوب کلڻ لڳا ۽ ابو طالب جو مذاق اڏائڻ لڳا: ڏسو محمد (ﷺ) توهان کي ڇئي ڇڏيو تہ اڄ کان وٺي توهان پنهنجي پٽ جو حڪم مڃندا ڪريو.

## تبليغ عام

انهي ڪان پوءِ رسول الله ﷺ جن ماڻهن کي عام طور تي سمجهائڻ شروع ڪيو. هر ميلي، هر گهٽي، هر ڪنڊ ڪڙڇ، هر بازار، هر دوڪان، هر مجلس ۾ وڃي ماڻهن کي اسلام جو مقدس پيغام پهچائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. ڪين توحيد جي خوبي ٻڌائيندا رهيا، ڪين بُتن

۽ پٿرن جي پوڄا ڪرڻ کان به روڪيندا رهيا. ٻتن کي ڇڏي الله واحد جي طرف سڏڻ لڳا، ڌيئرن کي زنده درگور (پورڻ، دفن) ڪرڻ کان روڪڻ، زنا کان منع ڪندا هئا ۽ جوا کيڏڻ کان روڪيندا هئا. پاڻ ﷺ ماڻهن کي جسماني نجاست کان، ڪپڙن کي ميل ڪچيل کان، زبان کي بري ڳالهين کان، دلين کي ڪوڙن عقيدن کان پاڪ ۽ صاف رکڻ جو حڪم ڪندا هئا، فرمائيندا هئا ته واعدا اقرار سختيءَ سان پاڙيو، لين دين (خريد و فروخت) ۾ ڪنهن سان دغا يا فريب نه ڪريو، الله جي ذات کي هر نقص، هر عيب ۽ آلودگيءَ کان پاڪ سمجهو، ان ڳالهه جو پڪو يقين رکو ته زمين، آسمان، چنڊ، سج، ننڍا وڏا سڀ الله تعالىٰ پيدا ڪيا آهن، سڀ هن جا ئي محتاج آهن، دعا قبول ڪرڻ، بيمار کي صحت ۽ تندرستي ڏيڻ، مرادون پوريون ڪرڻ الله تعالىٰ جي اختيار ۾ آهن. الله جي مرضي ۽ حڪم کان سواءِ ڪوبه ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهي، ملائڪ ۽ نبي به سندس حڪم جي خلاف ڪجهه نه ٿا ڪري سگهن.

## ميلن، بازارن ۽ مَنڊين ۾ تبليغ

عربستان ۾ عڪاظ، عينيه ۽ ذي المجاز جا ميلا لڳندا هئا. اهي ميلا ڏاڍا مشهور هئا. ماڻهو پري پري کان اچي انهن ميلن ۾ شامل ٿيندا هئا. هنن ميلن ۾ وڏيون وڏيون بازارون، منڊيون ۽ دوڪان لڳندا هئا. رسول الله ﷺ جن انهن ميلي ۾ آيل پري پري جي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيندا هئا. قريش جا ڪجهه مغرور ماڻهو سندن مخالفت ۾ پُٺيان پُٺيان هلندا هئا ۽ ماڻهن کي سندن دعوت ٻُڌڻ کان روڪيندا هئا ۽ ڪين چوندا هئا ته هي مجنون آهي، هن مٿان جادو ٿيل آهي، هن تي جن جو سايو آهي وغيره توهان هن جي ڳالهه نه ٻُڌو! نه ته توهان به راهه راست تان هٽي ويندؤ. رسول الله ﷺ جن انهن ڳالهين جي ڪري تڪليف ته محسوس ڪندا هئا پر انهن جي پرواهه ڪرڻ بنا پنهنجي

فرض جي ادائگي ۾ لڳا رهيا. انهن جي مخالف جي پرواهه نه ڪندي هر ميلي هر بازار ۽ هر مَنڊي ۾ وڃي ماڻهن کي اسلام جو پيغام پهچائڻ جي سعي ڪندا رهيا.

## قريش جي مخالفت جا اسباب

قريش کي عربن ۾ هڪ اهم مرتبو حاصل هو. سندن شان شوڪت جي اهم وجه ڪعبت الله جي سنڀال هئي. خود مڪي شريف جي عزت ڪعبت الله جي ڪري هئي. قريش خاندان عربن ۾ مذهبي حڪومت جي حيثيت رکندو هو. ڪعبت الله جا مجاور ۽ چاٻي بردار هئا. ان جي ڪري قريش جو ڪاروبار وڏيڪ ڦهلبو ويو، انهن مختلف محڪما قائم ڪيا ۽ وڏا وڏا منصب قائم ڪري پاڻ ئي انهن کي حاصل ڪري ويٺا. انسان دولت، شهرت ۽ طاقت جو بکيو هوندو آهي، اهو سڀ هنن کي حاصل هو. هو نبوت جي مفهوم کي سمجهڻ کان قاصر هئا، هو انهيءَ ڳالهه کي نه پئي سمجهي سگهيا ته الله تعاليٰ جي حڪم سان هڪ انسان ٻين انسانن کي سمجهائڻ لاءِ اچي، هو جزا ۽ سزا جا قائل نه هئا، بلڪه عملن جي سزا جا به انڪاري هئا جنهن ڪري موت کان بعد انهن عملن جي پُڇا ڳاڇا جا منڪر هئا ۽ ڪين موت کان بعد انهن عملن جي جوابدهي هڪ مذاق لڳي رهي هئي، هو پنهنجي خاندان ۽ پنهنجن وڏڙن جي عزت تي مغرور بڻجي چُڪا هئا، اسلامي اخوت، مساوات ۽ ڀائپي ڪين پنهنجي لاءِ حقارت ڀريو عمل نظر آيو، هو زنا، جوا، رهزني، قتل، عهد شڪني، آوارگي، هر قانون جي قيد کان آزاد رهڻ، بيشمار عورتون گهرن ۾ رهائڻ، شراب پيئڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ هئا، بت پرستيءَ ۾ ئي پنهنجي نجات سمجهندا هئا، انهيءَ جي مقابلي ۾ ٻئي مذهب کي هيچ سمجهندا هئا. اڪثر قريش بنو هاشم جا مخالف هئا جنهن ڪري بنو هاشم جي هڪ نوجوان جي ماتحت رهڻ ڪين گوارا نه

هو ۽ اسلام جي دعوت قبول ڪرڻ کان پوءِ ڪين هڪ ئي جهنڊي جي سايي ۾ جمع ٿيڻو هو ۽ ڪانئن اهو سڀ ناٺ باٺ ڪسجي وڃي ها. انهيءَ ڪري هو اسلام جا مخالف ٿي بيٺا.

## قريش جي مخالفت جا اهم سبب

قريش پنهنجو پاڻ کي ٻين کان اتم ۽ اعلىٰ سمجهندا هئا، پاڻ کي دين ابراهيم تي سمجهندا هئا، حالانڪ وٽن دين ابراهيم جي مسخ ٿيل شڪل سا بہ تمام وڏي بگاڙ سان مشڪل سان نظر ايندي هئي. نالي ماتر ڪجهہ عمل هئا جن کي دين ابراهيمي جي باقيات چئي سگهجي پيو. انهيءَ باقيات منجهہ بہ جيڪا سندن ڦيرقار هئي اها بہ ايتري هئي جو ان وقت اصل جي کوجنا ڪرڻ بيڪار معلوم ٿي رهي هئي. دين ابراهيمي منجهہ بت پرستيءَ جو تہ ڪو شائبو ئي ڪونہ هو مگر عربن وٽ دين ابراهيم جي مسخ صورت ۾ ئي بت پرستي سندن اقتدا ۾ ئي تمام عام ٿي چڪي هئي. حضرت ابراهيم عليه السلام ساري زندگي بتن ۽ ڪوڙن خدائن جي مخالفت ۾ گذاري، انهيءَ مخالفت ۾ ڪيس باهہ جي آڙاهہ منجهہ اڇلايو ويو، سختيون ڪيون ويون، گهر وارن جن ۾ سندس والد آزر ڪلم ڪلا مخالف بڻجي بيٺو جهڙيون صعوبتون سَهي بتن جي مخالفت ڪئي، انهيءَ جي نالي تي تہ اسان دين ابراهيمي تي ڪاربند آهيون جي دعوىٰ ڪرڻ وارن ڪعبت الله جيڪو دين ابراهيمي جي باقيات منجهان اهم شيءَ هئي انهيءَ منجهہ بہ 360 بت نصب ڪري ڇڏيا. انهن بتن کي الله تعالىٰ جا اوتار مڃي ڪين مختلف ڪمن جو مالڪ سمجهيو ويندو رهيو، ڪنهن جي هٿ ۾ اولاد ڏيڻ، ڪنهن جي هٿ ۾ برسات وسائڻ، ڪنهن جي هٿ ۾ خوشحالي، ڪنهن جي هٿ ۾ فصل سُنا ٿيڻ، ڪنهن جي هٿ ۾ خوش بختي، ڪنهن جي هٿ ۾ فتح، ڪنهن هٿ ۾ خوشحالي، ڪنهن جي هٿ ۾ شفا تہ وري ڪنهن جي هٿ

۾ ڪاميابي و ڪامراني هئي، هر خير ۽ شر جو مالڪ هنن بتن کي سمجهندا هئا. عجيب قسم جون خرافاتون سندن دين جو حصو بڻجي چُڪون هيون، نالي ۾ دين ابراهيم هيو باقي افعال ته دين ابراهيمي جي بلڪل الٽ هئا.

هو پنهنجي هر اڇي ڪاري جو مالڪ انهن بتن کي سمجندا هئا، انهن جا آقا انهن جا مبلغ ۽ انهن جا نجات دهندا اهي ئي بت سمجهڻ لڳا ته اهڙي ماحول ۾ حضرت عبدالله جو يتيم اٿي سندس بتن جي مخالفت ڪري، ڪين ڪوڙو چوي، ڪين سندن عياشين کان روڪي، ڪين سندن مَن ماني ڪرڻ کان پاسي رکي ته هو ڪيئن ٿي آسانيءَ سان انهيءَ دعوت کي قبول ڪري سگهيا. قريش ته رسول الله ﷺ جن جو ڏاڏاڻو خاندان هو، انهيءَ کي ته امام الانبياءِ ﷺ جن تي ناز ڪرڻ کپندو هو، هر طرح جو ساٿ بنا چون چران جي ڏيڻو هو پر ان ۾ به ڪجهه وقت درڪار هو ته جيئن هو نبوت جي صداقت کي پرکي ۽ سمجهي سگهن. انهيءَ ڪري شروع ۾ جيڪا مخالفت ٿي اها هڪ لازمي امر هئي، ان جا به ڪجهه ڪارڻ آهن جيڪي هن ريت آهن.

1. جتي جهالت هجي ۽ اها قوم نا تربيت يافته هجي ته اها ان تحريڪ جي مخالفت ۾ پنهنجو پورو پورو زور ضرور لڳائيندي آهي جيڪا تحريڪ سندن آبائي رسم و رواج ۽ عقائد جي خلاف هجي. انهيءَ جي مخالفت صرف زباني نه بلڪ قتل گيري تائين ئي هوندي آهي. اهڙي ريت رسول الله ﷺ جن به قريش جي آبائي روم و رواج ۽ عقيدي جي خلاف هڪ نئين تحريڪ پيش ڪئي، سندن صدين کان جاري بت پرستيءَ جو انڪار ڪيو ۽ انهيءَ کان منع ڪئي، جنهن جي هنن خونريز مخالفت ڪئي.
2. رسول الله ﷺ جن جي تحريڪ قريش وٽ موجود دين ابراهيمي منجهان خرافات کي ڪڍڻ، مسخ شده صورت کي هڪ نئين سانچي

۾ ڏيڻ ۽ الله تعالىٰ جو اصل دين پيش ڪرڻ وارو اهم مقصد هو، پر انهيءَ سان گڏ قريش ڪي جيڪا عزت، عظمت، اقتدار ۽ عالمگير اثر رسوخ حاصل هو اهو به خطري ۾ پئجي ويو. انهيءَ ڪري پنهنجي انهيءَ جاهه و جلال کي باقي رکڻ لاءِ اسلام جي مخالفت ڪرڻ به هنن کي لازمي سمجهه ۾ آئي، جنهن ڪري جيترو نبوي تحريڪ سرگرم هئي اوترو ئي هنن مخالفت ۾ زور لڳايو.

3. قريش کي عيسائين تي اڳ ۾ ئي وڏي ڪاوڙ هئي. ابرهة الشرم (حبشه جو بادشاهه) جيڪو رسول الله ﷺ جن جي پيدائش کان ڪجهه وقت پهريان ڪعبت الله کي مسمار ڪرڻ جي نيت سان آيو هو، اهو عيسائي هو. انهيءَ ڪري عيسائين تي سخت ناراض هئا ۽ ڪانئن نفرت ڪندا هئا. عيسائين جي بدلي ۾ فارسين کي وڌيڪ پسند ڪندا هئا. رسول الله ﷺ جن جو پيغام به عيسائيت جي پيغام سان ملندڙ جلندڙ هو. عيسائيت به الهامي پيغام هو ۽ اسلام به الهامي پيغام هو جنهن ڪري قريش اسلام جي مخالف ڪرڻ ۾ اڳرا رهيا.

4. بنو هاشم ۽ بنو اميه ٻئي قريش قبيلي جا خاندان هئا، عبدالمطلب پنهنجي اثر رسوخ سان بنو هاشم جو پلڙو ڀاري ڪري ڇڏيو هو، مگر ان کان بعد هن خاندان ۾ ٻيو ڪو اهڙو اثر رسوخ وارو فرد پيدا نه ٿيو هو. بنو اميه جي مقابلي ۾ ابوطالب ايترو دولت مند ۽ اثر رسوخ وارو نه هو ۽ نه ئي وري عباسؓ هو. ابولهب بد چلن هو، هوڏانهن بنو اميه جو اقتدار وڌندو رهيو. رسول الله ﷺ جن جي فتح کي بنو هاشم جي فتح تصور ڪيو ويو، جنهن ڪري بنو اميه جي مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو. اهو ئي سبب آهي جو رسول الله ﷺ جن جي مخالفت ۾ هي خاندان ئي سرفهرست رهيو. بدر کان سواءِ باقي سڀ لڙائيون ابوسفيانؓ ئي ڪڙيون ڪيون ۽ انهن لڙائين ۾

لشڪر جو سرگنا رهيو. عقبہ بن ابي معيط جيڪو رسول اللهﷺ جن جي مخالفت ۾ پيش پيش رهيو اهو بہ بنو اميہ خاندان جو هو.

5. قريش جي سردارن پنهنجون مَن مانيون ڪري اخلاق رذيلہ ڪي سردارن جو حق بڻائي پيش ڪيو، قريش جا جيڪي ماڻهو صاحب اقتدار هئا اهي بداخلاقين ۾ مبتلا هئا، بنو هاشم انهن جي مقابلي ۾ ڪافي حد تائين اخلاق ممدوحہ سان سجيل رهيو، جڏهن تہ مخالفن ۾ ڪوڙ، ڦر ۽ چوري پنهنجو سرداري حق بانور ڪرايو ويو هو. هاڻي رسول الله ﷺ جن جي پيغام ڪي قبول ڪرڻ جو مطلب هو تہ هو عوام جي نظرن ۾ رذيل ۽ بنو هاشم معزز شمار ڪيا وڃن ۽ سندن سابق عادتن ڪي بہ تفاخر سان پيش ڪيو وڃي. اها ڳالهہ بہ قريش جي باقي خاندانن ڪي گران گذري.

## قريش جي مخالفت

قريش اسلام ڪي ابتدا ڪان ئي پاڙون پَٽي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهيا. ڪين اهو خيال پيدا ٿيو تہ هن نئين مذهب ڪي ڦهلجڻ ڪان پهريان ئي ختم ڪري ڇڏجي تہ جيئن وقت گذرڻ ڪان پوءِ اسلام گهڻو ڦهلجي سندن لاءِ هڪ وڏو مسئلو بڻجي سامهون نہ اچي. انهيءَ خدشي، دشمني ۽ عناد تحت قريش مخالف ۾ سندرو بَڌي ميدان ۾ لَهي پيا. قريش جو اهو خيال هو تہ جيڪي ماڻهو اسلام جي مقدس دعوت ڪي قبول ڪن ٿا انهن ڪي مختلف قسمن جون اذيتون ڏئي ڪين اسلام ڪي ڇڏڻ تي مجبور ڪجي، جيڪي نوان ماڻهو مسلمان ٿين ٿا انهن منجهان مسڪينن مٿان اهڙي سختي ڪجي ۽ ڪين اهڙيون تڪليفون ڏجن جو ٻيا ڪين ڏسي پنهنجي ارادي تان هٽي وڃن ۽ محمد (ﷺ) جي ڪابہ ڳالهہ ٻُڌڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ ٿين.

انهيءَ دشمني تحت مسلمانن ڪي ايذائڻ شروع ڪيائون. حضرت بلالؓ حبشي هو، اميہ بن خلف جو غلام هو. جڏهن اميہ ٻُڌو تہ بلالؓ

مسلمان ٿيو آهي تہ هو مٿس ڏمرجي پيو ۽ کيس سزائون ڏيڻ شروع ڪيائين بلڪہ تڪليف ڏيڻ جا نوان نوان طريقا مٿس آزمائيندو رهيو. ڪنڌ ۾ رسو وجهي ڇوڪرن کي ڏيندو هو ۽ اهي کيس مڪي جي گلين ۽ جبلن ۾ گهليندا رهيا، سندس ڳچيءَ ۾ انهيءَ رسي جو نشان نمايان نظر ايندو هو، کيس مڪي جي گرم ريتيءَ مٿان ليٽائي وري ڀيا گرم پٿر ڪٽي سندس ڇاتيءَ مٿان رکيا ويندا هئا، مشڪيزه ٻڌي ڏنڊن سان ماريو ويندو هو، اُس تي ويهاريو ويندو هو، بکيو اڃيو رکيو ويندو هو، حضرت بلالؓ اهڙي حالت ۾ بہ احد احد جا نعرا لڳائيندو رهيو. آخر حضرت ابوبڪر صديقؓ کيس خريد ڪري الله تعالىٰ جي لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو.

حضرت عمار سندس والد ياسر ۽ سندس امڙ سميہ رضي الله عنهم مسلمان ٿيا. ابوجهل انهن کي مختلف تڪليفون ڏيندو رهيو. هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن کين عذاب سهندي ڏٺو تہ فرمايو: اصبروا يا آل ياسر فان موعدڪم الجنة (ياسر جي گهر وارؤ! صبر ڪريو، توهان جو واعدو ڪيل مقام جنت آهي). بدبخت ابوجهل حضرت سميہؓ کي اندام نهاني ۾ نيزو هڻي شهيد ڪري ڇڏيو.[1] حضرت افلحؓ (ابو فڪيه) جي پيرن ۾ رسي ٻڌي کيس پٿريلي زمين تي گهليو ويندو هو. حضرت خبابؓ بن ارت جي مٿي وارا پٽيا ويندا هئا، ڪنڌ مروٽيو ويندو هو، گرم پٿرن سان بار بار باهہ جي انگرن مٿان ليٽايو ويندو رهيو، کيس قيد ۾ سخت اذيتون ڏنيون ويون. حضرت عيينہ، زنيره، نهديہ ۽ ام عبيس رضي الله عنهن ويچاريون ٻانديون هيون، انهن جڏهن اسلام قبول ڪيو تڏهن سندن سنگدل ۽ ظالم آقائن کين اهڙيون اهڙيون وحشيانہ سزائون ۽ اذيتون ڏنيون جو انسانيت شرمائجي ٿي وئي. اهڙي طرح

---

1. اسرار احمد، ڊاڪٽر، رسولِ انقلاب کا طريق انقلاب، ص 43، طبع اول، لاهور، مڪتبه خدام القرآن 2004

قريش پنهنجي ماتحتن، غلامن ۽ باندين کي تہ اذيتناڪ سزائون ڏئي ماري مڃائڻ جي چڪر ۾ رهيا تہ وري پنهنجي مائٽن ۽ اولاد جن اسلام جي دعوت کي قبول ڪيو سان بہ ساڳيو ورتاءُ جاري رکيو. حضرت عثمان بن عفانؓ جي باري ۾ جڏهن سندس چاچي کي خبر پئي تہ هن اسلام قبول ڪيو آهي تہ کيس کجور جي چٽائيءَ ۾ ويڙهي هيٺان دونهون ڏيندو هو، مصعب بن عميرؓ کي سندس ماءُ اسلام قبول ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ گهران ڪڍي ڇڏيو. ڪجهہ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کي قريش اُنن ۽ ڍڳين جي کل ۾ ويڙهي اُس ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا، ڪجهہ کي زره پهرائي اُس ۾ تپندڙ پٿرن مٿان ليٽائي ڇڏيندا هئا. مطلب تہ قريش کي جيڪو ڪرڻو هو سو ظلم ۽ اذيت ڪري چُڪا، هر حربا آزمائي چُڪا، هر سزا جيڪا سندن دماغ ۾ آئي اها ڏئي چُڪا مگر جنهن دل ۾ ايمان اچي وجي ۽ جيڪو شخص ايمان جو ذائقو چکي وٺي اهو ايمان خاطر هر تڪليف سهي سگهندو آهي، جيترو مٿس ايمان کي ڇڏڻ لاءِ ظلم و ستم ڪيو ويندو اوترو ئي ايمان سندس دل ۾ مضبوط ٿيندو ويندو آهي.

قريش صرف ايتري ۾ ئي چُپ ڪرڻ وارا ڪونہ هئا ڇاڪاڻ تہ اهو سندن انا جو مسئلو هو، سندن عياشين جي بقا خطري ۾ هئي، جنهن ڪري هنن اسلام جي منبع ۽ مرڪز يعني رسول اللهﷺ جن کي بہ مختلف حيلن وسيلن سان ستائڻ شروع ڪيو. حضور اڪرم ﷺ جن کي سِڌو وار ڪري شهيد ڪرڻ جي جرئت ڪنهن ۾ بہ نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ رسول الله ﷺ جن پاڻ بہ قريش جي هاشمي خاندان جي عبدالمطلب گهراڻي جا هڪ معزز فرد هئا، جنهن ڪري سڌو حملو ڪرڻ قريش لاءِ بہ وبال جان بڻجي سگهجي پيو، ٻيو تہ رسول الله ﷺ جن جي سابقہ سموري زندگي هنن جي سامهون گذري هئي، کين پورو يقين هوتہ پاڻ ﷺ جن جيڪو ڪجهہ بہ فرمائن ٿا انهيءَ ۾ سؤ سيڪڙو سچا آهن،

جيڪي بشارتون ڏين پيا اهي ملي رهنديون جيڪي خوف ڏياري پيو اهي هرحال ۾ ٿي رهندا، پاڻ ﷺ جن پنهنجي هر هڪ ڳالهه ۾ سچا آهن، اهو پختو يقين پوري قريش جي دل ۾ موجود هو، بس اگر ايمان آڻڻ ۾ جيڪا شيءِ سڀ کان وڏيڪ رڪاوٽ بڻي اها سندن انا هئي ته اسان هيڏا وڏا سردار هن ڇوڪري جي غلامي قبول ڪريون! اهو ناممڪن آهي، اسان هن جي چوڻ موجب زندگي گهاريون، مٿس ڪلمو پڙهي پاڻ کي سندس سامهون هيچ سمجهون، اهو قريش جي انا جي بلڪل مخالف عمل هو، جنهن لاءِ هو ڪنهن به صورت تيار نه پئي ٿيا. ٻيون ته سندن سمورين عياشين جو صدباب اسلام ڪري رهيو هو، جنهن ڪري پنهنجي نفساني خواهشن جي پورائي خاطر اسلام جي خلاف محاذ قائم ڪرڻ سندن نفساني مجبوري هئي.

اڻ سڌي طرح به قريش پنهنجي وسان نه گهٽايو، اسلام جي مرڪز يعني رسول الله ﷺ جن کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيندا رهيا. انهيءَ سموري شرارتن ۾ ابولهب ۽ ابوجهل پيش پيش رهيا. رسول الله ﷺ جن کي جيڪي تڪليفون ڏيندا رهيا اهي به ناقابل برداشت هيون. انهن ۾ رسول الله ﷺ جن جي رستي ۾ ڪندا وڇائڻ ته جيئن رات جي انڌيري ۾ سندن پَير مبارڪ زخمي ٿي پون، نماز دوران ڳلي ۾ چادر وغيره جو ڦندو ناهي گهٽو ڏيڻ، سجدي جي حالت ۾ اُٺ جي اوجهري مٿان رکڻ جهڙيون ڪربناڪ اذيتون ڏيندا رهيا. مسلمانن جو تعداد به ان وقت ڪافي ٿورو هو ۽ پنهنجا به اجان اسلام جي نعمت سان سرشار نه ٿيا هئا. قريش رسول الله ﷺ جن کي شهيد ڪرڻ جو ارادو ته نه ڪري سگهيا پر مختلف قسمن جون اذيتون ڏيندا رهيا. قريش حيران هئا ته ڪو ماڻهو سواءِ دولت ۽ مشهوري جي باقي ڇو ايتريون سختيون سَهندو؟ ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکي عتبه بن ربيعه کي قريش جي طرفان رسول الله ﷺ جن ڏانهن روانو ڪيائون. هو پاڻ

سڳورن ﷺ جن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: محمّد (ﷺ) ڇا ٿو چاهين؟ مڪي جي رياست؟ ڪنهن وڏي گهراڻي ۾ شادي؟ دولت جو ڍير؟ اسان اهو سڀ ڪجهه مهيا ڪري سگهون ٿا ۽ ان ڳالهه تي راضي آهيون ته پورو مڪو تنهنجي زير فرمان ٿي وڃي، مگر پنهنجن ڳالهين کان مُڙي وڃ! عتبه کي انهيءَ ڳالهه جو يقين هو ته پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن ڳالهه تي راضي ٿي پوندا. جواب ۾ رسول الله ﷺ جن قرآن مجيد جون هي آيتون پڙهيون:

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰـهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا.[1]

ترجمو: اي محمد! چئو مان توهان جهڙو ماڻهو آهيان، مون تي وحي نازل ٿيندي آهي، معبود بس هڪڙو معبود آهي، ته جنهن کي به پنهنجي پروردگار سان ملڻ جي آرزو هجي ته ان کي گهرجي ته نيڪ ڪم ڪري ۽ پنهنجي پروردگار جي عبادت ۾ ڪنهن کي به شريڪ نه ڪري.

عتبه واپس آيو ته اهو ساڳيو عتبه نه هو. هن قريش وٽ وڃي چيو ته محمد (ﷺ) جيڪو ڪلام پيش ڪري ٿو اهو شاعري ناهي ڪا ٻي شيءِ آهي، منهنجي راءِ اها آهي ته توهان ڪيس پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو، اگر ڪامياب ٿي عرب تي غالب آيا ته اهو توهان جي ئي عزت هوندي نه ته عرب خود ئي کين فنا ڪري ڇڏيندا. مگر قريش اها راءِ نه مڃي.

## نبوت جي مخالف ڪميٽي

هڪ دفعي قريش جا سردار هڪ مجلس ۾ ويٺا هئا، انهيءَ مجلس جو امير ابوجهل هو. ان مجلس ۾ نبوت جي ڪم کي روڪڻ ۽ نبوت جي خلاف ٿي پري پري کان ايندڙ ماڻهن کي نبوت جي تعليمات

1. سورت الڪهف، آيت 110.

ڪان پري رکڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي. انهيءَ مجلس ۾ اهو مسئلو ڇيڙيو ويو تہ جيڪي پري پري علائقن جا ماڻهو اچن ٿا انهن کي محمّد (ﷺ) جي باري ۾ ڇا چئي روڪڻ جي ڪوشش ڪجي؟ تہ جيئن اهي ماڻهو ڪائنس دور رهن ۽ سندس عظمت جا معترف نہ بڻجن. انهيءَ مجلس ۾ موجود هڪ ماڻهو چيو تہ اسان اهو چونداسين تہ هو ڪاهن (نجومي، پيشن گوئي ڪرڻ وارو پوپو) آهي. وليد بن مغيره (جيڪو تجربيڪار ڪراڙو هو) چيو تہ مون ڪيترا ئي ڪاهن ڏٺا آهن، ڪٿي ڪاهن جي ٽُڪ بندي ڪٿي محمّد (ﷺ) جو ڪلام، اسان کي اهڙي ڳالهہ نہ ڪرڻ گهرجي، جنهن کي عربن جا قبيلا اهو سمجهن تہ اسان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيون. ٻئي چيو تہ اسان ڪيس ديوانو (چريو) ٻُڌائينداسين. وليد چيو تہ محمّد (ﷺ) کي ديوانگيءَ سان ڪا نسبت ئي ناهي. اهو ٻُڌي وري هڪ ٻئي چيو تہ چڱو ٺيڪ آ اسان چونداسين تہ هو شاعر آهي. ان تي وليد وراڻيو تہ اسان ڄاڻون ٿا تہ شعر ڇا هوندو آهي، اسان ان جي صنفن ۽ وصفن کان واقف آهيون، محمّد (ﷺ) جي ڪلام کي شاعري سان ذروو برابر بہ ڪا مشابهت ناهي. وري هڪ ٻئي چيو تہ اسان اهو ٻڌائينداسين تہ هو جادوگر آهي. وليد چيو تہ جنهن پاڪائي ۽ نفاست سان محمد (ﷺ) رهي ٿو اها جادوگرن ۾ ڪٿي هوندي آهي. جادوگرن جي منحوس صورتون ۽ نجس عادتون الڳ هونديون آهن. بالا آخر سڀ انهيءَ ڳالهہ کان عاجز ٿي پيا تہ آخر ان باري ۾ ڇا چئجي؟ پوءِ هنن وليد بن مغيره کي چيو تہ چاچا! هاڻي پلا تون ئي ٻُڌاءِ تہ آخر ڇا چئون؟ وليد چيو: سچ تہ اهو آهي تہ محمّد (ﷺ) جي ڪلام ۾ عجيب شيريني ۽ مناس آهي، هن جي گفتگو ۾ ڪشش آهي، بس سندس باري ۾ اهو چئي سگهون ٿا تہ سندس ڪلام اهڙو آهي جيڪو پيءُ پٽ، پائرن، زال مڙسن ۾ جدائي وجهندو آهي، انهيءَ جي ٻُڌڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. آخر ۾ ان ڪميٽي هي ريزوليوشن پاس ڪيو تہ: محمّد (ﷺ) کي هر

طرح پريشان ڪيو وڃي، سندس مذاق اڏايو وڃي، ڪيس هر طرح جو ايذاءُ پهچائجي، ڪيس سخت تڪليف رسائجي، محمّد (ﷺ) ڪي سچو سمجهڻ وارن کي تمام وڏين تڪليفن جو شڪار بڻائجي.

## حضرت حمزهؓ جو قبول اسلام

رسول الله ﷺ جن جي چاچن منجهان حضرت حمزهؓ جي ساڻن خاص محبت هوندي هئي. سندن عمر ۾ ٻه ٽي سالن جو فرق هو. حضرت حمزهؓ رسول الله ﷺ جن کان عمر ۾ وڏو هو مگر ٻچپن ۾ ٻنهي حضرت ثويبهؓ جو کير پيتو هو، انهيءَ حساب سان پاڻ ۾ رضاعي ڀائر ٻه هئا ۽ ٻچپن ۾ گڏ کيڏندا هئا. حضرت حمزهؓ اڃان اسلام ته قبول نه ڪيو هو مگر پوءِ ٻه رسول الله ﷺ جن کي محبت ۽ پيار جي نظر سان ڏسندو هو. سندس معمول هوندو هو ته پاڻ صبح سويري تير ڪمان کڻي شڪار تي نڪري ويندو هو، سڄو ڏينهن شڪار ڪرڻ ۾ مصروف رهندو هو ۽ شام جو واپس اچي پهريان حرم ۾ ويندو هو، اتي قريش جا سردار حرم جي صحن ۾ الڳ الڳ ٽولن جي صورتن ۾ ويٺا هوندا هئا، انهن سان سلام دعا ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ٽولي ۾ ويهي ڪچهري به ڪندو هو. اهڙي طرح قريش جي سيني سردارن سان سندس دوستي ۽ سلام دعا هوندي هئي. رسول الله ﷺ جن سان قريش جيڪو اوپرو ۽ بي رحمانه سُلوڪ ڪندا هئا اهو ڏارين کان به ڏنو نه ٿيندو هو. هڪ دفعي رسول الله ﷺ جن صفا جبل تي ويٺا هئا، ابوجهل اتي پهچي ويو، هن پهريان رسول الله ﷺ جن کي پهريان گاريون ڏنيون ۽ جڏهن ڏنائين ته نبي ڪريم ﷺ جن پوءِ به چپ چاپ آهن ته هڪ پٿر کڻي سندن مٿي مبارڪ تي هنيائين. ان پٿر جي ڪري رت وهڻ لڳو. اهو سڀ ڪجهه هڪ ٻاندي ڏسي رهي هئي. حضرت حمزهؓ شڪار کان واپس آيو ان ٻاندي ڪيس سڄي ماجرا ٻُڌائي. حضرت حمزهؓ کي تمام گهڻو غصو آيو، تير ڪمان ڪنيون سڌو حرم ۾ آيو، اچڻ سان ابوجهل کي

خوب ڪري ڪوٺي ٻُڌائي سندس مٿي تي اهڙي زور سان ڪمان هڻي ڪڍيائين جو سندس مٿو زخمي ٿي پيو ۽ رت وهڻ لڳس، آخر ۾ چيائين ته مان به مسلمان ٿيو آهيان جيڪو ڪري سگهين ٿو ڪري ڏيکار. اهو چئي سڌو دربار رسالت ۾ آيو ۽ اچي چوڻ لڳو ته ڀائٽيا! مون ابوجهل کان تنهنجو بدلو وٺي ڇڏيو آهي. اهو ٻُڌي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته چاچا! مون کي اهڙين ڳالهين سان خوشي ناهي ملندي، ها اگر تون مسلمان ٿي پوين ته مون کي تمام گهڻي خوشي ملندي. اهو ٻُڌي حضرت حمزهؓ چيو ته پوءِ مون کي ڪلمو پڙهاءِ. حضرت حمزهؓجي اسلام قبول ڪرڻ تي رسول اللهﷺ جن کي تمام گهڻي خوشي ٿي.

## حضرت عمر فاروقؓجو قبول اسلام

حضرت عمر فاروقؓ جڏهن زندگيءَ جون ستاويهه بهارون ڏسي چُڪو هو ته آفتاب رسالت عربستان جي ريگستان ۾ طلوع ٿيو. حضرت عمر فاروقؓجي شجاعت ۽ دليري ان وقت ۾ مشهور هئي. رسول الله ﷺ جن الله تعالىٰ کان عُمَرين (عَمرو بن هشام ”ابو جهل“ يا عُمر بن خطاب) جي قبول اسلام سان اسلام کي طاقت بخشڻ جي دعا گهري. اها دعا حضرت عمر بن خطابؓجي حق ۾ قبول ٿي ۽ ڪيس اسلام جي دولت نصيب ٿي. حضرت عمر فاروقؓجي ڀيڻ فاطمه بنت خطاب جي شادي سعيد بن زيدؓسان ٿيل هئي. حضرت سعيد مسلمان ٿيو ته ان جي تبليغ سان حضرت فاطمه بنت خطابؓ به مسلمان ٿي. انهيءَ گهراڻي جي هڪ معزز شخص نعيم بن عبداللهؓ به اسلام قبول ڪيو ۽ خاندان جي ٻين ڪجهه ماڻهن به اسلام قبول ڪيو ته حضرت عمر فاروقؓسخت ڪاوڙيو. سندس هڪ ٻانڌي لُبينهؓ به اسلام قبول ڪيو ته ڪيس مارڻ شروع ڪيائين. ڪيس ماري ماري جڏهن ٿڪجي پوندو هو ته چوندو هو ته ” ساهه پٽيان پوءِ تو کي ماريان ٿو“. لُبينهؓ کان علاوه جن تي وَس هلندو

هئس تہ انھن کي سزائون ڏيندو، مار پيٽ ڪندو ۽ گھڻ وڏ ڳالھائيندو هئن. انھن سيني مٿان ايترين سختين ڪرڻ جي باوجود ڪنھن بہ هڪ کي بدلائي نہ سگھيو. ايمان جو نشو اهڙو آهي جنھن تي چڙهي وڃي تہ ان تي سختي ڪرڻ جي نتيجي ۾ اجان ايمان ۾ مضبوطي ئي ايندي آهي. جڏهن ڪنھن هڪ بہ ماڻهو کي پنھنجي مقصد تان هٽائي نہ سگھيو تہ مجبور ٿي خود رسول الله ﷺ جن کي (نعوذ بالله) قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيائين. تلوار هٿ ۾ ڪٽي پنھنجي مذموم ارادي کي پايئہ تڪميل تي پھچائڻ لاءِ گھران نڪري پيو.

اتفاقًا رستي ۾ نعيم بن عبداللهؓ ملي ويس، سندس ڪاوڙ ڏسي ڪانئس پُڇيائين تہ خير تہ آهي نہ؟ چوڻ لڳو تہ محمد (ﷺ) جو فيصلو ڪرڻ ٿو وڃان. اهو ٻڌي چيائينس تہ پھريون پنھنجي گھر جي تہ خبر وٺ! تنھنجي ڀيڻ ۽ تنھنجو ڀيڻويو اسلام قبول ڪري چُڪا آهن. اهو ٻُڌي حضرت عمر فاروقؓ اتان ئي واپس ٿي ڀيڻ جي گھر پھتو، هوءَ قرآن مجيد جي تلاوت ڪري رهي هئي، حضرت عمر فاروقؓ جي قدمن جي آهٽ ٻُڌي قرآن مجيد جا اهي اجزاءِ لڪائي ڇڏيائين، پر پوءِ بہ قرآن مجيد جو آواز سندس ڪنن تي پئجي ويو. ڀيڻ کان پڇڻ لڳو تہ هي آواز ڇا جو هو؟ ورائيائين تہ ڪجھہ نہ. حضرت عمر فاروقؓ چوڻ لڳو تہ نہ مون پاڻ اهو آواز ٻُڌو آهي. توهان ٻئي مرتد ٿي ويا آهيو، اهو چئي حضرت سعيد بن زيدؓ کي مارڻ شروع ڪيائين، جڏهن فاطمہؓ کيس ڇڏائڻ لاءِ اڳتي وڌي تہ ان کي بہ مارڻ شروع ڪيائين. ايترو ماريائين جو ٻنھي کي رتورت ڪري ڇڏيائين. آخر ۾ فاطمہؓ چوڻ لڳس تہ عمر! جيڪو ڪري سگھين ڪر، مگر هاڻي اسلام دل منجھان نہ نڪرندو. اهي الفاظ حضرت عمرؓ تي اثر ڪري ويا، ڀيڻ جي طرف محبت ڀري نظر سان ڏٺائين وري ڀيڻوي جي طرف نھاريائين. ٻنھي جو جسم لھو لھان هو، اهو ڏسي دل اجان بہ نرم ٿي پيس. چوڻ لڳو تہ جيڪو پڙهي رهيا هئا

اهو مون کي بہ ٻُڌايو. حضرت فاطمہؓاهي قرآن مجيد جا اجزاءِ ڪڍي سندس سامهون رکيا، انهن کي ڪڍي ڏٺائين تہ سورت الحديد جون آيتون سامهون هئس.

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱﴾

ترجمو: زمين ۽ آسمانن ۾ جيڪو ڪجھ آهي اهو الله جي تسبيح پڙهندو آهي ۽ اهو ئي غالب ۽ حڪمت وارو آهي. هڪ هڪ لفظ تي سندس دل مرغوب ٿيڻ لڳي، ايسيتائين جو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ.

ترجمو: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو.

پڙهيائين تہ بي اختيار سندس زبان منجهان هي الفاظ نڪتا: اَشْهَدُ اَنْ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشحهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ. مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ناهي ۽ محمّد الله جو بندو ۽ رسول آهي.

ڪجھ راوين هن واقعي کي ٻي طرح بہ لکيو آهي تہ حضرت خباب بن الارتؓ ان وقت حضرت سعيد بن زيدؓجي گھر ۾ کين قرآن مجيد پڙهائي رهيو هو، حضرت عمرؓجي اچڻ تہ ڪيس گھر ۾ لڪايو ويو هو، جڏهن حضرت عمرؓ ڀيڻ ۽ ڀيڻوي کي ماري هار مڃي وينو تہ پوءِ هو ٻاهر نڪري آيو ۽ ڪيس قرآن مجيد جون آيتون پڙهي ٻڌايائين. قرآن مجيد سندس دل تي اثر ڪيو ۽ هو انهن جي سامهون مسلمان ٿيو. والله اعلم بألصواب

ان وقت رسول الله ﷺ جن دارالارقم ۾ پناھ گزير هئا. حضرت عمر فاروقؓ جڏهن اتي پهتو ۽ دروازو کڙڪايائين تہ صحابہ ڪرام سندس هٿ ۾ تلوار ڏسي تردد جو شڪار تي ويا. حضرت حمزةؓ اتيو فرمائڻ لڳو تہ گهبرايو نہ، اگر عمر مخلصانہ آيو هي تہ پوءِ نيڪ آهي ورنہ سندس ئي تلوار سان سندس سر قلم ڪري ڇڏينداسين. حضرت عمر

فاروقؓ دروازي اندر قدم رکيو ته رسول اللهﷺ جن خود اڳتي وڌي سندس ڳلو پڪڙي فرمايو: "عمر ! ڏي خبر ڪهڙي ارادي سان آيو آهين؟" نبوت جي پُر جلال آواز مٿس ٿرٿراهٽ جاري ڪري ڇڏي. ڏاڍي ادب ۽ احترام سان عرض ڪيائين ته " ايمان قبول ڪرڻ آيو آهيان." اهو ٻُڌي رسول الله ﷺ جن بي ساخته الله اڪبر پڪاريو ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم به گڏجي اهڙو ته الله اڪبر جو نعرو لڳايو جو مڪي شريف جا جبل به گونجي اٿيا.

حضرت عمر فاروق ۽ حضرت حمزه رضي الله عنهما جي قبول اسلام سان هڪ نئون دور شروع ٿيو. ان وقت چاليهه ڪان پنجاهه ماڻهو ئي اسلام جي دامن ۾ اچي چُڪا هئا. انهيءَ وقت ڪان اڳ مسلمان عبادت به چوري ڇُپي ڪندا هئا، ڪعبت الله ۾ ته نماز پڙهڻ بلڪل ناممڪن هو، مگر حضرت عمر فاروقؓ جي اسلام قبول ڪرڻ سان معاملو بلڪل مختلف ٿي ويو. حضرت عمر فاروقؓ جي اسلام آڻڻ تي مخالفن ۾ هنگامو برپا ٿيو، ڏاڍا مضطرب ٿيا، ڪين ان ڳالهه جو ڏاڍو افسوس ٿيو ته عمرؓ جهڙو بهادر ۽ دلير شخص به اسلام جي آغوش ۾ هليو ويو. حضرت عمر فاروقؓ اعلانيه طور تي اسلام قبول ڪرڻ جو اظهار ڪيو، مخالفين شروع شروع ۾ ڏاڍي سختي ڪئي مگر هو ثابت قدم رهيو ايسيتائين جو مسلمان ڪعبت الله ۾ جماعت سان نماز پڙهڻ لڳا. ان باري ۾ حضرت عبدالله بن مسعودؓ فرمائي ٿو: فلمّا اسلم عمر قاتل قريشا حتى صلى عند الكعبة و صلينا معه. ترجمو: جڏهن عمرؓ اسلام قبول ڪيو ته قريش سان وڙهندو رهيو ايسيتائين جو ڪعبت الله ۾ نماز پڙهيائين ۽ اسان به ان سان گڏ نماز پڙهي.

## هجرت حبشہ

قريش مسلمان ٿيڻ وارن ماڻهن مٿان ظلمن جي انتها ڪندا رهيا، جيترو ڪانئن ممڪن ٿي سگهيو هنن پنهنجي وَسان نہ گهٽايو. انهن جا عذاب ۽ ستم ڪنهن بہ هڪ کي ايمان تان هٽائي نہ سگهيا. مگر ايترو ضرور هو تہ هو سُڪون سان پنهنجي مالڪ جي عبادت بہ نہ ٿي ڪري سگهيا. اهل ايمان قريش جو هر جور و ستم سَهڻ لاءِ تيار هئا پر رحمتِ عالم ﷺ جن پنهنجي جان نثارن کي هدايت ڪئي هو تہ حبشہ جي طرف هجرت ڪري وڃن. حبش عربن خاص ڪري قريش جي پراڻي تجارت گاهہ هئي. ڪجهہ پاڙيسري ملڪن جن ۾ حبشہ بہ هو سان قريش جا سُنا تعلقات هئا. حبشہ جي فرمان روا کي نجاشي سڏيو ويندو هو. ان وقت جي حاڪم جو عدل ۽ انصاف مشهور هو. جيڪو ماڻهو اسلام جي نعمت سان ڀرپور ٿي جنهن بہ جاءِ تي ويندو هو تہ اسلام جون شعائون خود بخود پکڙجڻ لڳنديون هيون. جڏهن رسول الله ﷺ جن کي اها خبر پئي تہ حبش جو بادشاهہ نيڪ نفس عيسائي آهي، سندس ملڪ ۾ ماڻهن کي مذهبي آزادي حاصل آهي، جنهن ڪري پاڻ ﷺ جن سن 5 نبوي ۾ پنهنجي جان نثار صحابہ ڪرامؓ کي حبشہ هجرت ڪرڻ جو حڪم فرمايو.

ان حڪم جي تڪميل ڪندي پهريان پندرهن صحابہ ڪرامؓ تي مشتمل قافلو روانو ٿيو. اهو قافلو جيئن ئي بندرگاهہ تي پهتو تہ اتفاق سان اتي بہ تجارتي بحري جهاز حبشہ وڃي رهيا هئا. جهاز وارن هن قافلي وارن کي سستي قيمت تي سوار ڪيو. هر شخص کي ان سفر جا پنج درهم ڏيڻا پيا. قريش کي جڏهن هن قافلي جي روانگيءَ جي خبر پئي تہ هنن هڪ ٽولو هن قافلي کي پڪڙڻ لاءِ روانو ڪيو. هن قافلي جو تعاقب ڪندي بندرگاهہ تائين پهتا مگر تيستائين دير ٿي چُڪي هئي ۽ جهاز روانا ٿي چُڪا هئا.

حبشہ طرف سڀ کان پهريان جنهن جماعت هجرت ڪئي ان ۾ اختلاف راءِ سان يارهن مرد ۽ چار عورتون شامل هيون. هن ٽولي جو سردار حضرت عثمان غنيؓ هو، انهيءَ هجرت ۾ سندس زوجہ محترمہ حضرت رقيہؓ بنت رسول الله ﷺ بہ هم سفر هئي. هن مختصر پُر ايمان جماعت جي شرڪاء جا نالا هي آهن:

1. حضرت عثمان بن عفانؓ پنهنجي زوجہ محترمہ حضرت رقيہؓ بنت رسول الله ﷺ سان گڏ
2. حضرت ابو حذيفہ بن عتبہؓ پنهنجي زوجہ حضرت سهله بنت سهيلؓ سان گڏ
3. حضرت زبير بن العوامؓ
4. حضرت مصعب بن عميرؓ
5. حضرت عبدالرحمٰن بن عوفؓ
6. حضرت ابو سلمه بن عبدالاسدؓ مخزومي پنهنجي زوجہ حضرت امِ سلمه بنت ابي اميہؓ سان گڏ
7. حضرت عامر بن ربيعہؓ پنهنجي زوجہ حضرت ليلىٰ بنت ابي حشمہؓ سان گڏ
8. حضرت ابو سبرة بن ابي رُهمؓ
9. حضرت ابو حاطب بن عمروؓ
10. حضرت سهيل بن بيضاءؓ
11. حضرت عبدالله بن مسعودؓ

انهن کي جڏهن حبشہ ۾ سُڪون ۽ اطمينان مليو تہ ٻيا مسلمان بہ هجرت لاءِ روانا ٿيڻ لڳا. آهستي آهستي چوري چُپي هڪ هڪ ٻہ ٻہ ٽي سڀ کان پهريان هو سمنڊ ڪناري جمع ٿيا. اتان ئي سيئي گڏجي حبش طرف روانا ٿيا. هن ٻئي قافلي ۾ تقريبًا 83 مرد ۽ 18 عورتون شامل هئا. نجاشي جي نيڪ طبيعت هئڻ ڪري اتي مسلمان امن امان

جي زندگي گذاري رهيا هئا. اها ڳالهه قريش کي ستائي رهي هئي، ڪين ڪنهن به طرح سُڪون نه مليو ته پاڻ ۾ صلاحون ڪرڻ لڳا ته هاڻي ڇا ڪجي؟ آخرڪار انهيءَ ڳالهه تي متفق ٿيا ته نجاشي کي سفارش موڪليون ته اسان جي هن مجرمن جيڪي اسان جي ملڪ منجهان ڀڄي وڃي پناهه ورتي آهي کين پنهنجي ملڪ مان نيڪالي ڏئي ڇڏي. اهو پيغام پهچائڻ لاءِ عبدالله بن ربيعه ۽ عمرو بن العاص (فاتح مصر) کي منتخب ڪري کين قيمتي تحفن سان گڏ نجاشي جي دربار ۾ موڪليو ويو. هي حبش ۾ پهچي پهريان نجاشي جي درباري پادرين سان مليا. کين تحفا پيش ڪري چوڻ لڳا ته اسان جي شهر جي ڪجهه نادان ماڻهن هڪ نئون مذهب ايجاد ڪيو آهي، اسان انهن کي ڪڍي ڇڏيو ته هو اتان ڀڄي اچي توهان جي ملڪ ۾ رهيا آهن. سڀاڻي بادشاهه جي دربار ۾ ان بابت اسان جيڪا درخواست پيش ڪريون توهان به اسان جي تائيد ڪجو. بئي ڏينهن هي سفير نجاشي جي دربار ۾ پهتا ۽ نجاشيءَ کي تحفا تحائف پيش ڪري درخواست ڪيائون ته اسان جا مجرم اسان جي حوالي ڪيا وڃن، سندن اهڙي درخواست جي تائيد انهن درٻارين به ڪئي. نجاشي مسلمانن کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو ۽ ڪانئن پُڇيو ته توهان ڪهڙو نئون دين ناهيو آهي جيڪو نصرانيت ۽ بُت پرستي ٻنهي جي مخالفت ڪري ٿو؟ مسلمانن حضرت جعفر بن ابي طالبؓ (حضرت عليؓ جو ڀاءُ) کي نجاشيءَ جي دربار ۾ ڳالهائڻ لاءِ منتخب ڪيو. حضرت جعفرؓ هن طرح پنهنجي تقرير ڪئي:

**بادشاهه عالي جاهه!**

اسان ماڻهو هڪ جاهل قوم هئاسين، بُتن جي پُوڄا ڪندا هئاسين، مردار کائيندا هئاسين، بدڪاريون ڪندا هئاسين، پاڙيسرين کي ستائيندا هئاسين، نياڻين کي زنده دفن ڪندا هئاسين، ڀاءُ ڀاءُ تي ظلم و

ستم ڪندو هو، طاقتور ڪمزور کي کائي رهيو هو، جيڪا برائي ٿي سگهي پئي اها اسان منجهه موجود هئي، ايتري ۾ اسان منجهه هڪ شخص پيدا ٿيو، جنهن پنهنجي زندگيءَ جا چاليهه سال اسان جي درميان نهايت شرافت ۽ ديانتداريءَ سان بسر ڪيا، جنهن جي شرافت، صدق ۽ ديانت کان اسان اڳ ۾ ئي واقف هئاسين، کيس الصادق ۽ الامين جو لقب بہ پاڻ ئي ڏنو هئوسين، هن اسان کي اسلام جي دعوت ڏني، اسان کي ٻُڌايائين تہ الله کيس نبي ڪري موڪليو آهي ۽ الله جو حڪم آهي تہ صرف الله اڪيلي جي عبادت ڪريو ۽ اسان کي اهو سيکاريو تہ پٿرن جي پوڄا ڪرڻ ڇڏي ڏيو، سچ ڳالهايو، خون ريزي کان پاسو ڪريو، يتيمن جو مال نہ کائو، پاڙيسرين کي آرام پهچايو، پاڪدامن عورتن مٿان داغ نہ لڳايو، نماز پڙهو، روزا رکو، زڪوٰت ڏيو، پاڻ ۾ محبت، شفقت ۽ مهربانيءَ سان رهو. اي بادشاهه سلامت اسان کي سندس ڳالهيون صحيح معلوم ٿيون جنهن ڪري اسان مٿس ايمان آندو، شرڪ ۽ بت پرستي ڇڏي ڏني ۽ سيني بُرن عملن کان پاسي ٿياسين، ان ڏوهه ۾ اسان جي قوم اسان جي جاني دشمن بڻجي پئي ۽ اسان کي مجبور ڪندي رهي تہ اسان واپس ان گمراهيءَ جي طرف موٽي وڃون.

قريش جي سفيرن جڏهن ڏٺو تہ بادشاهه حضرت جعفرؓ جي تقرير کان متاثر ٿي رهيو آهي تہ هنن بادشاهه کي چيو تہ توهان هنن کان حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ حضرت مريم عيلها السلام جي باري ۾ هنن جو عقيدو پڇو؟ هي ڪجهه ٻيو چون ٿا ۽ عيسائين جي ترديد ڪن ٿا.

بادشاهه هنن کان حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ حضرت مريم عليها السلام جي باري ۾ عقيدو پُڇيو. حضرت جعفرؓ سورت مريم جون ڪجهه آيتون پڙهڻ شروع ڪيون. جن ۾ حضرت مريم عليها السلام جي پاڪدامني بيان ڪئي وئي آهي ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ هو الله جو پٽ ناهي بلڪ الله جو بندو ۽

رسول آهي، جنهن کي الله تعالىٰ معجزا عطا فرمايا هئا. جڏهن حضرت جعفرؓ قرآن مجيد جي تلاوت ڪري رهيو هو تہ نجاشيءَ مٿان رقت طاري ٿي وئي ۽ اکين منجهان ڳوڙها وهي پيس. پوءِ چوڻ لڳو: خدا جو قسم! هي ڪلام ۽ انجيل ٻئي هڪ ئي ڏيئي جي روشني مثل آهن. مون کي يقين آهي تہ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي حيثيت اها ئي آهي جيڪا هن مسلمان قرآن مجيد جي حوالي سان بيان ڪئي آهي ۽ ان کان وڌيڪ ذرو بہ نہ آهي. پوءِ قريش جي سفيرن کي چوڻ لڳو تہ هي توهان جا غلام ناهن، توهان جا مقروض ناهن، پوءِ هنن کي توهان جي حوالي ڇو ڪيو وڃي؟ مسلمانن کي چوڻ لڳو تہ توهان هن ملڪ ۾ اطمينان سان رهو. هي بادشاهہ مسلمان ٿيو هو، جڏهن سندس انتقال ٿيو هو تہ ان وقت رسول الله ﷺ جن ان ڏينهن ئي سندس وفات جي خبر ڏني هئي ۽ سندس غائبانہ جنازه نماز بہ پڙهي هئي.

قريش جا سفير ناڪام ٿي حبش جي دربار مان واپس موٽيا. قريش کي جڏهن سندن سفارت جي ناڪاميءَ جي خبر ملي تہ هو سخت برهم ٿي پيا. حضرت ابوطالب ۽ آل هاشم تي زور وجهڻ لڳا تہ محمّد (ﷺ) جو ساٿ ڇڏي ڏين ۽ سندس ذميواريءَ تان دست بردار ٿين. انهن رسول الله ﷺ جن کي پهريان لالچ ۽ پوءِ ڌمڪين سان، مطلب ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان مڃائڻ جو پروگرام رٿيو. انهيءَ پروگرام کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ مڪي شريف جي مشهور مالدار سردار عتبہ کي رسول الله ﷺ جن سان ڳالهائڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. هن رسول الله ﷺ جن کي چيو تہ :

” منهنجا ڀائٽيا محمد! اگر تون ان ڪاروائي ذريعي مال دولت گڏ ڪرڻ ٿو چاهين تہ اسان پاڻ ئي توکي ايتري دولت ڏيون ٿا جو تون مالا مال ٿي وڃين. اگر تو کي عزت گهرجي ٿي تہ اسان توکي پنهنجو سردار مڃون ٿا ۽ اگر توکي حڪومت جي طلب آهي تہ توکي عربستان جو بادشاهہ

ٻڌايون ٿا، جيڪو چاهين اهو سڀ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر بس تون رڳو پنهنجو اهو طريقو ڇڏي ڏي ۽ اگر تنهنجي دماغ ۾ ڪو خلل آيو آهي ته اهو به ٻُڌاءِ ته اسان تنهنجو علاج ڪرايون.

اهو ٻُڌي رسول الله ﷺ فرمايو ته جيڪي ڳالهيون تو ڪيون آهن انهن ۾ ذرو به ڪا ڳالهه صحيح نه آهي، مون کي عزت، مال، دولت، حڪومت يا ٻيو ڪجهه درڪار ناهي ۽ نه ئي منهنجي دماغ ۾ ڪو خلل آهي، منهنجي حقيقت تو کي قرآن جي هن ڪلام مان معلوم ٿيندي.

حٰمٓ ﴿۱﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿۲﴾ مَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَاۤ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَمَّاۤ اُنْذِرُوْا مُعْرِضُوْنَ ﴿۳﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ؕ اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَاۤ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۴﴾ وَ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَنْ لَّا يَسْتَجِيْبُ لَهٗۤ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَ هُمْ عَنْ دُعَآئِهِمْ غٰفِلُوْنَ ﴿۵﴾ وَ اِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا لَهُمْ اَعْدَآءً وَّ كَانُوْا بِعِبَادَتِهِمْ كٰفِرِيْنَ ﴿۶﴾[1]

ترجمو: حٰم. هي فرمان الله جي حضور منجهان آيو آهي، هو وڏي رحمت وارو ۽ نهايت رحم ڪرڻ وارو آهي. هي برابر پڙهيو ويندڙ ڪتاب آهي، عربي زبان ۾ سمجهڻ وارن ماڻهن لاءِ هن ۾ سڀ ڳالهيون صاف ۽ واضع موجود آهن، جيڪي ماڻهو الله جو حڪم مڃيندا آهن انهن لاءِ هن فرمان ۾ خوشخبري آهي ۽ جيڪي انڪار ڪندا آهن انهن کي الله جي عذاب کان ڊيڄاريندڙ آهي، پس گهڻن ماڻهن هن فرمان کان منهن موڙي ڇڏيو آهي، هو هن کي ٻڌندا ئي ناهن ۽ چوندا آهن ته هن جو اسان جي دلين تي ڪوبه اثر ناهي ۽ اسان جا ڪن ان کان آشنا ناهن ۽ اسان جي توهان جي درميان هڪ پردو آهي، توهان پنهنجو حيلو ڪريو اسان پنهنجي تدبير ڪيون ٿا، اي نبي! انهن ماڻهن کي چؤ ته مان به توهان

1. سورت الاحقاف، آيت 1 کان 6

وانگر انسان آهيان مگر مون تي وحي ايندي آهي ۽ الله جي ملائڪ اهو ٻُڌائي ڇڏيو آهي تہ معبود صرف هڪ آهي، ان جي طرف ڌيان ڏيڻ ۽ ان کان ئي گناهن جي معافي وٺڻ لازمي آهي، انهن ماڻهن تي افسوس آهي جيڪي شرڪ ڪن ٿا ۽ صدقو نہ ٿا ڏين ۽ آخرت جو انڪار ڪندا آهن ليڪن جن ماڻهن الله تي ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪَيا انهن جي لاءِ آخرت ۾ وڏا درجا آهن.

ڪلام پاڪ ٻُڌندي ئي عتبہ مٿان محويت جو هڪ عالم طاري ٿي ويو. هو هٿ جوسهارو ڏئي ڪنڌ پوئتي ڪري ٻُڌندو رهيو ۽ بالا آخر چُپ چاپ اٿي هليو ويو. قريش نتيجي جا منتظر وينا هئا، عتبہ جيئن ئي آيو تہ سيني کيس گهيري ورتو ۽ وٽس گڏ ٿي ويا. ڪانئس پُڇڻ لڳا تہ ڇا ڏنئي؟ ڇا چيئي؟ ڇا ٻڌئي؟ عتبہ چيو: قريش وارؤ! مان اهڙو ڪلام ٻڌي آيو آهيان جيڪو نہ ڪهانت آهي، نہ شعر، نہ جادو آهي، نہ منتر، توهان منهنجو چوڻ مڃو، محمّد (ﷺ) کي سندس حال تي ڇڏي ڏيو. ماڻهن اهو ٻُڌي چيو تہ عتبہ تي بہ محمد (ﷺ) جي زبان جو جادو هلي پيو.

جڏهن لالچ سان سندن مطالبو نہ مڃيو ويو تہ سيني خاندانن جا سردار گڏ ٿيا ۽ حضرت ابو طالب وٽ پهتا ۽ مٿس گهڻو زور وڌائون تہ رسول الله ﷺ کي منع ڪر، نہ تہ اسان جي حوالي ڪر. هي تقرير ڪيائون:

”اسان توهان جو گهڻو ادب ڪيو، لحاظ رکيو، توهان جو پائٽيو اسان جي وڏن ۽ ٻُتن کي جن کي اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن ايترو سخت سست چوي ٿو، هاڻي اسان کان صبر نہ ٿو ٿئي. توهان کيس سمجهائي چُپ رهڻ جي هدايت ڪريو نہ تہ اسان کيس اُفٽ ماري ڇڏينداسين ۽ تون اڪيلو اسان جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندين.“

سمورن سردارن جي دشمني ڏسي چاچي جي دل محبت ۽ درد سان پرجي آئي. مجبور ٿي حضرت ابوطالب رسول الله ﷺ جن سان ان

باري ۾ ڳالهايو. رسول الله ﷺ جن فرمايو: چاچا جان! اگر هي ماڻهو منهنجي ساڄي هٿ تي سج لاهي رکن ۽ کاٻي هٿ تي چنڊ لاهي رکن تہ بہ مان پنهنجي مقصد کان نہ هٽندس ۽ الله جي حڪم ۾ هڪ اکر جيتري بہ کوٽ يا واڌ نہ ڪندس. چاهي ان ڪم ۾ منهنجي جان بہ هلي وڃي.

اها سخت پختگي ڏسي حضرت ابوطالب جي محبت ۽ درد ۾ دل پرجي آئي ۽ قريش کي ڪٿو جواب ڏنائين تہ مان پنهنجي پائٽي جي مدد ڪرڻ نہ ڇڏيندس، هن سان سهڪار ڪرڻ کان بہ پوئتي ڪونہ هٽندس. اي محمّد (ﷺ) تون پنهنجو ڪم ڪندو رهہ، توکي پنهنجو ڪم جاري رکڻ جي منهنجي طرفان اجازت آهي.

ان ناڪاميءَ کان پوءِ قريش پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ محمّد (ﷺ) کي سامهون گهرائي پاڻ ئي ڳالهايون. ان مشوري ڪرڻ کان بعد نبي ڪريم ﷺ جن کي پاڻ وٽ گهرايو. رسول الله ﷺ جن کي ڇَوِرائي موڪليائون تہ قوم جا سردار توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻ چاهن ٿا ۽ ڪعبت الله جي اندر گڏ وينا آهن. رسول الله ﷺ جن خوشيءَ سان اتي پهتا، ڇو تہ رسول الله ﷺ جن کي سندن ايمان آڻڻ جي آرزو هئي. جڏهن پاڻ سڀورا ﷺ اتي پهچي وينا تہ انهن سان گفتگو شروع ٿي. انهن منجهان هڪ چوڻ لڳو : اي محمّد! (ﷺ) اسان توکي هتي ڳالهيون ڪرڻ لاءِ گهرايو آهي. بخدا اسان نہ ٿا ڄاڻون تہ ڪو بہ شخص اهڙو هجي جيڪو پنهنجي قوم مٿان اهڙيون مشڪلاتون آڻڻ وارو هجي، جيتريون تو پنهنجي قوم مٿان وڌيون آهن. ڪا بہ خرابي اهڙي ناهي جيڪا تنهنجي ڪري مٿن نہ آئي هجي، تون اهو بُڌاءِ تہ اگر تون پنهنجي نئين دين ذريعي مال جمع ڪرڻ چاهين ٿو تہ اهو اسان تو لاءِ جمع ڪريون، ايترو مال جو اسان منجهان ڪنهن وٽ بہ ايترو مال ملڪيت نہ هجي ۽ اگر ڪنهن شرافت يا عزت جو طلبگار آهين تہ اسان

تو کي پنهنجو سردار بڻايون ۽ اگر سلطنت جو طالب آهين ته توکي پنهنجو بادشاهه مقرر ڪريون ۽ اگر تون سمجهين ٿو ته جيڪي شيون تو کي نظر اچن ٿيون، اهي ڪو جنات وغيره جو اثر آهي جيڪي تو مٿان غالب اچي ويا آهن ته اسان ٺوٺڪن لاءِ مال خرچ ڪري تنهنجو علاج ڪرايون جيسيتائين تون صحتمند ٿي وڃين يا قوم جي سامهون تون معذور سمجهيو وڃين.

رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”توهان جيڪو ڪجهه چيو آهي منهنجي حالت ان سان ذرو به مطابقت نه ٿي رکي، جيڪا تعليم مان کڻي آيو آهيان اها نه طلب مال جي لاءِ آهي نه جلب شرف جي لاءِ آهي، نه ئي سلطنت جي حصول واسطي آهي. ڳالهه اها آهي ته الله مون کي توهان جي طرف پنهنجو رسول بڻائي موڪليو آهي، مون تي ڪتاب نازل ڪيو اٿائين، مون کي پنهنجو بشير ۽ نذير بڻايو اٿائين. مون پنهنجي رب جو پيغام توهان کي پهچائي ڇڏيو آهي ۽ توهان کي بخوبي سمجهائي ڇڏيو آهي. اگر توهان منهنجي تعليمات کي قبول ڪندا ته اهو توهان جي دنيا ۽ آخرت جو سرمايو هوندو ۽ اگر ان تعليمات کي رد ڪندا ته مان الله جي حڪم جو انتظار ڪندس ته هو مون لاءِ ۽ توهان لاءِ ڪهڙو حڪم ڪري ٿو.“

قريش چوڻ لڳا: ” اڇا محمّد (ﷺ) اگر تون اسان جي هنن ڳالهين کي نه ٿو مڃين ته هڪ ڳالهه ٻُڌ. تو کي ته خبر آهي ته اسان مٿان ڪيترا تنگدستي ۽ سختي جا ڏينهن گذريا آهن، پاڻي اسان وٽ ٿورو آهي ۽ اسان جو گذران ڪيترو تنگ آهي. هاڻي تون الله کي اهو سوال ڪر ته هنن جبلن کي اسان جي سامهون هٽائي ڇڏي ته جيئن اسان جي شهر جو ميدان کُلي وڃي، وڏيڪ اسان لاءِ نهرون جاري ڪري جهڙيون شام ۽ عراق ۾ جاري آهن، ٻيو اسان جي پيءُ ڏاڏن کي زنده ڪري، انهن زنده ٿيڻ وارن ۾ قصي بن ڪلاب ضرور هجي چو ته هو اسان جو

سردار هو ۽ سچ ڳالهائيندو هو، اسان ان ڪان تنهنجي باري ۾ پُڇنداسين اگر ان تنهنجي ڳالهين ڪي سچو مڃيو ۽ تو اسان جا ٻيا مطالبا به پورا ڪيا تڏهن تو ڪي سچو سمجهنداسين ۽ مڃنداسين ته ها الله وٽ به تنهنجو ڪو درجو آهي ۽ ان واقعي توڪي پنهنجو رسول بڻائي موڪليو آهي، جيئن تون چئي رهيو آهين.“

رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”مان ان ڪمن لاءِ رسول بڻائي نه موڪليو ويو آهيان، مان ته ان تعليم لاءِ رسول بڻائي موڪليو ويو آهيان ۽ مون الله جا پيغام توهان ڪي ٻُڌائي ڇڏيا آهن، اگر توهان تعليم قبول ڪندا ته توهان جي دنيا ۽ آخرت جي لاءِ سرمايو آهي ۽ اگر رد ڪندا ته مان الله جي حڪم جو انتظار ڪندس. جيڪو ان ڪي منهنجو ۽ توهان جو فيصلو ڪرڻ فرمائڻو هوندو اهو ڪرڻ فرمائيندو.“

قريش چيو: ”چڱو! اگر تون اسان لاءِ ڪجهه ڪري نه ٿو سگهين ته خود پنهنجي لاءِ ئي الله ڪان سوال ڪر.“

1. ته هو ڪنهن هڪ ملائڪ ڪي توسان گڏ مقرر ڪري ڇڏي، جيڪو اهو چوندو رهي ته هي شخص سچو آهي ۽ اسان ڪي تنهنجي مخالفت ڪان منع به ڪري.
2. ها! تون پنهنجي لاءِ اهو به سوال ڪر ته باغ لڳي وڃن، وڏا وڏا محل بڻجي وڃن، خزانن ۾ سون، چاندي هجي جنهن جي تو ڪي ضرورت به آهي. هينئر تائين تون پاڻ ئي بازار ۾ ويندو آهين ۽ پنهنجي لاءِ پاڻ ئي ذريعه معاش تلاش ڪندو آهين، ايئن ٿيڻ ڪان پوءِ ئي اسان تنهنجي فضيلت ۽ شرافت ڪي سڃاڻي سگهون ۽ تو ڪي الله جو رسول سمجهي سگهون ٿا.

رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”مان ايئن هرگز نه ڪندس ۽ الله ڪان به اهڙو سوال نه ڪندس ۽ اهڙين ڳالهين لاءِ مبعوث به ناهيان ٿيو، مون ڪي الله تعالىٰ بشير ۽ نذير بڻايو آهي. توهان مڃو ته توهان لاءِ ٻنهي

جهانن جي ڀلائي جو ذخيرو آهي، ورنه مان صبر ڪندس ۽ الله جي فيصلي جو انتظار ڪندس.“

قريش چيو: ”چڱو تون آسمان منجهان ڪو ٽڪڙو ٽوڙي اسان مٿان ڪيراءِ، ڇو ته تنهنجو زعم اهو ئي آهي ته اگر خدا چاهي ته ايئن ڪري سگهي ٿو، پس جيسيتائين تون ايئن نه ڪندي اسان ايمان نه آڻينداسين.“

رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”اهو الله جي اختيار ۾ آهي، هو اگر چاهي ته ايئن ڪري.“

قريش چيو:”اي محمّد! (ﷺ) اهو ته ٻُڌاءِ ته تنهنجي خدا توکي اهو پهريان نه ٻُڌايو هو ته اسان توکي گهرائينداسين، اهڙا اهڙا سوال ڪنداسين، هي هي شيون طلب ڪنداسين، اسان جي ڳالهين جو هي جواب آهي ۽ الله جي منشا ايئن ايئن ڪرڻ جي آهي.“ جيئن ته تنهنجي الله ايئن نه ڪيو ان لاءِ اسان ايئن ٿا سمجهون ته جيڪو ڪجهه اسان ٻُڌو آهي اهو صحيح آهي ته يمامه ۾ هڪ شخص رهندو آهي، ان جو نالو رحمٰن آهي، اهو ئي توکي اهڙيون ڳالهيون سيکاري ٿو، اسان ته رحمٰن تي ڪڏهن به ايمان نه آڻينداسين. محمّد (ﷺ) ڏسو! اڄ اسان پنهنجا سڀ عذر ٻُڌائي ڇڏيا، هاڻي اسان تو کي قسميه اهو به چئون ٿا ته اسان توکي هن تعليم جي اشاعت ڪرڻ هرگز نه ڏينداسين، حتىٰ ڪه اسان مري وڃون يا تو مري وڃين، ايسيتائين ڳالهه ٻولهه تي هئي ته انهن منجهان هڪ چيو ته اسان ملائڪن جي عبادت ڪندا آهيون جيڪي الله جون ڌيئرون آهن. ٻئي چيو: ”محمّد! (ﷺ) اسان تنهنجي ڳالهه جو يقين تيسيتائين نه ڪنداسين جيسيتائين الله ۽ فرشته اسان جي سامهون اچن.“

رسول الله ﷺ جن اها ڳالهه ٻُڌي اٿي ڪڙا ٿيا، نبي ڪريمﷺ جن سان عبدالله بن ابو اميه بن مغيره به اٿي کڙو ٿيو، هو رسول الله

ﷺ جن جو پڦاٽ (عاتڪہ بنت عبدالمطلب جو پٽ) هو. ان چيو: "محمّد! (ﷺ) ڏس! تنهنجي قوم جن شين جو پنهنجي لاءِ سوال ڪيو تو اهي بہ نہ مڃيون، وري انهن چاهيو تہ تون پاڻ پنهنجي لاءِ اهڙين علامتن جو اظهار ڪر جيڪي تنهنجي قدر و منزلت جو ثبوت بڻجن، ان ڪي بہ تو قبول نہ ڪيو، پوءِ انهن پنهنجي لاءِ ٿورڙي عذاب جو مطالبو ڪيو جنهن جو تون خوف ڏياريندو آهين، تو ان جو بہ اقرار نہ ڪيو. بس توتي ايمان ناهي آڻڻو چاهي تون آسمان ۾ ڏاڪڻ لڳائي مٿي چڙهي وڃين ۽ منهنجي سامهون ان ڏاڪڻ تان هيٺ لهي بہ اچين ۽ تو سان چار فرشتہ بہ اچن ۽ تنهنجي گواهي بہ ڏين. مان تہ بہ تو تي ايمان نہ آڻيندس."

## شعب ابي طالب ۾ محصور ٿيڻ

سن 7 نبوي ۾ جڏهن قريش ڏٺو تہ سندن هيتري روڪ ٽوڪ ڪرڻ ۽ سختيون ڪرڻ جي باوجود اسلام اجان وڌيڪ ڦهلجڻ لڳو آهي، ڪجهہ مسلمان نجاشيءَ جي پناهہ ۾ محفوظ رهيا ۽ حمزةؓ ۽ عمر بن خطابؓ جهڙا بهادر بہ اسلام جي پرچم تلي نبي (ﷺ) جا ساٿي بڻجي ويا. ڪين اها ڳالهہ ڏاڍي ڪٽڪڻ لڳي. مسلمانن جو روز روز وڌندڙ تعداد ڪين ڏاڍو پريشان ڪرڻ لڳو. انهيءَ ڪري سڀني گڏجي هڪ مجلس ۾ تدبيرون سوچيون. آخر ان ڳالهہ تي متفق ٿيا تہ رسول الله ﷺ کي ۽ سندن خاندان کي محصور ڪجي تہ جيئن هو تباهہ ٿي وڃن. سڀني قبيلن پاڻ ۾ اهو معاهدو ڪيو تہ ڪو بہ شخص خاندان بني هاشم سان ڪابہ قرابت نہ ڪندو، انهن سان خريد يا فروخت بہ نہ ڪندو ۽ انهن سان نہ ملندو ۽ انهن سان نہ ڪائيندو نہ پيئندو، جيسيتائين هو محمّد (ﷺ) کي قتل ڪرڻ لاءِ حوالي نہ ڪن. اهو معاهدو منصور بن عڪرمہ لکيو ۽ ڪعبت الله تي لٽڪائي ڇڏيو. ابو طالب مجبور ٿي هاشم جي سموري خاندان کي ساڻ ڪري شعب ابي طالب ۾ پناهہ گزين ٿيو. ٽن سالن تائين

بنو هاشم انهيءَ محصوري ۾ گويا قيد رهيا. اهو زمانو مٿن تمام سخت رهيو، وٽن جا پن کائڻ تائين جي نوبت به آئي. سندن ٻارڙا جڏهن بک جي ڪري روئندا هئا ته سندن آواز ٻاهر ايندو هو، قريش اهو ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا، ليڪن ڪجهه رحمدل ماڻهن کي مٿن ترس به ايندو هو. ان ٽن سالن جي عرصي ۾ وٽن جا پن ۽ پاڙون کائي زندگي گذاريندا رهيا، ٻارڙا روئندا رهيا مگر کين کير به ميسر نه ٿيندو هو، ٻڪريون به ختم ٿي ويون، فاقن مٿان فاقا ٿيندا رهيا، انهن فاقن جي ڪري مائن جا به کير سُڪي ويا. حضرت سعد بن ابي وقاص ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنهما ٻئي بنو هاشم منجهان ته نه هئا مگر رسول الله جا ساٿي هجڻ ڪري کين به ساڳيون سختيون سَهڻيون پيون. هڪ ڏينهن حڪيم بن حزام جيڪو ام المومنين حضرت خديجہؓ جو ڀائٽيو هو، ڪجهه ڪڻڪ پنهنجي غلام جي هٿان حضرت خديجہؓ ڏانهن موڪلي، رستي ۾ ابوجهل ڏسي ورتو ۽ کانئس اها کسڻ جي ڪوشش ڪئي، اتفاق سان ابوالبختري ڪٿان اچي رهيو هو، هو ڪافر هو مگر پوءِ به کيس رحم آيو ۽ چوڻ لڳو ته تون ان شخص کي روڪين ٿو جيڪو پنهنجي ڦُڦيءَ لاءِ ڪجهه کائڻ لاءِ موڪلي رهيو آهي، تون ان کي ڇو ٿو روڪين؟

انهيءَ سوشل بائيڪاٽ واري دور ۾ بنو هاشم پنهنجي گهر ۾ ئي قيدي بڻجي رهڻ تي مجبور ٿيا. حج جي ڏينهن ۾ جڏهن ڪافر به دشمن سان وڙهڻ کي حرام سمجهندا هئا، انهن ڏينهن کي غنيمت ڄاڻي رسول الله ﷺ جن ان واديءَ مان ٻاهر نڪري ماڻهن کي الله تعالىٰ تي ايمان آڻڻ لاءِ وعظ و نصيحت فرمائڻ لڳا. رسول الله ﷺ جن ماڻهن کي ايمان طرف سڏڻ جا خواهان رهيا ته وري ڪم بخت ابولهب صبح کان وٺي شام تائين رسول الله ﷺ جن جي پُٺيان پُٺيان پيو ڦرندو هو ۽ چوندو هو، اي ماڻهو! هي ديوانو آهي، هن جي ڳالهه نه ٻُڌو، جيڪو

هن جي ڳالهہ ٻُڌندو ۽ مڃيندو اهو تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو. رسول الله ﷺ انهن سختين کي ٽن سالن تائين ڏاڍي صبر ۽ استقلال سان سان برداشت ڪندا رهيا.

آل هاشم ٽن سالن تائين اهي مصيبتون سَهندو رهيو، آخرڪار دشمنن کي ئي رحم آيو ۽ خود انهن جي طرفان ئي معاهدو ختم ڪرڻ جي تحريڪ هلي. حضور اڪرم ﷺ جن کي غيب منجهان خبر پئي تہ معاهدي واري پني کي اڏوهي کائي چڪي آهي، جيڪو ڪعبت الله تي لٽڪايو ويو هو، ان تي صرف الله جو نالو باقي بچيو آهي. تڏهن رسول الله ﷺ جن ٻاهر نڪتا ۽ وعظ نصيحت ڪرڻ شروع ڪيائون. هڪ ڏينهن نبي ڪريمﷺ جن مسجد حرام ۾ داخل ٿيا. اتي مشرڪ سردار وينا هئا. ابوجهل رسول الله ﷺ جن کي ڏنو ۽ سندن مذاق اڏائيندي چوڻ لڳو تہ عبد مناف! ڏسو توهان جو نبي اچي ويو. عتبہ بن ربيعہ چيو: ”اسان کي ڪهڙو انڪار آهي! اسان منجهان ڪو نبي ٿي ويهي، ڪو فرشتو سڏرائي.“ رسول الله ﷺ جن اهي ڳالهيون ٻُڌي واپس ٿيا ۽ وٽن پهچي ويا ۽ فرمائڻ لڳا: عتبہ! تو الله ۽ رسول جي حمايت ڪڏهن نہ ڪئي، تون پنهنجي ڳالهہ تي اڙيو رهين، پوءِ ابوجهل کي فرمايو: تو لاءِ اهو وقت تمام ويجهو آهي، پري ناهي جو تو کلندي ٿورڙو پر روئندي گهڻو. وري قريش کي فرمايو: توهان لاءِ اها گهڙي ويجهو اچي رهي آهي جنهن ڏينهن جو توهان انڪار ڪري رهيا آهيو، آخر ان ۾ ئي داخل ٿي ويندؤ.

هشام عامري جيڪو بنو هاشم جو ويجهو رشتيدار هو ۽ پنهنجي قبيلي ۾ سُٺي حيثيت رکندو هو، اهو لڪ ڇپ ۾ بنو هاشم کي اناج وغيره موڪليندو هو. هڪ دفعي زهير جيڪو عبدالمطلب جو ڏهٽو هو وٽ ويو ۽ چيو، چو زهير! تو کي اهو پسند آهي تہ تون کائين پئين هر قسم جو مزو ماڻين ۽ تنهنجي ماماڻن کي هڪ داڻو بہ نصيب

نہ ٿئي؟ زهير چيو تہ ڇا ڪريان ادا مان اڪيلو آهيان، ڪو هڪ شخص بہ منهنجو ساٿ نہ ٿو ڏئي نہ تہ مان ان ظالم معاهدي کي ڦاڙي ڦٽي ڪريان. هشام چيو تہ مان حاضر آهيان. ٻئي گڏجي مطعم بن عدي وٽ ويا ۽ ابوالبختري، ابن هشام، زمعہ بن الاسود بہ سندن ساٿ ڏنو. ٻئي ڏينهن سيئي گڏجي حرم ۾ ويا. زهير سيني ماڻهن کي مخاطب ڪري چيو تہ اي اهل مڪہ! هي ڪهڙو انصاف آهي؟ اسان آرام سان زندگي گذاريون ۽ بنو هاشم کي ڪو داڻو ۽ پاڻي بہ نصيب نہ ٿئي. خدا جو قسم! جيسيتائين اهو ظالمانہ معاهدو ڦاڙيو نہ ويندو تيسيتائين مان نہ مڙندس. ابوجهل رڙ ڪري چيو تہ ڪوبہ ان معاهدي کي هرگز هٿ نہ لڳائيندو. زمعہ چيو تہ ڪوڙ ٿو هڻي، جڏهن اهو لکيو ويو هو تہ ان وقت بہ اسان راضي نہ هئاسين.

رسول الله ﷺ جن پنهنجي چاچي حضرت ابوطالب کي ٻُڌايو تہ معاهدي جا سڀ اکر اُڏوهي کائي چٽ ڪري ڇڏيا آهن، صرف الله جو نالو باقي رهجي ويو آهي. حضرت ابوطالب اها الهامي خبر ٻُڌي تہ قريش جي سردارن وٽ وڃي کين چيو تہ اڄ اسان جو ۽ توهان جو معاملو طئي آهي. محمّد (ﷺ) اها خبر ٻُڌائي آهي، اگر اها خبر ڪوڙي آهي تہ مان توهان سان گڏ آهيان ۽ اگر سچ آهي تہ جڏهن معاهدو رهيو ئي ناهي تہ پوءِ ان جي پابندي ڪهڙي؟ قريش جي سردارن اهو فيصلو قبول ڪيو، کين يقين هو تہ فتح انهن جي ٿيندي، پر جڏهن دستاويز ڏٺو تہ رسول الله ﷺ جن جي خبر حرف بحرف سچي نڪتي، پر پوءِ بہ پنهنجي انا ۾ اڇي چوڻ لڳا تہ اهو محمّد (ﷺ) جو جادو آهي، مگر هاڻي هو پنهنجي ضد ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيا ۽ مجبورًا کين تسليم ڪرڻو پيو ۽ معاهدو ختم ٿيو. ان ڪان پوءِ بنو هاشم شعب ابي طالب منجهان نڪري مڪي شريف ۾ آيا.

## حضرت ابوطالب جي وفات

شعب ابي طالب جي محصوري ختم ٿيڻ جي ڪجهہ ڏينهن بعد حصرت ابوطالب جو آخري وقت اچي پهتو. قريب المرگ وقت ۾ رسول الله ﷺ حضرت ابو طالب وٽ تشريف فرما ٿيا تہ ان وقت ابو جهل ۽ عبدالله بن ابي اميہ وٽس پهريان ئي موجود هئا. رسول الله ﷺ جن پنهنجي چاچي کي فرمايو تہ چاچا سموري زندگي منهنجي حمايت ڪندو رهيو آهين، منهنجي هر هڪ ڳالهہ جي تصديق بہ ڪندو رهيو آهين، اهو بہ سمجهين ٿو تہ مان پنهنجي ڳالهہ ۾ سچو آهيان، هاڻي دنيا منجهان رخصتي وقت صرف هڪ دفعو مون تي ڪلمو پڙهي وٺ تہ قيامت جي ڏينهن مان پنهنجي مالڪ سان حجت ڪري تنهنجي بخشش لاءِ عرض ڪري سگهان. ان وقت حضرت ابوطالب جي دل نرم ٿي تہ سموري زندگي ڪيس پرکيو آهي، پنهنجي ڳالهہ ۾ سچو آهي، مون پنهنجي اولاد کي بہ مٿس ڪلمو پڙهڻ لاءِ چيو، هاڻي موت جو وقت ويجهو آهي. هن جهڙي هونهار ۽ اعلىٰ فضيلت واري ڀائٽي کي انڪار مناسب نہ ٿو لڳي. هو منهنجي ايمان آڻڻ تي تمام گهڻو خوش ٿيندو. ابو جهل ۽ عبدالله بن ابي اميہ چيو تہ اي ابوطالب! متان هاڻي ڀائٽي تي ڪلمو پڙهين! عرب جون عورتون اهو طعنو ڏينديون تہ بنوهاشم جو سردار موت کان ڊڄي پنهنجي ڀائٽي تي ڪلمو پڙهي ويو ۽ پنهنجي آبائي دين تان ڦري ويو. اهو ٻڌي حضرت ابوطالب رسول الله ﷺ جن کي چيو تہ ڀائٽيا! هاڻي آخر ۾ اهو طعنو کڻڻ نہ ٿو چاهيان. اهو ٻُڌڻ کان بعد رسول الله ﷺ جن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ ٻيو نہ پر منهنجي ڪَن ۾ ئي ڪلمو پڙهہ مگر ابوجهل جهڙو نياڳو ڪيس ايمان آڻڻ کان روڪيندو رهيو. آخرڪار حضرت ابوطالب چيو تہ مان عبدالمطلب جي دين تي مران ٿو. پوءِ حضور اڪرم ﷺ جن کي چوڻ لڳو تہ مان اهو ڪلمو پڙهان ها مگر قريش چوندا تہ موت کان ڊڄي ويو. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مان

توهان لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهندس جيسيتائين الله مون کي ان کان منع نہ ڪري...............

اها روايت صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آهي. ابن اسحاق جي روايت آهي تہ موت جي وقت ابوطالب جا چپ چرپر ڪري رهيا هئا، حضرت عباسؓ(جيڪو ان وقت مسلمان نہ ٿيو هو) ڪَن لڳائي ٻُڌڻ لڳو ۽ رسول الله ﷺ جن کي ٻُڌايائين تہ تون جنهن ڪلمي جي لاءِ چئي رهيو هئين ابو طالب اهو چئي رهيو آهي. ان بنا تي حضرت ابوطالب جي اسلام قبول ڪرڻ ۾ اختلاف آهي.

## حضرت خديجہؓ جي وفات

رسول الله ﷺ جن جيڪي تڪليفون اسلام جي تعليم کي ڦهلائڻ ۽ حڪم رباني کي پهچائڻ ۾ سَنيون انهن تڪليفن جو غم غلط ڪرڻ لاءِ جيڪو سَهارو ام المومنين بيبي خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنها ڏنو، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هي بظاهر بي جوڙ نظر ايندڙ رشتو ڪيترو بابرڪت ثابت ٿيو، ان جو اندازو ان وقت جي عام المسلمين، اصحاب سير ۽ تاريخ جي ماهرن کي بخوبي آهي، پر اڄ چوڏهن صديون گذرڻ جي باوجود اسان جهڙن کي بہ اڪابرن جي ڪيل قلمي محنتن جي ذريعي ۽ سينا بسينا آيل علم جي ذريعي روز روشن جيان بلڪل عيان آهي. هن نيڪ سيرت بيبي سڳوري جيترو اسلام جي شروعات جي ڏينهن ۾ مشڪلات ۾ رهي رسول الله جو ساٿ ڏنو ۽ پنهنجي دولت کي لٽايو ۽ دارالفاني کي ڇڏي دارالبقا جي طرف هجرت ڪرڻ کان پوءِ بہ تذڪره خير رسول الله ﷺ جن جي پوري زندگيءَ تائين حبيب الله ﷺ جن جي مبارڪ زبان تي جاري رهيو. حضرت ابو طالب جهڙي محسن ۽ پيءُ مثل بزرگ جي وڇوڙي رسول الله ﷺ جن کي ڪافي غمگين ڪيو، اهو وڇوڙو ڪيترو غمناڪ هيو ان جو اندازو

ڪرڻ مشڪل آهي. پيدائش ڪان پهريان والد محترم جو وڇوڙو مليو، دنيا ۾ ظاهري آمد ٿي تہ ڇهہ سالن جي عمر ۾ امڙ جيجل جو وڇوڙو نصيب ٿيو، اَٺن سالن جي عمر ۾ شفيق ڏاڏي جي جدائيءَ جو غم سَهڻو پيو، انهن دردن جو احساس اڃان ختم ئي نہ ٿيو هو تہ وري نبوت جو بار مٿن پيو، ان الهامي خدمت ۾ جيڪي تڪليفون مليون اهي جان ليوا هيون پر هر تڪليف جو صبر ۽ تحمل مزاجيءَ سان مقابلو ڪرڻ شانِ نبوت جو ئي ڪمال هو، احڪام الاهي ڪي پهچائڻ جي ذميواري ملڻ ڪان پوءِ گويا پنهنجو پاڻ ئي وسري ويو بس انهيءَ مگن ۾ مصروف رهڻ نبوت جي ڪرت رهي، حضرت ابوطالب جنهن پنهنجي اولاد ڪان وڌ پيار ڏئي پنهنجو فرض احسن طريقي سان نڀايو ۽ پنهنجي والد محترم حضرت عبدالمطلب جي فرمايل وصيت جو ڪمال درجي احترام ڪري ڏيکاريو، اهڙي شريف نفس بزرگ جي سايہ شفقت ڪان محرومي نبوت لاءِ بہ هڪ ناقابل برداشت درد ۽ اهنج هو، جنهن ڪي تمام وڏي همٿ ۽ بهادري سان برداشت ڪيو. ان تازي مليل درد جو احساس اڃان ساڳيو ئي هو، شفيق والد جي روپ ۾ مليل چاچي جي ميت ڪي دفنائيندي اڃان اها مٽي ئي نہ سُڪي هئي تہ وري غمن جو ٻيو پهاڙ ان جيون ساٿي جي وڇوڙي جو مليو، جنهن رفيق حيات پنهنجو سڀ ڪجهہ نبوت جي خوشيءَ خاطر الله جي راهہ ۾ قربان ڪري ڇڏيو، هر ڏکئي وقت ۾ همراز دوست جي روپ ۾ نبوت جو ساٿ ڏيڻ واري حضرت بيبي خديجہؓ سن 10 نبوي ۾ حضرت ابوطالب جي وفات ڪان ٽي ڏينهن بعد دنيا منجهان رخصت ٿي. سندس وفات ڏهہ نبوي جي رمضان ۾ ٿي، ان وقت سندس عمر 65 سال هئي ڪيس حجون جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. رسول الله ﷺ جن پاڻ سندس قبر مبارڪ ۾ لٿا. ان وقت تائين نماز جنازه مشروع نہ ٿي هئي. سندس جدائي جو غم نبوت مٿان ڪنهن جبل جيان ڪريو. انهيءَ غم جي شدت ڪي بہ ڏاڍي صبر سان برداشت ڪيو ويو.

نبوت جو اهو خاصو رهيو تہ هر غم جي شدت ڪي صبر جي هٿيار سان هارايو، هر غم ڪي دل اندر لڪائي رکيو.

## طائف جو سفر

حضرت ابوطالب ۽ حضرت خديجہؓ جي وڇوڙي جي غم ملڻ ڪان بعد رسول الله ﷺ جن ڏاڍي جوش و خروش سان اسلامي تعليمات کي عام ڪرڻ جي جستجو ۾ لڳي ويا. قريش مٿن سختيون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ ڪين ستائڻ ۾ اڳي ڪان اڳرا ٿي بينا. ان وقت رسول الله ﷺ جن مڪي وارن کي ڇڏي ارادو فرمايو تہ طائف وارن کي الله جو پيغام پهچائجي ۽ انهن کي اسلام جي دعوت ڏجي. طائف جي انهيءَ سفر ۾ حضرت زيد بن حارثہؓ ساڻن گڏ هو. مڪي ۽ طائف جي درميان جيترا بہ قبيلا هئا انهن سيني کي اسلام جو پيغام ڏيندا ۽ توحيد جي منادي ڪندا پيادل طائف تائين پهتا. طائف ۾ بنو ثقيف آباد هئا. سر سبز علائقي ۽ سرد جبلن ۾ رهڻ ڪري سندن غرور جي ڪا حد نہ هئي. طائف ۾ وڏا وڏا امير ماڻهو ۽ اثر رسوخ وارا رهندا هئا. انهن ۾ عمير جو خاندان رئيس القبائل هو. عبد ياليل، مسعود ۽ حبيب ٽي ڀائر اتان جا سردار هئا. رسول الله ﷺ جن ڀهريان انهن سان ئي مليا ۽ انهن کي اسلام جي دعوت ڏني. هڪڙي چيو تہ اگر توکي الله پيغمبر بڻائي موڪليو آهي تہ تون ڪعبت الله جو پردو ڦاڙي رهيو آهين. مان ڪعبت الله جي سامهون ڏاڙهي ڪوڙايان اگر الله توکي رسول بڻايو آهي تہ. ٻئي چيو تہ: تو ڪان سواءِ الله کي ٻيو ڪو رسول بنائڻ لاءِ نہ مليو؟ جنهن کي چڙهڻ لاءِ سواري بہ مسير ناهي، اگر رسول بنائڻو هو تہ ڪنهن حاڪم يا سردار کي بڻائي ها. ٽيون چوڻ لڳو تہ: مان توسان ڪڏهن بہ ڪا ڳالهہ نہ ڪندس، ڇو تہ اگر تون الله جو رسول آهين جيئن تون چوين ٿو تہ پوءِ اها خطرناڪ ڳالهہ آهي تہ مان تنهنجي ڪلام کي رد

ڪريان ۽ اگر تون خدا تي ڪوڙ هڻي رهيو آهين ته منهنجي شان جي خلاف آهي ته مان توسان ڪجهه ڳالهايان.1 رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: هاڻي مان توهان کان صرف اهو ٿو چاهيان ته توهان پنهنجا خيالات پاڻ وٽ ئي رکو، ايئن نه ٿئي جو هي خيالات ٻين ماڻهن لاءِ ئوڪر کائڻ جو سبب بڻجن.

رسول الله ﷺ جن واعظ ڪرڻ شروع فرمايو، انهن سردارن پنهنجي غلامن ۽ شهر جي ٻارن کي سمجهائي ڇڏيو هو. هو رسول الله ﷺجن جي واعظ ڪرڻ وقت متن پتر ۽ پٿر اڇلائيندا هئا ۽ رسول الله ﷺ جن رتورت ٿي ويندا هئا. رت سندن جسم مبارڪ منجهان وهي سندن نعلين مبارڪ ۾ جمع ٿي ويندو هو، وضو ڪرڻ لاءِ جوتا لاهڻ مشڪل ٿي پوندا هئا. هڪ دفعي ڪجهه بدمعاش ۽ اوباش ماڻهن رسول الله ﷺ جن کي تمام گهڻي گارگند ڪئي ۽ تاڙيون وجايون ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا، سندن حرڪت ايتري شديد هئي جو رسول الله ﷺ هڪ باغ ۾ انگورن جي ولين جي پُنيان پناهه گزين ٿيا. اهو باغ ربيعه جي فرزندن عتبه ۽ شيبه جو هو. عتبه باوجود ڪفر جي حالت جي شريف الطبع ۽ نيڪ نفس انسان هو. ٻئي ڀائر باغ ۾ موجود هئا، هنن جڏهن رسول الله ﷺ جن کي پري کان ڏٺو ته کين متن رحم آيو. عتبه پنهنجي غلام عداس کي حڪم ڪيو ته هڪ پليٽ ۾ انگور رکي ان شخص کي ڏئي اچ. غلام انگور ٿالهي ۾ وجهي رسول الله ﷺ جن جي سامهون رکيا. نبي ڪريم ﷺ جن بسم الله پڙهي انگورن جي طرف هٿ وڌايا. عداس حيرت منجهان رسول الله ﷺ جن جي طرف نهارڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو: هي اهڙو ڪلام آهي جيڪو هتان جا باشندا ناهن ڳالهائيندا. نبي ڪريم ﷺ جن کانئس پُڇيو ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟ ۽ تون ڪٿان جو باشندو آهين؟ هن جواب

1. گيلاني، سيد مناظر احسن، مولانا، النبي الخاتم ﷺ،ص 50، لاهور، مڪتبه اخوت 1358 ھ

ڏنو تہ عداس نالو آهي، منهنجو مذهب عيسائي آهي ۽ نينوىٰ جو باشندو آهيان. اهو ٻُڌي رسول الله ﷺ جن فرمايو: ڇا تون مرد صالح يونس بن متىٰ جي شهر جو باشندو آهين؟ عداس چيو تہ توهان کي ڪيئن خبر پئي تہ يونس بن متىٰ ڪير هو ۽ ڪهڙو هو؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: هو منهنجو ڀاءُ آهي، هو بہ نبي هو ۽ مان بہ نبي آهيان. عداس اهو ٻُڌندي ئي جُهڪي ويو ۽ هن رسول الله ﷺ جن جو سر، هٿ ۽ قدم چمڻ لڳو. عتبہ بن شيبہ اهو سمورو منظر پري کان ڏسي رهيو هو. پنهنجي ڀاءُ کي چوڻ لڳو تہ: چلو غلام بہ هٿن منجهان نڪري ويو. جڏهن عداس پنهنجي مالڪن وٽ موٽي ويو تہ هنن پڇيس: ڪم بخت توکي ڇا ٿي ويو هو جو ان شخص جا هٿ، پير ۽ مٿو چُمي رهيو هئين؟ عداس چيو تہ: سائين! اڄ هن شخص کان بهتر روئي زمين تي ڪو بہ ڪونهي، هن مون کي اهڙيون ڳالهيون ٻُڌايون جيڪو صرف هڪ نبي ئي ٻُڌائي سگهي ٿو. هنن عداس کي دڙڪا ڏنا تہ خبردار متان پنهنجو دين ڇڏين! تنهنجو دين هن جي دين کان بهتر آهي.

طائف جي هن تبليغي سفر ۾ رسول الله ﷺ جن ايترو زخمي ڪيو ويو جو پاڻ سڳورا ﷺ جن بيهوش ٿي ويا، حضرت زيدؓ کين پنهنجي پُٺيءَ تي کڻي آباديءَ کان ٻاهر آيو ۽ پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا تڏهن هوش آيو.

انهيءَ سفر ۾ ايتريون تڪليفون سَهڻ جي باوجود هڪ شخص بہ اسلام قبول نہ ڪيو، اهڙي غم ۽ رنج جي وقت بہ رسول الله ﷺ جن جي دل الله جي عظمت ۽ محبت سان ڀرپور هئي. طائف جي سفر ۾ ايترو غم ملڻ ۽ هڪ بہ شخص جو مسلمان نہ ٿيڻ ۽ رسول الله ﷺ جن کي ايذاءُ رسائڻ جي نتيجي ۾ پهاڙن جا فرشتا حڪم خداوندي سان حاضر ٿيا تہ اسان کي الله تعالىٰ حڪم فرمايو آهي تہ جي اگر توهان چاهيو تہ هنن طائف وارن کي جبلن

جي درميان ڇيپاٽي ماري ڇڏيون، ڇوتہ هنن توهان کي مايوس ڪري نهايت بي ادبي ڪئي آهي، سندن ايمان آڻڻ جي اميد ناهي تہ سندن ختم ٿيڻ ئي بهتر آهي. رحمت جي پيڪر رحمت للعالمين اهو گوارا نہ ڪيو ۽ اها اميد رکي تہ هي نہ سَهي پر هنن جو ايندڙ نسل سَهي، اميد آهي تہ ايمان جي دولت سان مالامال ضرور ٿيندو، هنن جي تباهي ۽ بربادي ۽ سان مون کي ڪهڙو فائدو رسندو. مان انهن ماڻهن جي تباهي لاءِ ڇو دعا گهران، اگر هي ايمان نہ ٿا آڻن تہ ڇا ٿيو، اميد آهي تہ هنن جا آئنده نسل ضرور هڪ الله تي ايمان آڻڻ وارا هوندا. طائف جي ماڻهن جي هٿان هيتريون تڪليفون برداشت ڪرڻ باوجود جيڪا پنهنجي رب پاڪ سان شڪوه ڪئي ان جا الفاظ هي آهن:

اللهم اليک اشکو ضعف قوتي وقلة حيلتي وهو اني علی الناس يا ارحم الراحمين. انت رب المستضعفين وانت ربي الي من تکلني الي بعيد يجهمني او الي عدو ملکته امري ان لم يکن علی غضبک فلا اباي ولٰکن عافيت هي اوسع لي اعوذ بنور وجهک الذي اشرقت له الظلمٰت و صلح عليه امر الدنيا والآخرة من ان تنزل بي غضبک او يحل علی سخطک لک العتبی حتی ترضی ولا حول ولا قوة الا بک.

ترجمو: اي منهنجا الله، مان پنهنجي ڪمزوري، پنهنجي بي سروساماني ۽ ماڻهن جي تحقير بابت تنهنجي سامهون ئي فرياد ڪريان ٿو، تون سڀني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين، ضعيفن عاجزن جو مالڪ تون ئي آهين ۽ منهنجو بہ مالڪ تون ئي آهين، مون کي ڪنهن جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿئي؟ بيگانن يا دشمن جي منهنجو ڪم حوالي ڪري ڇڏيو اٿئي، ليڪن مون تي تنهنجو غضب ناهي تہ مون کي ان جي ڪابہ پرواهہ ناهي ڇو تہ تنهنجي عافيت منهنجي لاءِ وڌيڪ وسيع آهي. مان تنهنجي نور جي پناهہ گهران ٿو جنهن سان سڀ انڌيرا روشن ٿي ويندا آهن ۽ دنيا ۽

دين جا ڪم ان سان نيڪ ٿي ويندا آهن تہ تنهنجو غضب مون تي نازل ٿئي يا تنهنجي ناراضگي مون تي اچي، مون کي تنهنجي ئي رضامندي ۽ خوشنودي درڪار آهي ۽ نيڪي ڪرڻ يا بدي کان بچڻ جي طاقت تنهنجي ئي طرفان ملندي آهي.

رسول الله ﷺ جن طائف کان پوءِ چند ڏينهن نخلہ ۾ اسلام جو مقدس پيغام پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، وري حراء ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ مطعم بن عدي کي پيغام موڪليائون تہ ڇا مون کي پنهنجي حمايت ۾ وٺي سگهين ٿو؟ عربن جو شعار هو تہ جيڪو ماڻهو انهن کان حمايت جي طلب ڪندو هو تہ هو ان کي انڪار نہ ڪندا هئا، چاهي اهو سندن دشمن ڇو نہ هجي. مطعم اها درخواست قبول ڪئي. پنهنجي پُٽن کي گهرائي چيائين تہ هٿيار جسم تي سجائي هنن سان حرم ۾ وڃو. رسول الله ﷺ جن مڪي شريف ۾ تشريف فرما ٿيا، مطعم بہ اُٺ تي سوار ساڻن گڏ هو، هن پڪاري چيو تہ مون محمّد (ﷺ) کي پناھ ڏني آهي. حضور اڪرم ﷺ جن حرم ۾ آيا ۽ نماز ادا ڪئي ۽ پنهنجي رهائش گاھ تي واپس ويا، گهر تائين ڪين مطعم ۽ سندس پٽن تلوارن جي سايي ۾ آندو.

مڪي ۾ واپس اچي رسول الله ﷺ جن مختلف قبيلن جي رهائش گاهن ۾ تشريف فرما ٿي مڪي يا مڪي شريف کان ٻاهر هلندا ويندا هئا ۽ جيڪو مسافر ايندو هو يا ملي ويندو هو تہ کيس اسلام جي دعوت ڏيندا ۽ الله جي طرف سڏيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ بنوڪنده جي قبيلي ۾ تشريف فرما ٿيا. قبيلي جي سردار جو نالو مليح هو ۽ قبيلي بنو عبدالله وٽ بہ تشريف فرما ٿيا، انهن کي فرمائڻ لڳا تہ توهان جي پيءُ جو نالو عبدالله هو، توهان بہ اسم بامسمیٰ ٿي وڃو! بنو حنيفہ قبيلي وٽ بہ ويا، انهن پوري عربن ۾

سيني کان وڏيڪ بري طريقي سان نبي ڪريم ﷺ جن جو انڪار ڪيو. بنو عامر بن صعصعہ وٽ بہ تشريف فرما ٿيا، ان قبيلي جي سردار جو نالو بخيره بن فراس هو، هن اسلام جي دعوت ٻُڌي رسول اللهﷺ جن کي چيو تہ : ڇگو ڀلا اگر تون مخالفن تي غالب اچي وڃين تہ ڇا تون اهو واعدو ڪرين ٿو تہ اهو امر مون سان متعلق هوندو؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اهو تہ الله جي اختيار ۾ آهي، هو جنهن کي چاهي مون کان بعد مقرر فرمائيندو، بخيره چيو: سُنو! هن وقت عربن جي سامهون سينہ سپر اسان ٿيون ۽ جڏهن تنهنجو ڪم ٿي وڃي تہ مزا وري ٻيو ڪير وٺي، هليو وڃ! اسان کي تنهنجي ڪم سان ڪو سروڪار ناهي. هنن قبائلي سفر ۾ رسول الله ﷺ جن جو رفيق سفر حضرت ابوبڪر صديقؓ هو.

انهن ڏينهن۾ حضرت سويد بن صامت رسول اللهﷺ جن سان مليو، سندس لقب پنهنجي قوم ۾ ڪامل هو، رسول الله ﷺ جن جي دعوت تي لبيڪ چئي اسلام جي دامن ۾ آيو. جڏهن يثرب (مديني شريف) واپس موٽي ويو تہ خزرج ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو.

## مديني جي سفيرن ۾ اسلام جي دعوت

انهن ئي ڏينهن۾ ابوالحيثر انس بن رافع مڪي شريف آيو، ساڻس بنو عبدالاشهل جا ڪجھ نوجوان هئا جن ۾ اياسؓ بن معاذ بہ هو. هي ماڻهو قريش سان پنهنجي قوم خزرج جي طرفان معاهدو ڪرڻ آيا هئا. رسول الله ﷺ جن انهن وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايو: مون وٽ اهڙي شيءِ آهي جنهن ۾ توهان سيني جي ڀلائي آهي. ڇا توهان کي انهيءَ شيءِ جي رغبت آهي؟ هنن پُڇيو اهڙي ڪهڙي شيءِ آهي؟ فرمايو: مان الله جو رسول آهيان، مخلوق جي طرف مبعوث ڪيو ويو آهيان، الله جي بندن کي دعوت ڏيان ٿو تہ

الله جي ئي عبادت ڪن ۽ شرڪ نہ ڪن، مون تي الله تعالىٰ ڪتاب نازل ڪيو آهي. پوءِ انهن جي سامهون اسلام جا اصول بيان فرمايا ۽ قرآن مجيد پڙهي ٻُڌايو. حضرت اياسؓ بن معاذ جيڪو اجان جوان هو، ٻڌندي ئي چوڻ لڳو: اي منهنجي قوم! بخدا هي توهان جي حق ۾ ان مقصد کان بهتر آهي جنهن جي لاءِ توهان هتي آيا آهيو. انس بن رافع پٿرين جي مُٺ ڀري اياسؓ جي منهن تي اڇلائي هنئي ۽ چيو چپ ڪر! اسان هن ڪم لاءِ تہ ناهيون آيا. رسول الله ﷺ جن اتان اٿي هليا ويا. واپس وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن بعد اياسؓ وفات ڪري ويو. موت وقت سندس زبان تي تسبيح، تحميد، تحليل ۽ تڪبير جاري هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ حضرت ضماد ازديؓ بہ مڪي شريف ۾ آيو هو. پاڻ يمن جو باشندو هو. هن جڏهن ٻڌو تہ محمّد (ﷺ) تي جنات جو اثر آهي تہ قريش کي چيائين تہ مان محمّد (ﷺ) جو علاج منتر سان ڪري سگهان ٿو. پاڻ رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ محمّد (ﷺ)! اچ تہ توکي منتر ٻُڌائيان. رسول الله ﷺ جن فرمايو پهريان مون کي ٻُڌ، رسول الله ﷺ جن ٻُڌايو:

الحمد لله نحمده و نستعينه من يهده الله فلا مضل له و من يضلله فلا هادي له و اشهد ان لا اله الا الله وحده لا شريک له و اشهد ان محمّدًا عبده ورسوله.

امّا بعد

ترجمو: سڀ تعريفون الله جي واسطي آهن، اسان سندس نعمتن جو شڪر ڪريون ٿا ۽ هر ڪم ۾ ان جي مدد چاهيون ٿا، جنهن کي الله راهہ ڏيکاري ان کي ڪو بہ گمراهہ نہ ٿو ڪري سگهي ۽ جنهن کي رستو نہ ڏيکاري تہ ان جي ڪوبہ رهبري نہ ٿو ڪري سگهي، مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، هو

اڪيلو آهي، سندس ڪوبہ شريڪ ناهي، مان اها شاهدي ڏيان ٿو تہ محمد الله جو بندو ۽ رسول آهي. ان کان پوءِ مدعا هي آهي تہ.
حضرت ضمادؓ ايترو ئي ٻُڌو تہ دانهن ڪيائين تہ انهن الفاظ کي وري ورجايو. بہ ٽي دفعا انهن ئي لفظن کي ٻُڌائين ۽ پوءِ بي اختيار چوڻ لڳو: مون ڪافي ڪاهِن ڏٺا آهن ۽ جادوگر بہ ڏٺا آهن، شاعرن کي بہ ٻُڌو آهي مگر اهڙو ڪلام تہ مون ڪنهن کان بہ ناهي ٻُڌو. هي الفاظ تہ ڪنهن اٿاهہ سمنڊ جهڙا آهن. محمد (ﷺ)! خدارا پنهنجو هٿ وڌاءِ تہ جيئن مان اسلام جي بيعت ڪري سگهان.

## معراج

نبوت جي ڏهين سال رجب جي 27 تاريخ تي الله تعالىٰ رسول الله ﷺ جن کي آسمانن جو سير ڪرايو. انهيءَ کي قرآن جي زبان ۾ اسرىٰ ۽ عام زبان ۾ معراج چيو وڃي ٿو.

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ لَیۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اِلَی الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِیۡ بٰرَکۡنَا حَوۡلَہٗ لِنُرِیَہٗ مِنۡ اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّہٗ ہُوَ السَّمِیۡعُ الۡبَصِیۡرُ.[1]

ترجمو: پاڪ آهي اهو الله جيڪو پنهنجي بندي کي هڪ ئي رات ۾ مسجد حرام کان مسجد اقصىٰ تائين وٺي ويو، جنهن جي آس پاس اسان برڪت رکي آهي، تہ جيئن اسان پنهنجي قدرت جا ڪجهہ نمونا ڏيکاريون، بيشڪ الله خوب ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

رسول الله ﷺ جن حطيم ۾ آرامي هئا تہ حضرت جبرائيل عليه السلام اچي ڪين ننڊ منجهان اٿاريو ۽ ڪين پنهنجي خالق سان ملاقات لاءِ تيار ڪرايو. پاڻ سڳورن ﷺ کي زمزم جي کوهہ وٽ آندو ويو. رسول الله ﷺ جن جو سينو مبارڪ ڳلي کان وٺي دل جي هيٺان تائين چاڪ ڪيو ويو، پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سيني ۽ پيٽ کي

---

1. سورت بني اسرائيل، آيت 1

حضرت جبرائيل عليه السلام پنهنجي هٿن سان آب زمزم سان ڌوئي صاف ڪيو ۽ سندن قلب مبارڪ ڪڍي هڪ سون جي ٿالهه ۾ جيڪو ايمان سان ڀريل هو ان ۾ قلب مبارڪ کي ڌوئي صاف ڪيو ويو. انهيءَ کان بعد قلب مبارڪ کي واپس پنهنجي جاءِ تي رکي سيني ۽ ڳلي جي رڳن کي سڀي برابر ڪيو ويو. ان کان پوءِ هڪ جانور سواري ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو ويو. اهو جانور گهوڙي کان ننڍو ۽ گڏهه کان ڪجهه وڏو هو ۽ ان جي رنگت سفيد هئي. اهو براق هو. براق کي لغام لڳايل هو ۽ ڪاٺي ڪسيل هئي. رسول الله ﷺ جن ان تي سواري وقت دقت محسوس ڪئي ته جبرائيل عليه السلام براق کي دڙڪو ڏنو ۽ فرمايو ته : محمد ﷺ سان ايئن ٿو ڪرين، توتي اڄ تائين هن کان وڌيڪ الله جي نزديڪ ڪو به معزز شخص سوار ناهي ٿيو. اهو ٻُڌي براق پگهرجي ويو. سندس رفتار ايتري هئي جو سندس قدم نظر جي انتها تي پوي پيو.

عَنْ ابْنِ بُرَيْدَةَ، عَنْ أَبِيهِ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: لَمَّا انْتَهَيْنَا إِلَى بَيْتِ الْمَقْدِسِ، قَالَ جِبْرِيلُ: بِإِصْبَعِهِ فَخَرَقَ بِهِ الْحَجَرَ وَشَدَّ بِهِ الْبُرَاقَ . 1

ترجمو: رسول الله ﷺ جن کي بيت المقدس پهچايو ويو. اتي حضرت جبرائيل عليه السلام پنهنجي آڱر جي اشاري سان پٿر ۾ سوراخ ڪيو ۽ براق کي ان سان ٻڌي ڇڏيو.

اتي رسول الله ﷺ جن انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي نماز جي جماعت جي امامت ڪرائي. انهيءَ کان پوءِ حضرت جبرائيل عليه السلام رسول الله ﷺ جن کي بيت المقدس کان آسمانن جو سير ڪرائڻ لاءِ وٺي هليو. پهرين آسمان (آسمان دنيا) تي پهچڻ کان پوءِ پڇيو ويو ته ڪير آهي؟ جواب مليو ته جبرائيل عليه السلام، پڇيو ويو توهان

1. جامع ترمذي، حديث نمبر 3132

سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟ پاڻ ٻُڌايائين ته محمّد (ﷺ). پُڇيو ويو ته ڇا ڪين گهرائڻ لاءِ توهان کي موڪليو ويو هو؟ حضرت جبرائيل عليه السلام جواب ڏنو ته جي ها.1 ان تي آواز آيو (ڪين) خوش آمديد مرحبا! اچڻ وارو ڪيڏو نه مبارڪ آهي ۽ دروازو کوليو ويو. جڏهن رسول الله ﷺ جن اندر داخل ٿيا ته اتي حضرت آدم عليه السلام جن سان ملاقات ٿين. حضرت جبرائيل عليه السلام ٻُڌايو ته هي توهان جو جد امجد آدم عليه السلام آهي، ڪين سلام ڪريو. رسول الله ﷺ جن ڪين سلام ڪيو ۽ حضرت آدم عليه السلام سلام جو جواب ڏنو ۽ فرمايو ته خوش آمديد نيڪ پٽ ۽ نيڪ نبي! حضرت جبرائيل عليه السلام مٿي چڙهيو ۽ ٻئي آسمان تي آيا، اتي به دروازو کولايو ويو. پڇيو ويو ته ڪير آهي؟ جواب مليو ته جبرائيل عليه السلام، پڇيو ويو توهان سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟ پاڻ ٻُڌايائين ته محمّد (ﷺ). پُڇيو ويو ته ڇا ڪين گهرائڻ لاءِ توهان کي موڪليو ويو هو؟ حضرت جبرائيل عليه السلام جواب ڏنو ته جي ها. ان تي آواز آيو (ڪين) خوش آمديد مرحبا! اچڻ وارو ڪيڏو نه مبارڪ آهي ۽ دروازو کوليو ويو. جڏهن رسول الله ﷺ جن اندر داخل ٿيا ته ان آسمان تي حضرت يحيىٰ ۽ حضرت عيسىٰ عليهما السلام موجود هئا، هي ٻئي پاڻ ۾ ماسات هئا. حضرت جبرائيل عليه السلام ٻُڌايو ته عيسىٰ ۽ يحيىٰ عليهما السلام آهن انهن کي سلام ڪريو. رسول الله ﷺ جن سلام ڪيو ۽ هنن جواب ڏنو ۽ فرمايو ته خوش آمديد نيڪ نبي ۽ نيڪ ڀاءُ!. اتان وري حضرت جبرائيل عليه السلام رسول الله ﷺ جن کي ٽئين آسمان تي وٺي ويو. اتي پهچي دروازو کولرايو. پڇيو ويو ته ڪير آهي؟ جواب مليو ته جبرائيل عليه السلام، پڇيو ويو توهان سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟ پاڻ ٻُڌايائين ته محمّد (ﷺ). پُڇيو ويو ته ڇا ڪين گهرائڻ لاءِ توهان کي موڪليو ويو هو؟ حضرت جبرائيل عليه السلام جواب ڏنو ته جي

1. مودودي، سيد ابوالاعلىٰ، معراج ڪا سفرنامہ، ص 5، دهلي، مرڪزي مڪتبه السلامي 1992

ها. ان تي آواز آيو (ڪين) خوش آمديد مرحبا! اچڻ وارو ڪيڏو نہ مبارڪ آهي ۽ دروازو ڪوليو ويو. رسول الله ﷺ جن اندر داخل ٿيا اتي حضرت يوسف عليه السلام موجود هو. جبرائيل عليه السلام ٻُڌايو تہ هي يوسف عليه السلام آهي ڪيس سلام ڪريو. رسول الله ﷺ جن سلام ڪيو ۽ هن جواب ڏنو ۽ فرمايو خوش آمديد نيڪ نبي ۽ نيڪ ڀاءُ!. اتان وري حضرت جبرائيل عليه السلام چوٿين آسمان تي وٺي هليو. اتي پهچي دروازو ڪولرايو ويو. پڇيو ويو تہ ڪير آهي؟ جواب مليو تہ جبرائيل عليه السلام، پڇيو ويو توهان سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟ پاڻ ٻُڌايائين تہ محمّد (ﷺ). پُڇيو ويو تہ ڇا ڪين گهرائڻ لاءِ توهان کي موڪليو ويو هو؟ حضرت جبرائيل عليه السلام جواب ڏنو تہ جي ها. ان تي آواز آيو (ڪين) خوش آمديد مرحبا! اچڻ وارو ڪيڏو نہ مبارڪ آهي ۽ دروازو ڪوليو ويو. نبي ڪريم ﷺ جن اندر داخل ٿيا. اتي حضرت ادريس عليه السلام سان ملاقات ٿين، حضرت جبرائيل عليه السلام ڪين سلام ڪرڻ لاءِ چيو. پاڻ ﷺ جن سلام ڪيو، حضرت ادريس عليه السلام سلام جو جواب ڏنو ۽ فرمايو خوش آمديد نيڪ ڀاءُ ۽ نيڪ نبي!. اتان وري حضرت جبرائيل عليه السلام ڪين ساڻ ڪري پنجين آسمان تي وٺي ويو. اتي پهچي دروازو ڪولرايو. پڇيو ويو تہ ڪير آهي؟ جواب مليو تہ جبرائيل عليه السلام، پڇيو ويو توهان سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟ پاڻ ٻُڌايائين تہ محمّد (ﷺ). پُڇيو ويو تہ ڇا ڪين گهرائڻ لاءِ توهان کي موڪليو ويو هو؟ حضرت جبرائيل عليه السلام جواب ڏنو تہ جي ها. ان تي آواز آيو (ڪين) خوش آمديد مرحبا! اچڻ وارو ڪيڏو نہ مبارڪ آهي ۽ دروازو ڪوليو ويو. نبي ڪريم ﷺ جن اندر داخل ٿيا، اتي سندن ملاقات حضرت هارون عليه السلام سان ٿي، ڪين جبرائيل عليه السلام جي ٻُڌائڻ موجب سلام ڪيو. سلام جو جواب مليو ۽ فرمايو ويو خوش آمديد نيڪ نبي ۽ نيڪ ڀاءُ. حضرت جبرائيل عليه السلام

رسول الله ﷺ جن کي ساڻ ڪري ڇهين آسمان تي پهتو. اتي دروازو کولرايو ويو. پڇيو ويو تہ ڪير آهي؟ جواب مليو تہ جبرائيل عليه السلام، پڇيو ويو توهان سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟ پاڻ ٻُڌايائين تہ محمّد (ﷺ). پُڇيو ويو تہ ڇا ڪين گهرائڻ لاءِ توهان کي موڪليو ويو هو؟ حضرت جبرائيل عليه السلام جواب ڏنو تہ جي ها. ان تي آواز آيو (ڪين) خوش آمديد مرحبا! اچڻ وارو ڪيڏو نہ مبارڪ آهي ۽ دروازو کوليو ويو. ڇهين آسمان تي داخل ٿيڻ ڪانپوءِ رسول الله ﷺ جن جي ملاقات حضرت موسىٰ عليه السلام سان ٿي. ڪين سلام فرمايو. حضرت موسىٰ عليه السلام سلام جو جواب ڏنو ۽ فرمايو تہ خوش آمديد نيڪ نبي ۽ نيڪ ڀاءُ!. حضرت موسىٰ عليه السلام فرمايو تہ: منهنجا رب! منهنجو خيال هئو تہ ڪنهن کي مون کان نہ وڌايو ويندو. جڏهن رسول الله ﷺ جن اڳتي وڌڻ لڳا تہ حضرت موسىٰ عليه روئڻ لڳا. ڪنهن پُڇيو تہ ڇو روئي رهيا آهيو؟ ان تي حضرت موسىٰ عليه السلام فرمايوتہ هن ڇوڪرَي کي مون کان بعد نبي بڻائي موڪليو ويو ليڪن جنت ۾ منهنجي امت جي ماڻهن کان سندس امت جا ماڻهو گهڻا هوندا. پوءِ رسول الله ﷺ جن کي ساڻ ڪري حضرت جبرائيل عليه السلام ستين آسمان تي پهتو. دروازو کولرايو ويو. پڇيو ويو تہ ڪير آهي؟ جواب مليو تہ جبرائيل عليه السلام، پڇيو ويو توهان سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟ پاڻ ٻُڌايائين تہ محمّد (ﷺ). پُڇيو ويو تہ ڇا ڪين گهرائڻ لاءِ توهان کي موڪليو ويو هو؟ حضرت جبرائيل عليه السلام جواب ڏنو تہ جي ها. ان تي آواز آيو (ڪين) خوش آمديد مرحبا! اچڻ وارو ڪيڏو نہ مبارڪ آهي ۽ دروازو کوليو ويو. اتي حضرت ابراهيم عليه السلام سان ملاقات ٿين. حضرت جبرائيل عليه السلام ڪين ٻُڌايو تہ هي توهان جو جد امجد آهي، انهن کي سلام ڪريو. رسول الله ﷺ جن ڪين سلام ڪيو، حضرت ابراهيم عليه السلام سلام جو جواب ڏنو ۽ فرمايو تہ خوش آمديد نيڪ

نبي ۽ نيڪ پٽ!، پوءِ سدرة المنتهىٰ ڪي رسول الله ﷺ جن جي سامهون ڪيو ويو، رسول الله ﷺ جن ڏٺو ته ان جا ميوا مقام حجر جي مٽڪن وانگر (وڏا وڏا) هئا ۽ ان جا پن هاٿين جي ڪنن وانگر هئا. جبرائيل عليه السلام کين ٻڌايو ته هيءَ سدرة المنتهىٰ آهي. اتي رسول الله ﷺ جن چار نديون ڏٺيون، ٻه ظاهري ٻه باطني. حضرت جبرائيل عليه السلام کان پُڇيو ته جواب مليو ته هي ٻه باطني نهرون جنت جون آهن ۽ هي ٻه ظاهري نهرون نيل ۽ فرات آهن. پوءِ رسول الله ﷺ جن جي سامهون بيت المعمور ڪي آندو ويو، اتي رسول الله ﷺ جن جي سامهون هڪ گلاس شراب جو، هڪ گلاس کير جو ۽ هڪ گلاس ماکيءَ جو آندو ويو. رسول الله ﷺ جن کير جو پيالو ورتو ته جبرائيل عليه السلام فرمايو ته اها ئي فطرت آهي ۽ توهان ان تي قائم آهيو ۽ توهان جي امت به ! ان کان پوءِ رسول الله ﷺ جن کي عرش معلىٰ تي آندو ويو جنهن جو علم الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ناهي، اتي امام الانبياءِ ۽ الله تعالىٰ جي وچ ۾ راز و نياز جون ڳالهيون ٿيون. رسول الله ﷺ جن الله تعالىٰ سان ايترو ويجهو ٿيا جيئن ڪمان جا ٻئي ڪنارا هڪ ٻئي جي ويجهو هوندا آهن يا ان کان به وڌيڪ ويجهو. پوءِ اتي ٻين ڳالهين سان گڏ سندن امت تي ڏينهن رات ۾ پنجاهه نمازون فرض ٿيون. واپسيءَ ۾ رسول الله ﷺ جن جي حضرت موسىٰ عليه السلام جن سان ملاقات ٿي. حضرت موسىٰ عليه السلام رسول الله ﷺ جن کان پُڇيو ته ڪنهن شيءِ جو حڪم ٿيو؟ رسول الله ﷺ جن ٻُڌايو ته پنجاهه نمازن جو. اهو ٻُڌي حضرت موسىٰ عليه السلام فرمايو ته پر توهان جي امت ۾ ايتري طاقت ناهي، ان کان اڳ منهنجو به ماڻهن سان واسطو پيو آهي ۽ بني اسرائيل جو مون کي تلخ تجربو آهي. ان ڪري توهان پنهنجي رب جي دربار ۾ واپس وڃو ۽ پنهنجي امت لاءِ هلڪائي (تخفيف) جو عرض ڪريو. رسول الله ﷺ جن حضرت جبرائيل

عليه السلام ڏانهن نهاريو ته هن به اشارو ڪيو ته ها اگر ايئن ڪريو ته بهتر آهي. رسول الله ﷺ جن واپس الله تعالىٰ جي دربار ۾ آيا ۽ تخفيف جو عرض ڪيو. الله تعالىٰ ڏهه نمازن جي گهٽتائي ڪئي. واپسيءَ ۾ وري حضرت موسىٰ عليه السلام جن سان ملاقات ٿي ته حضرت موسىٰ عليه السلام پُڇيو ته ڪهڙو حڪم ٿيو؟ جواب مليو ته ڏهه نمازن جي تخفيف ٿي. حضرت موسىٰ عليه السلام وري فرمايو ته توهان جي امت ۾ ايتري طاقت ناهي، ان ڪان اڳ منهنجو به ماڻهن سان واسطو پيو آهي ۽ بني اسرائيل جو مون کي تلخ تجربو آهي. ان ڪري توهان پنهنجي رب جي دربار ۾ واپس وڃو ۽ پنهنجي امت لاءِ تخفيف جو عرض ڪريو. رسول الله ﷺ جن حضرت جبرائيل عليه السلام ڏانهن نهاريو ته هن به اشارو ڪيو ته ها اگر ايئن ڪريو ته بهتر آهي. رسول الله ﷺ جن واپس الله تعالىٰ جي دربار ۾ حاضر ٿيا ۽ تخفيف جو عرض ڪيو. وري به ڏهه نمازن جي تخفيف جو حڪم ٿيو. جڏهن رسول الله ﷺ جن واپس ٿيا ته وري به حضرت موسىٰ عليه السلام سان ساڳي گفتگو ٿي. رسول الله ﷺ جن وري به الله تعالىٰ جي دربار ۾ تخفيف جو عرض ڪٽي حاضر ٿيا. وري واپسيءَ ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام سان ساڳي گفتگو ٿي ۽ وري تخفيف لاءِ رسول الله ﷺ جن الله تعالىٰ جي دربار ۾ حاضر ٿيا. اهڙي طرح هر بار ڏهه ڏهه نمازن جي تخفيف ٿيندي رهي، حتىٰ ڪ باقي وڃي ڏهه نمازن جو حڪم رهيو. واپسيءَ تي حضرت موسىٰ عليه السلام سان ساڳي گفتگو ٿي ۽ رسول الله ﷺ جن واپس تخفيف جو عرض ڪٽي باري تعالىٰ جي دربار ۾ حاضر ٿيا. هن دفعي پنج نمازن جي تخفيف جو حڪم ٿيو ۽ باقي پنج نمازون فرضيت جو حڪم برقرار رهيو. الله تعالىٰ فرمايو ته مون وٽ قول تبديل ناهي ڪيو ويندو، جيئن توهان تي ام الڪتاب (لوح وقلم) ۾ فرض ڪيو ويو آهي. هر نيڪيءَ جو ثواب ڏهه گنا آهي، پس هي ام

الڪتاب ۾ پنجاهه نمازون آهن ليڪن توهان تي فرض پنج آهن. واپسيءَ تي رسول الله ﷺ جن سان حضرت موسىٰ عليه السلام جي ملاقات ٿي ۽ ساڳي گفتگو ٿي. هن دفعي به حضرت موسىٰ فرمايو ته توهان جي امت ۾ ايتري طاقت ناهي، ان ڪان اڳ منهنجو به ماڻهن سان واسطو پيو هي ۽ بني اسرائيل جو مون کي تلخ تجربو آهي. ان ڪري توهان پنهنجي رب جي دربار ۾ واپس وڃو ۽ پنهنجي امت لاءِ تخفيف جو عرض ڪريو. هن دفعي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته الله تعالىٰ ڪان گهڻا سوال ڪري چُڪو آهيان ۽ هاڻي مون کي شرم ٿو اچي. هاڻي مان انهن تي راضي آهيان. حضرت موسىٰ عليه السلام فرمايو ته پوءِ الله جو نالو وٺي هيٺ لهي وڃو. جڏهن رسول الله ﷺ جن اتان گذريا ته ندا آئي ” اي محمّد! منهنجي ڳالهه اٽل آهي، توهان کي انهن پنج نمازن جو ثواب پنجاهه جي برابر ملندو.“ ان ڪان پوءِ رسول الله ﷺ جن مسجد الحرام ۾ هئا.

حَدَّثَنَا ابْنُ عَمِّ نَبِيِّكُمْ يَعْنِي ابْنَ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، قَالَ : رَأَيْتُ لَيْلَةَ أُسْرِيَ بِي مُوسَى رَجُلًا آدَمَ طُوَالًا جَعْدًا كَأَنَّهُ مِنْ رِجَالِ شَنُوءَةَ ، وَرَأَيْتُ عِيسَى رَجُلًا مَرْبُوعًا مَرْبُوعَ الْخَلْقِ إِلَى الْحُمْرَةِ وَالْبَيَاضِ سَبِطَ الرَّأْسِ ، وَرَأَيْتُ مَالِكًا خَازِنَ النَّارِ وَالدَّجَّالَ فِي آيَاتٍ أَرَاهُنَّ اللَّهُ إِيَّاهُ فَلَا تَكُنْ فِي مِرْيَةٍ مِنْ لِقَائِهِ. [1]

ترجمو: رسول الله ﷺ جن معراج واري رات بابت فرمايو ته شبِ معراج ۾ مون موسىٰ عليه السلام کي ڏٺو هو، ڪڻڪائو رنگ، ڊگهو قد ۽ گهنڊيدار وار هئا، ايئن لڳي رهيو هو گويا شنوه قبيلي جو ڪو شخص هجي ۽ مون عيسىٰ عليه السلام کي به ڏٺو ها، درميانو قد، ميانو جسم، سرخ ۽ سفيد رنگ ۽ مٿي جا وار سڌا هئا ۽ مون جهنم جي

---

1. صحيح بخاري، حديث نمبر 3239

**داروغي (مالڪ) کي بہ ڏٺو ۽ دجال کي بہ، ان کان علاوه ٻيون نشايون جيڪي الله تعالىٰ مون کي ڏيکاريون.**

عَنْ عِمْرَانَ ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، قَالَ : اطَّلَعْتُ فِي الْجَنَّةِ ، فَرَأَيْتُ أَكْثَرَ أَهْلِهَا الْفُقَرَاءَ ، وَاطَّلَعْتُ فِي النَّارِ ، فَرَأَيْتُ أَكْثَرَ أَهْلِهَا النِّسَاءَ 1.

**ترجمو: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: مون جنت ۾ ڏٺو تہ اتي رهڻ وارا اڪثر غريب ماڻهو هئا ۽ مون جهنم ۾ ڏٺو تہ اتي عورتون هيون.**

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، قَالَ: لَمَّا عُرِجَ بِنَبِيِّ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْجَنَّةِ، أَوْ كَمَا قَالَ: عُرِضَ لَهُ نَهْرٌ حَافَتَاهُ الْيَاقُوتُ الْمُجَيَّبُ، أَوْ قَالَ: الْمُجَوَّفُ، فَضَرَبَ الْمَلَكُ الَّذِي مَعَهُ يَدَهُ، فَاسْتَخْرَجَ مِسْكًا، فَقَالَ مُحَمَّدٌ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِلْمَلَكِ الَّذِي مَعَهُ: مَا هَذَا ؟، قَالَ: الْكَوْثَرُ الَّذِي أَعْطَاكَ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ.2

**ترجمو: رسول الله ﷺ جن کي معراج واري رات جنت ۾ آندو ويو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن سامهون هڪ نهر آندي وئي، جنهن جي ٻنهي ڪناري مجيّب يا مجوّف (خول دار) ياقوت جا هئا. فرشتي پنهنجو هٿ هڻي ان منجهان مشڪ ڪڍي، تہ رسول الله ﷺ جن گڏ بيٺل فرشتي کان پُڇيو تہ هي ڇا آهي؟ ان جواب ڏنو تہ اها ئي ڪوثر آهي جيڪا الله تعالىٰ توهان کي عطا ڪئي آهي.**

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : لَمَّا عُرِجَ بِي مَرَرْتُ بِقَوْمٍ لَهُمْ أَظْفَارٌ مِنْ نُحَاسٍ يَخْمُشُونَ وُجُوهَهُمْ وَصُدُورَهُمْ فَقُلْتُ: مَنْ هَؤُلَاءِ يَا جِبْرِيلُ ؟ قَالَ: هَؤُلَاءِ الَّذِينَ يَأْكُلُونَ لُحُومَ النَّاسِ وَيَقَعُونَ فِي أَعْرَاضِهِمْ . 3

**ترجمو: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن مون کي معراج ڪرايو ويو تہ منهنجو گذر اهڙن ماڻهن مٿان ٿيو، جن جا ننهن ٽامي جا هئا ۽ اهي**

---

1. ايضًا حديث نمبر 6546
2. سنن ابي دائود، حديث نمبر 4748
3. سنن ابي دائود، حديث نمبر 4878

پنهنجو منهن ۽ سينا نوچي رهيا هئا، مون پُڇيو: جبرائيل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ جواب ڏنائين: هي اهي آهن جيڪي ماڻهن جو گوشت کائيندا هئا (غيبت ڪندا هئا) ۽ انهن جي بي عزتي ڪندا هئا.

عَنْ عَبْدِ اللَّهِ قَالَ لَمَّا أُسْرِيَ بِرَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ انْتُهِيَ بِهِ إِلَى سِدْرَةِ الْمُنْتَهَى وَهِيَ فِي السَّمَاءِ السَّادِسَةِ وَإِلَيْهَا يَنْتَهِي مَا عُرِجَ بِهِ مِنْ تَحْتِهَا وَإِلَيْهَا يَنْتَهِي مَا أُهْبِطَ بِهِ مِنْ فَوْقِهَا حَتَّى يُقْبَضَ مِنْهَا. [1]

ترجمو: حضرت عبدالله بن مسعودؓ فرمائن ٿا تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن کي معراج ڪرايو ويو تہ سدرة المنتهىٰ تائين وني ويا. ان (جي پاڙ) ڇهين آسمان ۾ آهي، هينان جيڪا شيءِ مٿي ويندي آهي اها اتي رڪجي ويندي آهي ۽ جيڪا شيءِ مٿان هيٺ لهندي آهي اها بہ اتي ئي اچي رڪجي ويندي آهي. ايسيتائين جو اها وصول ڪئي ويندي آهي.

وَعَنْ أَنَسٍ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَرَرْتُ لَيْلَةَ أُسْرِيَ بِي بقومٍ تُقْرَضُ شفاهُهم بمقاريض النَّارِ فَقُلْتُ: يَا جِبْرِيلُ مَنْ هَؤُلَاءِ؟ قَالَ: هَؤُلَاءِ خُطَبَاءُ أُمَّتِكَ الَّذِينَ يَقُولُونَ مَا لَا يَفْعَلُونَ. 2

ترجمو: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ معراج جي رات منهنجو گذر ڪجهہ اهڙن ماڻهن وٽان ٿيو جن جا چَپَ باهہ جي قينچين سان ڪٽيا ٿي ويا، مون پُڇيو: جبرائيل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ هن جواب ڏنو: هي توهان جي امت جا خطيب حضرات آهن. جيڪي هو چوندا هئا ۽ ان تي سندن پنهنجو عمل نہ هوندو هو.

رسول الله ﷺ جن معراج کان واپسيءَ تي جڏهن معراج بابت واقعات بيان ڪيا تہ ماڻهن ڪين ڪوڙو ڄاتو ۽ امتحان وٺڻ لاءِ بيت

---

1. سنن نسائي، حديث نمبر 452،
مسند احمد، حديث 10580
2. مشڪٰوة المصابيح، حديث 4801

المقدس بابت سوال ڪرڻ لڳا تہ رسول الله ﷺ حطيم ۾ ويهي رهيا، الله تعالىٰ بيت المقدس رسول الله ﷺ جن جي سامهون ڪري ڇڏيو، ماڻهو سوال ڪندا ويا ۽ پاڻ سڳورا ﷺ بيت المقدس ڪي ڏسي هر هڪ نشاني ڪين ٻُڌائيندا رهيا.

هجرت کان پنج سال پهريان هڪ دفعي مڪي شريف جا مشرڪ حضور اڪرم ﷺ جن وٽ جمع ٿيا جن ۾ وليد بن مغيره، ابوجهل، عاص بن وائل، عاص بن هشام، اسود بن عبد يغوث، اسود بن مطلب، زمعة بن الاسود ۽ نضر بن حارث وغيره شامل هئا. هنن پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو تہ اگر توهان نبي آهيو تہ ڪا خاص نشاني ڏيکاريو، هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ هنن فرمائش ڪئي تہ ڏند جا ٻہ ٽڪڙا ڪري ڏيکاريو. اهو رات جو وقت هو ۽ چنڊ جي چوڏهين تاريخ تي چنڊ پنهنجي آب و تاب سان جلوه افروز هو. حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو: ٺيڪ آهي اگر مان چنڊ جا ٻہ ٽڪڙا ڪري ڏيکاريان ۽ هي معجزو ڪري ڏيکاريان تہ پوءِ توهان ايمان آڻيندؤ؟ ماڻهن جواب ڏنو تہ ها اسان ايمان آڻينداسين. پاڻ سڳورن ﷺ جن الله تعالىٰ کان دعا گهري ۽ چنڊ جي طرف اشارو ڪيو. چنڊ جا ٻہ ٽڪڙا ٿي پيا. هڪڙو ٽڪڙو جبل ابي قبيس ۽ ٻيو ٽڪڙو جبل قعيقعان تي هو. اهو معجزو ماڻهو دير تائين ڏسندا رهيا، پنهنجي اکين کي هٿن سان ڪپڙن سان مهٽي مهٽي ڏسڻ لڳا چنڊ جا ٻہ ٽڪڙا صاف نظر اچي رهيا هئا. ان وقت حضور اڪرم ﷺ جن فرمائيندا رهيا: اشهدو! اشهدو! اي ماڻهو! گواهہ رهو، اي ماڻهو! گواهہ رهو. چنڊ انهيءَ حالت ۾ ايتري دير تائين رهيو جيترو وقت ٽيهري جي نماز کان وٺي مغرب جي نماز تائين هوندو آهي. انهيءَ کان پوءِ چنڊ واپس ساڳي حالت تي اچي ويو. مشرڪين مڪہ چوڻ لڳا تہ محمد (ﷺ) تو اسان مٿان جادو ڪري ڇڏيو آهي ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا ٻاهران ايندڙ ڪنهن مسافر جو انتظار ڪريو پوءِ ڏسو تہ هو ڪهڙي گواهي ڏين ٿا،

چاڪاڻ تہ تي سگھي ٿو ھن توھان مٿان جادو ڪيو ھجي ۽ ٻاھرين مٿان سندس جادو نہ ٿيو ھوندو ۽ ھو اچي چون تہ اسان ڪي اھڙي ڪا شيءِ نظر نہ آئي، تہ پوءِ اسان سندس ھن معجزي جو انڪار ڪنداسين. ھر طرف ڪان آيل مسافرن ڪان پُڇڻ تي ھنن اھا گواھي ڏني تہ اسان پاڻ چنڊ کي ٻہ ٽڪڙا ٿيندي ڏٺو آھي. انھيءَ تي چوڻ لڳا تہ بس ھي محمد (ﷺ) جو جادو وقتي طور تي آھي جيڪو سيني کي نظر آيو ۽ ھاڻي اھو جلدي ختم ٿي ويندو.[1]

## حضرت طفيل بن عمرو دوسيؓ جو ايمان آڻڻ

ان ڏينھن ۾ حضرت طفيل بن عمروؓ مڪي شريف ۾ آيو، پاڻ قبيلي دوس جو سردار ھو ۽ يمن جي نواح ۾ سندس خاندان ۾ رئيساڻي حڪومت ھئي. حضرت طفيلؓ پاڻ ھڪ شاعر ۽ دانش مند ماڻھو ھو. مڪي وارن آباديءَ ڪان ٻاھر نڪري سندس استقبال ڪيو. ڏاڍو پرتڪلف استقبال ڪيائون ۽ وڏي پيشاني تي سندس خدمت ۽ تواضع ڪيائون. مڪي ۾ اچڻ ڪان بعد ڪيس چيائون تہ اسان منجھان ھڪڙو ماڻھو اھڙو نڪتو آھي، تورو ان ڪان بچي رھجو، ھو جادو ڄاڻي ٿو، پنھنجي جادوءَ ذريعي پيءُ پٽ، زال مڙس ۽ ڀائرن جي وچ ۾ جدائي وجھي ڇڏي ٿو. اسان جي ايڪي ۽ اتحاد کي ختم ڪري ڇڏيو اٿائين، اسان جي سيني ڪمن کي تتر پتر ڪري ڇڏيو اٿائين. اسان نہ ٿا چاھيون تہ تنھنجي قوم مٿان بہ ڪا اھڙي مصيبت ڪڙڪي، ان ڪري اسان جي پرزور اپيل ۽ درخواست آھي تہ ھن وٽ نہ وڃجانءِ، نہ ان سان ڪا ڳالھہ ڪجانءِ ۽ نہ ان جي ڪا ڳالھہ ٻڌجانءِ.[2]

---

1. ڪانڌلوي، محمد ادريس، مولانا، سيرت مصطفیٰ ﷺ، حصہ اول، ص 231، ڪراچي، ڪتب خانہ مظھري

2. منصور پوري، سيد سليمان سلمان، رحمة للعالمين ﷺ، حصہ اول، ص 67، ڪراچي، دارالاشاعت 2014

مڪي وارن پنهنجيون ڳالهيون اهڙي عمده انداز ۾ ساڻس ڪيون جو هو جڏهن ڪعبت الله ويندو هو ته ڪَنن ۾ ڪپهه وجهي بند ڪري ڇڏيندو هو ته جيئن رسول الله ﷺ جن جي ڪا به ڳالهه سندس ڪَن ۾ نه پَوي. هڪ ڏينهن صبح سان ئي ڪعبت الله ۾ ويو، اتي رسول الله ﷺ جن نماز پڙهي رهيا هئا، الله تعالیٰ جي مشيت به اها ئي هئي ته ڪيس ايمان جي دولت نصيب ٿئي ۽ رسول الله ﷺ جن جو آواز سندس ڪَن تي پَوي. هن ٻُڌو ته رسول الله ﷺ جن ڏاڍو عجيب ڪلام پڙهي رهيا آهن. ان وقت پنهنجو پاڻ تي ملامت ڪرڻ لڳو ته مان پاڻ شاعر آهيان، اهل علم آهيان، سُٺي بري جي تمييز رکان ٿو، نيڪ و بد کي سمجهي سگهان ٿو، پوءِ ڇو ٻين جي چوڻ ڪري هن جي ڳالهه نه ٻُڌان؟ سُٺي ڳالهه هوندي ته اها مڃيندس نه ته مون تي ڪهڙو زور بار آهي جو هرويرو جي ڳالهه مڃان. اهو ارادو ڪري اتي اچي ويهي رهيو. جڏهن رسول الله ﷺ جن نماز پوري ڪري گهر جي طرف روانا ٿيڻ لڳا ته هو به سندن پُٺيان پُٺيان هلڻ لڳو ۽ جڏهن گهر پهتا ته رسول الله ﷺ جن کي پنهنجو مڪي شريف ۾ اچڻ ۽ اهل مڪه جون ساڻس ڪيل سڀ ڳالهيون بيان ڪيائين. ٻُڌائڻ لڳو ته ماڻهن جي ڳالهين ۾ اچي توهان جي ڳالهه ٻُڌڻ کان ڪترائيندو رهيو آهيان، پر اڄ سائين جن جي زبان منجهان جيڪو ڪجهه ٻُڌو آهي اهو مون کي ڪجهه خاص لڳو. انهيءَ ڪري توهان جي خدمت ۾ آيو آهيان ته توهان پنهنجي ڳالهه ٻُڌايو. رسول الله ﷺ جن ڪيس قرآن مجيد پڙهي ٻُڌايو. قرآن مجيد ٻُڌڻ کان پوءِ چوڻ لڳو ته بخدا! مون اهڙو پاڪيزه ڪلام پهريان ڪڏهن ٻُڌو ئي ناهي، جيڪو ايتري قدر نيڪي ۽ انصاف جي هدايت ڪندو هجي. طفيلؓ انهيءَ وقت مسلمان ٿيو ۽ سچيءَ دل سان رسول الله ﷺ جن جو خادم ۽ مطيع بڻجي ويو. قريش کي اهڙي شخص جي مسلمان ٿيڻ تي تمام گهڻو رنج ٿيو.

## مديني شريف جا انصار

مدينہ منوره جو اصل نالو يثرب هو، رسول الله ﷺ جن جي هجرت کان بعد ”مدينة النبي“ نبي جو شهر نالو پئجي ويو ۽ اختصار جي ڪري مدينہ سڏجڻ لڳو. هن شهر ۾ قديم دور ۾ يهودي اچي آباد ٿيا. مرورِ زمانہ سان يهودين جو اولاد وڌندو رهيو جنهن ڪري مختلف قبيلا ۽ خاندان الڳ الڳ ڳوٺ ناهي رهڻ لڳا. انهن پنهنجي دفاع جي لاءِ ڪجهہ قلعا بہ جوڙي ورتا هئا. انصار اصل ۾ يمن جا رهاڪو هئا ۽ قحطان جي خاندان جا هئا. يمن ۾ مشهور ٻوڏ ”سيل عرم“ آئي تہ هي ماڻهو يمن کان نڪري مديني ۾ آباد ٿيا. هي بہ ڀائر اوس ۽ خزرج هئا جن اچي هتي مستقل رهائش اختيار ڪئي. سڀ انصار انهن جو نسل آهن. هي خاندان جڏهن يثرب ۾ آيو تہ ان وقت يهودي وڏي اقتدار ۽ اثر رسوخ وارا هئا. آس پاس جون زمينون ۽ املاڪ سندن قبضي ۾ آيون ۽ دولت جي اعتبار سان بہ ڪافي مالا مال هئا. هنن جي آل اولاد ڪثرت سان وڌي جنهن ڪري ويهہ ايڪيهہ قبيلا ٿي ويا. ڪثرت جي ڪري پري پري ٽڙي پکڙي ڳوٺ آباد ڪري رهڻ لڳا. انصار ڪجهہ عرصو هنن کان بلڪل الڳ ٿلڳ رهيا پر هنن جو اثر ۽ زور ڏسي آخرڪار هنن جا حليف بڻجي ويا. جيڪي قبيلا پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي مدد ۽ شرڪت جو حلفيہ معاهدو ڪندا هئا تہ اهي هڪ ٻئي جا حليف سڏبا هئا. ڪافي عرصي تائين انهيءَ حالت تي قائم رهيا. جڏهن انصار جو خاندان ڦهلجڻ لڳو ۽ ڪجهہ اقتدار حاصل ڪرڻ لڳو تہ يهودين دور انديشي کان ڪم وٺندي اهو معاهدو ٽوڙي ڇڏيو. انصار مديني آس پاس ۾ ڪافي تعداد ۾ ننڍا ننڍا قلعا ٺاهيا. اوس ۽ خزرج ڪافي عرصي تائين پاڻ ۾ متحد رهيا پر پوءِ عرب جي فطرت موافق خانہ جنگيون شروع ٿيون ۽ انهن جي درميان خونريز جنگيون ٿيون، سڀني کان آخر ۾ بُعاث جي جنگ لڳي. هن لڙائي ايترو زور پڪڙيو جو ٻنهي خاندانن جا نامور ماڻهو وڙهندي

مري ويا، انصار ايتري قدر ڪمزور ٿي ويا جو انهن قريش کي درخواست ڪئي تہ اسان کي حليف بڻايو، ليڪن ابو جهل معاملو رفع دفع ڪري ڇڏيو.

انصار جيتوڻيڪ بُت پرست هئا پر يهودين سان ميل جول جي ڪري نبوت ۽ آسماني ڪتابن جي بڌ سُڌ رکندڙ هئا. يهودين سان انصار جي ڪا مٿي مائٽي تہ نہ هئي پر پوءِ بہ انصار انهن جي علمي فضل ۽ ڪمال جا معترف هئا. يهودين مديني ۾ جيڪي علمي مدرسا قائم ڪيا هئا انهن کي "بيت المدارس" سڏيندا هئا. انهن ۾ توريت جي تعليم ڏيندي هئي. انصار جاهل هئا جنهن ڪري يهودين جي تعليمات جو مٿن ڪافي اثر پوندو هو. ايتري حد تائين جو اگر ڪنهن شخص جا ٻار زنده نہ رهندا هئا تہ هو اها باس باسيندو هو تہ اگر سندس ٻار زنده رهيو تہ هو ڪيس يهودي بڻائيندو. يهودي عام طور تي اهو اعتقاد رکندا هئا تہ هڪ نبي اچان ضرور ايندو، انهيءَ ڪري انصار بہ اچڻ واري نبيءَ جي باري ۾ بُڌ سُڌ رکندا هئا.

اوس ۽ خزرج جي باهمي لڙائي ۾ جڏهن اوس کي شڪست ملي تہ اوس جا ماڻهو قريش وٽ ويا تہ خزرج جي مقابلي ۾ سندن حليف بڻجن. ان سفارت ۾ اياس بن معاذ بہ هو، رسول الله ﷺ جن انهن کي اسلام جو پيغام پهچايو، اياس ان پيغام جي تعريف ڪئي پر ان جماعت جي سردار پٽريون ڪٽي اياس جي منهن تي هنيون تہ اسان جو ان سان ڪهڙو ڪم! اسان ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ آيا آهيون. انهيءَ جو ذڪر مٿي گذري چُڪو آهي.

## حضرت ابوذر غفاريؓ جو ايمان آڻڻ

حضرت ابوذر غفاريؓ (جندب ابن جناده) پنهنجي شهر يثرب ۾ ئي هو تہ ڪيس رسول الله ﷺ جن جي باري ۾ اڏندڙ خبرون مليون تہ

هن پنهنجي ڀاءُ کي چيو تہ تون مڪي شريف وڃ، اتي وڃي انهيءَ شخص سان ملي اچ.[1] حضرت ابوذر غفاريؓجو ڀاءُ انيس هڪ فصيح ۽ مشهور شاعر هو. هو مڪي شريف ۾ آيو ۽ رسول الله ﷺ جن سان مليو. حضور اڪرم ﷺ جن سان حال احوال ڪري واپس يثرب موٽي ويو ۽ وڃي پنهنجي ڀاءُ کي سموري روئداد بيان ڪيائين. ڀاءُ کي ٻڌايائين تہ مون محمّد (ﷺ) کي هڪ اهڙو شخص پاتو جيڪو نيڪيون ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ شر کان بچڻ جو حڪم ڏئي ٿو. حضرت ابوذرؓفرمايو تہ ايترين ڳالهين منجهان ڪا خاص تسلي نہ ٿي، آخر پاڻ ثمر ٻَڌي پاڻيءَ سان ڀريل هڪ پراڻي مشڪيزه کڻي پيادل سفر ڪري مڪي شريف پهتو. حضرت ابوذر غفاريؓرسول الله ﷺ جن سان واقف نہ هو جنهن ڪري سڃاڻڻ کان بہ قاصر هو ۽ ٻئي ڪنهن کان پاڻ سڳورن ﷺ جن باري ۾ پُڇڻ گوارا نہ ڪيائين. زمزم جو پاڻي پي ڪعبت الله ۾ ئي ليٽي پيو. حضرت علي المرتضىٰؓآيو ۽ سندس مٿان اچي بيٺو. چوڻ لڳو تہ هي ڪو مسافر معلوم ٿو ٿئي. حضرت ابوذرؓچيو تہ ها، حضرت علي المرتضىٰؓ فرمايو چڱو مون وٽ هلو، رات اتي گذاريائين، رات جو نہ حضرت علي المرتضىٰؓ ڪجھ پُڇيو ۽ نہ ئي وري ڪجھ هن ٻُڌايو. صبح ٿي تہ حضرت ابوذرؓ ڪعبت الله ۾ ويو. دل ۾ رسول الله ﷺ جن جي تلاش هئس پر ڪنهن کان بہ پُڇڻ مناسب معلوم نہ ٿيس. حضرت علي ڪرم الله وجهه وري اچي ڪيس فرمايو تہ شايد توکي پنهنجو ٺڪاڻو نہ مليو، ورندي ڏنائين تہ ها، حضرت علي المرتضىٰؓ وري ڪيس وٺي گھر آيا. هن دفعي ڪانئس پُڇيائون تہ ڪير جوان آهين؟ ۽ هتي ڇو آيو آهين؟ حضرت ابوذرؓ چوڻ لڳو تہ اگر راز ۾ رکين تہ ٻُڌايانءِ. حضرت علي ڪرم الله وجهه واعدو ڪيو. حضرت

---

1. قاسمي، محمد اسلم، مترجم اردو، سيرة حلبيہ اردو، ج 2، ص 233، ڪراچي، دارالاشاعت 2009

ابوذرؓ چوڻ لڳو تہ مون ٻُڌو آهي تہ هن شهر ۾ هڪ شخص آهي جيڪو پنهنجو پاڻ کي نبي سڏائي ٿو، مون پنهنجي ڀاءُ کي موڪليو هو، هو هتي آيو پر ڪو تسلي بخش جواب نہ ڏئي سگهيو، ان ڪري مان پاڻ آيو آهيان. اهو ٻُڌي حضرت علي المرتضيٰؓ فرمايو تہ چڱو ٿيو جو آئين ۽ چڱو ٿيو جو مون سان مليو هين. ڏس مان پاڻ انهيءَ جي خدمت ۾ وڃي رهيو آهيان، مون سان گڏ هل، مان پهريان اندر وڃي ڏسندس اگر ان وقت ملڻ مناسب نہ هوندو تہ مان ڀت (ديوار) سان لڳي بيهندس، جڻ جوتا سَهي ڪري رهيو آهيان. اهڙي طرح ٻئي دربار نبوت ۾ حاضر ٿيا. حضرت ابوذرؓ عرض ڪيو تہ مون کي اسلام جي باري ۾ ٻُڌايو وڃي، رسول الله ﷺ جن اسلام بابت بيان فرمايو ۽ الله تعاليٰ جو پيغام ٻُڌايو. حضرت ابوذرؓ انهيءَ وقت مسلمان ٿيو. رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ: ابوذر! في الحال پنهنجي هن ڳالهہ کي راز ۾ رک ۽ پنهنجي وطن واپس هليو وڃ. جڏهن توکي اسان جي ظهور جي خبر ملي تڏهن اچجانءِ. حضرت ابوذرؓ چوڻ لڳو: بخدا مان تہ هنن دشمنن جي سامهون اعلان ڪري پوءِ ويندس. پوءِ ابوذرؓ ڪعبت الله جي طرف ويو، اتي قريش جمع هئا، انهن سيني کي بلند آواز ۾ سڏ ڪري ڪلمہ شهادت پڙهيائين. قريش چيو تہ هن بي دين کي ماريو. ماڻهن کيس مارڻ شروع ڪيو. حضرت عباسؓ اچي ويو ۽ جهڪي ڏنائين، پوءِ سيني کي هڪل ڪري چيائين: اڙي ڪم بختو هي قبيلہ غفار جو ماڻهو آهي، جتي توهان واپار سانگي ويندا ۽ ڪجور آڻيندا آهيو. اهو ٻڌي ماڻهو پُٺ تي هٽي ويا. ٻئي ڏينهن وري ڪعبي ۾ اچي سيني کي سڏي ڏاڍيان ڪلمہ شهادت پڙهيائين. وري ماڻهن مارڻ شروع ڪيس، حضرت عباسؓ اچي مٿس ڪِري پيو ۽ کيس ڇڏايائين ۽ هو پنهنجي وطن روانو ٿيو.

## انصار جو قبول اسلام

جيئن تہ رسول الله ﷺ جن جو معمول هو تہ جيڪي ٻاهريان ماڻهو حج جي ڏينهن ۾ مڪي شريف ۾ ايندا هئا تہ انهن وٽ اسلام جو پيغام پهچائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيندا هئا. سن 10 نبوي ۾ جڏهن حج جي ڏينهن ۾ مختلف قبيلن جا ماڻهو مڪي شريف ۾ آيا تہ رسول الله ﷺ جن انهن کي اسلام جو پيغام پهچائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا. انهيءَ دوران عقبہ وٽ جتي اڄ مسجد عقبہ ٺهيل آهي، اتي خزرج جا ڪجهہ ماڻهو وينل هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪانئن نالا ۽ نسب پُڇيا، انهن ٻُڌايو تہ خزرجي هون. رسول الله ﷺ جن اسلام جي دعوت ڏني ۽ قرآن مجيد جون آيتون پڙهي ٻُڌايون. اهي ماڻهو هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ ڏسو ڪٿي يهودي انهيءَ ۾ اسان کان سبقت نہ حاصل ڪري وٺن، اهو چئي سيني گڏجي اسلام قبول ڪيو. هي انصار صحابہ ڪرام ۾ سابقين اولين هئا. اهي ڇهہ شخص هئا، انهن جا نالا هي آهن.

1. ابوالهيثم بن تيهان
2. ابو امامہ اسعد بن زُراره
3. عوف بن حارث
4. رافع بن مالڪ بن عجلان
5. قطبہ بن عامر بن حديده
6. جابر بن عبدالله بن رياب رضي الله عنهم اجمعين

## بيعت عقبہ اوليٰ

ٻئي سال سن اا نبوي ۾ ٻارهن شخص مدينہ منوره کان آيا ۽ رسول الله ﷺ جن جي بيعت ڪيائون ۽ اهو بہ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله ﷺ! اسان کي اسلامي تعليمات سيکارڻ لاءِ ڪو معلم بہ ساڻ ڪري ڏيو جيڪو اسان کي اسلام جي تعليمات سيکاري. رسول

الله ﷺ جن حضرت مصعب بن عميرؓ کي انهي خدمت لاءِ ساڻن گڏ روانو فرمايو.[1] حضرت مصعبؓ هاشم بن عبد مناف جو پوٽو ۽ سابقين اولين ۾ شامل هو، مدينہ منوره ۾ اچي حضرت اسعد بن زُرارهؓ جي مڪان تي ترسيو جيڪو مديني جو نهايت معزز رئيس هو. روزانہ جو معمول بڻايو تہ هڪ هڪ گهر جو دورو ڪري ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏبي ۽ قرآن مجيد پڙهي ٻُڌائبو. اهڙي ريت روزانو هڪ ٻہ نوان ماڻهو اسلام جي آغوش ۾ داخل ٿيڻ لڳا. اهڙي طرح مديني جي ٻهراڙين ۽ ڳوٺن ۾ٻہ گهر گهر اسلام جو پيغام پهچي ويو. صرف خطمہ وائل ۽ واقف جا ڪجهہ گهراڻا باقي رهيا. اوس قبيلي جو سردار حضرت سعدؓ بن معاذ هو. جڏهن حضرت مصعبؓ وٽس وڃي ڪيس اسلام جي دعوت ڏني تہ پهريان پاڻ ڏاڍي نفرت ظاهر ڪيائين. پر جڏهن حضرت مصعبؓ قرآن مجيد جون ڪجهہ آيتون پڙهي ٻُڌايون تہ ميڻ جيان نرم ٿي پيو. سندس اسلام قبول ڪرڻ سان ئي پورو اوس قبيلو اسلام جي آغوش ۾ اچي ويو.

## بيعت عقبہ ثاني

نبوت جي ٻارهين سال ٻاهتر شخص مديني شريف ۾ آيا، انهن رازداريءَ ۾ عقبہ وٽ رسول الله ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي. انهن ماڻهن کي رسول الله ﷺ جن الله جو ڪلام ۽ اسلام جو پيغام پهچايو ۽ قرآن مجيد پڙهي ٻُڌايو. اهو سڀ ٻُڌڻ کان بعد سندن دليون ايمان سان پرجي ويون. انهن سيني ماڻهن عرض ڪيو تہ الله جو نبي (ﷺ) اسان سان گڏ هلي اسان جي شهر ۾ رهي تہ جيئن اسان پورو پورو فيض حاصل ڪري سگهون. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: چا

---

1. ابن هشام، محمد عبدالملڪ، مترجم، مولوي قطب الدين احمد، سيرت النبي ﷺ ابن هشام، اردو، حصہ دوم، ص 51، لاهور، اسلامي ڪتب خانہ

توهان دين حق جي اشاعت ۾ منهنجي پوري پوري مدد ڪندؤ؟ ۽ جڏهن مان توهان جي شهر ۾ هلي رهان تہ ڇا توهان منهنجي ۽ منهنجي ساٿين جي حمايت پنهنجي اهل وعيال وانگر ڪندؤ؟ انصار چوڻ لڳا تہ ايئن ڪرڻ سان اسان کي معاوضي ۾ ڇا ملندو؟ ارشاد فرمايو تہ جنت، (نجات ۽ الله جي خوشنوديءَ جي جاءِ). ان موقعي تي حضرت عباسؓ جيڪو ان وقت تائين مسلمان نہ ٿيو هو. هن انصار کي خطاب ڪري چيو تہ: اي خزرج محمّد ﷺ پنهنجي خاندان ۾ معزز ۽ محترم آهن، دشمنن جي مقابلي ۾ اسان هميشہ سندن سينہ سپر رهياسين، هاڻي هو توهان وٽ وڃڻ چاهن ٿا، اگر مرتي دم تائين سندن ساٿ ڏئي سگهو تہ ٺيڪ آ نہ تہ هاڻي ئي جواب ڏئي ڇڏيو. حضرت براءؓ ابن مرور جيڪو بنو تميم جو سردار هو رسول الله ﷺ جن جي طرف خطاب ڪري چيو: ”اسان تلوارن جي هنج ۾ پليا آهيون“ اجان ايترو ئي مس چيائين تہ حضرت ابوالهيثمؓ ابن التحيان ڳالهہ کي ڪٽيندي چيو: يا رسول الله ﷺ! اسان جا يهودين سان تعلقات آهن، بيعت کان بعد اهي ٽٽي ويندا، ايئن تہ نہ ٿيندو جو جڏهن توهان کي اقتدار حاصل ٿي وڃي ۽ توهان اسان کي ڇڏي واپس پنهنجي وطن هليا وڃو. رسول الله ﷺ جن اهو ٻُڌي مسڪرايو ۽ فرمائڻ لڳا تہ: ”نہ، توهان جو رت منهنجو رت آهي، توهان منهنجا آهيو ۽ مان توهان جو آهيان.“

رسول الله ﷺ جن انهيءَ ٽولي منجهان ٻارهن ماڻهو نقيب چونڊيا، جن جا نالا خود انصار پاڻ پيش ڪيا هئا. انهن ۾ نَوَ 9 خزرج جا ۽ ٽي 3 اوس جا هئا. انهن جا نالا هي آهن.

1. اسيد بن حضير
2. ابوالهيثم بن تيهان
3. سعد بن خيثمہ
4. اسعد بن زراره

5. سعد بن ربيع
6. عبدالله بن رواحہ
7. سعد بن عبادة
8. منذر بن عمرو
9. براء بن معرور
10. عبدالله بن عمرو
11. عباده بن الصامت
12. رافع بن مالڪ رضي الله عنهم اجمعين

رسول الله ﷺ جن انصار ڪان شرڪ، چوري، زنا، قتل اولاد ۽ افتراء جا مرتڪب نہ ٿيندؤ ۽ رسول الله ﷺ ساڻن جيڪا سُني ڳالهہ ڪندا ان ڪان انڪاري نہ ٿيندا جهڙين ڳالهين تي بيعت ورتي.

جڏهن انصار بيعت ڪري رهيا هئا تہ حضرت اسعد بن زرارةؓ اٿي بيهي چوڻ لڳو تہ پائرو خبر اٿوَ تہ ڪهڙي شيءِ تي بيعت ڪري رهيا آهيو؟ هي عرب ۽ عجم، جن و انس سان جنگ آهي. سيني چيو تہ ها اسان ان تي بيعت ڪري رهيا آهيون. جن ٻارهن نقيبن جو انتخاب ٿيو اهي پنهنجن قبيلن جا رئيس ۽ سردار هئا، انهن جو اسلام قبول ڪرڻ سموري انصار جو اسلام قبول ڪرڻ هو. صبح جو ان بيعت جي اڏندڙ خبر قريش تائين پهتي. انهن دار الندوة ۾ اجلاس ڪونايو، قريش انصار وٽ شڪايت ڪٽي آيا، انصارن سان گڏ جيڪي بُت پرست هئا انهن ڪي ان ڳالهہ جي ڪا خبر نہ هئي. انهن اهڙي ڳالهہ جي تڪذيب ڪئي تہ اگر اهڙي ڳالهہ هجي ها تہ اسان ڪان ڪيئن لڪيل رهجي ها.

مدينہ منوره ۾ اسلام جي ڪافي ڦهلجڻ سان رسول الله ﷺ جن کي خوشي ٿي. پاڻ سڳورن ﷺ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کي اجازت ڏني تہ توهان مڪي شريف منجهان هجرت ڪري مدينہ منوره هليا وڃو. قريش انهيءَ هجرت ۾ بہ آڙي آيا، انهن روڪڻ ٽوڪڻ شروع

ڪيو، مگر پوءِ به ماڻهو چوري ڇپي آهستي آهستي مڪ مڪرمہ منجهان هجرت ڪري مديني شريف روانا ٿي ويا. اهڙي طرح اڪثر صحابہ ڪرامؓ هجرت ڪري چُڪا ته مڪي شريف ۾ باقي رسول الله ﷺ، حضرت ابوبڪر صديقؓ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه رهيا يا وري اهي مفلس ۽ نادار صحابہ ڪرامؓ جيڪي پنهنجي غربت سبب ڪافي عرصي تائين هجرت نہ ڪري سگهيا، اهي باقي بچيا. سورت النساءِ جي هيءَ آيت انهن جي ئي شان ۾ نازل ٿي.

وَ مَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَ النِّسَآءِ وَ الْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا 1

ترجمو: ڪمزور مرد، عورتون ۽ ٻار جيڪي اهو چون ٿا تہ اي اسان جا رب اسان کي هن شهر مان ڪڍ جو هتان جا ماڻهو ظالم آهن.

## هجرت

مڪي شريف کان مدينہ منوره طرف هجرت ڪرڻ وارو پهريون صحابي حضرت قتادهؓ هو. حضرت عمر فاروقؓ بہ نبوت جي تيرهين سال مڪي شريف جي مشرڪن کي چيلينج ڪندو سرعام للڪاريندو هجرت ڪرڻ لڳو. سندس دهشت ۽ بهادري جي ڪري ڪوبہ سندس سامهون نہ آيو، ساڻس انهيءَ هجرت جي سفر ۾ 20 ٻيا بہ شامل هئا. جڏهن اڪثر مسلمان هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ پهچي ويا تہ قريش سوچيو تہ هاڻي محمّد (ﷺ) کي قتل ڪرڻ جو سُنو موقعو آهي. رسول الله ﷺ جن کي قتل ڪرڻ لاءِ قريش جو دارالندوه ۾ خفيہ اجلاس ٿيو، اهو دارالندوه جنهن کي قصّي بن ڪلاب قائم ڪيو هو. ان اجلاس ۾ نجد جو هڪ پوڙهو شيطان بہ شامل ٿيو هو ۽ قريش جي قبيلي جا مشهور سردار شامل ٿيا جن ۾:

1. سورت النساءِ آيت 75

1. بنو عبد شمس طرفان ربيعہ جا پٽ شيبہ ۽ عتبہ ۽ ابوسفيان بن حرب
2. بنو نوفل طرفان طعيمہ بن عدي، جبير بن مطعم ۽ حارث بن عامر
3. بنو عبدالدار طرفان نصر بن حارث بن ڪلده
4. بنو اسد بن عبدالعزىٰ طرفان ابوالبختري بن هشام، زمعہ بن اسود ۽ حڪيم بن حزام
5. بنو مخزوم طرفان ابوجهل بن هشام
6. بنو سهم طرفان نبيہ ۽ منبہ جيڪي حجاج جا پٽ هئا
7. بنوجمح طرفان اميہ بن خلف

انهن جي خفيہ تدبير جي باري ۾ قرآن مجيد گويا ٿيو:

وَمَكَرُوْا وَمَكَرَاللّٰهُ. [1]

ترجمو: هو تدبيرون ڪن ٿا ۽ الله بہ تدبير ڪئي.

انهيءَ خفيہ اجلاس جي ڪاروائي شروع ٿي تہ هڪ چوڻ لڳو: هن کي پڪڙي ڳلي ۾ طوق ۽ زنجير وجهي ڪنهن جاءِ ۾ قيد ڪري ڇڏيو ۽ مڪان جو دروازو اهڙو بند ڪري ڇڏيو جو ڪير بہ ان کي کولي نہ سگهي تہ جيئن هو شاعرن جي موت جو مزو چکندو مري وڃي. پوڙهو نجدي چوڻ لڳو: نہ اهو نيڪ ناهي. محمّد (ﷺ) جي قيد ٿيڻ جي خبر باهر ضرور نڪرندي ۽ سندس ساٿي قيد جي خبر ٻُڌي کيس ڇڏائي وٺندا ۽ طاقت حاصل ڪري توهان کي بہ فنا ڪري ڇڏيندا. ٻئي چيو تہ: هڪ سرڪش اُٺ تي کيس ويهاري اسان کيس هتان ڪڍي ڇڏيون. اسان کي ڇاهي، جهڙي طرف ڇاهي هليو وڃي، ڇاهي ڪٿي بہ رهي، ڇاهي جيئي ڇاهي مري. پوڙهو نجدي چوڻ لڳو تہ: نہ، اها راءِ بہ غلط آهي. ڇا

1. سورت آل عمران، آيت 54

توهان محمّد (ﷺ) جي دل مائل ڪرڻ واريون ڳالهيون وساري ويٺاهو؟ ڏسو نہ ٿا تہ هو جنهن سان بہ ڳالهائي ٿو تہ ڪيس پنهنجو ڪري وٺي ٿو، هو دلين تي آسانيءَ سان قابو پائي وٺي ٿو، جتي ويندو اتان جي باشندن کي پنهنجو ڪري وٺندو ۽ هو ساڻس گڏجي ويندا ۽ آخرڪار هو توهان کان پنهنجي نبيءَ جو بدلو وٺي دم پٽيندا. آخرڪار ابوجهل هڪ اهڙي راءِ ڏني جنهن تي سڀ متفق ٿيا ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو وچن ڪيائون. اها تدبير اها هئي تہ:

”عرب جي هر هڪ مشهور قبيلي جو هڪ هڪ جوان مرد منتخب ڪجي، پوءِ اهي سڀ بهادر رات جي انڌيري ۾ محمّد (ﷺ) جي گهر کي گهيرو ڪن، جڏهن محمّد (ﷺ) صبح جو ٻاهر نڪري تہ هي سڀ جوان پنهنجي پنهنجي تلوارن سان مٿس حملو ڪن. ان تدبير جو اهو فائدو ٿيندو تہ جنهن قتل ۾ سڀ قبيلا شامل هجن تہ ان جو بدلو محمّد (ﷺ) جو قبيلو بہ نہ وٺي سگهندو ۽ نہ ئي محمّد (ﷺ) کي مڃڻ وارا ڪو شر ۽ فساد ڪڙو ڪري سگهندا.“

رسول الله ﷺ جن سان قريش کي حد درجي عداوت هئي پر ان جي باوجود الصادق ۽ الامين واري لقب تي ڪين پُختہ يقين هو، ڪين چڱي نموني خبر هئي تہ ڇا بہ ٿئي مگر هي شخص امانت ۾ خيانت نہ ڪندو، انهيءَ ڳالهہ جي پيش نظر رسول الله ﷺ جن وٽ سندن ڪافي شيون بطور امانت رکيل هونديون هُيون.

هجرت کان بہ ٿي ڏينهن پهريان رسول الله ﷺ جن منجهند جي وقت حضرت ابوبڪر صديقؓ جن جي گهر جي دروازي تي دستڪ ڏئي اجازت وٺي گهر اندر تشريف فرما ٿيا.1 حضرت ابوبڪر صديقؓ کي حڪم فرمايو تہ ٿورڙو ٻين کي پاسي ڪريو توهان سان خاص ڳالهہ ڪرڻي آهي. ان وقت رسول الله ﷺ جن جي شادي ام المومنين حضرت

1. نعماني، علامہ شبلي، سيرة النبي ﷺ، ص 162، لاهور، مڪتبه مدينہ 2001

عائشہ سان ٿي چُڪي هئي، سو حضرت ابوبڪر صديقؓ عرض ڪيو تہ حضور ﷺ هتي توهان جي حرم کان سواءِ ٻيو ڪوئي موجود ناهي. ان تي رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ مون کي هجرت جي اجازت ملي وئي آهي. اهو ٻُڌي حضرت ابوبڪر صديقؓ بي تابيءَ ۾ چوڻ لڳو، منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان. ڇا مون کي بہ همراهيءَ جو شرف حاصل ٿيندو؟ ارشاد فرمايو تہ ها. حضرت ابوبڪر صديقؓ هجرت جي غرض سان ٻہ ڏاچيون چار مهينن کان خوب ڪارائي پياري تيار ڪري رکيون هُيون. عرض ڪيو تہ هنن منجهان ڪا هڪ پسند فرمايو. رسول الله ﷺ جن احسان کڻڻ گوارا نہ سمجهي فرمايو تہ ٺيڪ آهي مگر اها قيمت سان وٺندس. حضرت ابوبڪر صديقؓ مجبورًا اها ڳالهہ قبول ڪئي. حضرت اسماء بنت ابي بڪر صديق رضي الله عنهما حضرت عبدالله بن زبير جي امڙ سفر لاءِ ٻہ ٽن ڏينهن جي کاڌ خوراڪ توشہ دان ۾ وجهي رکي، نطاق (عرب جون عورتون ڪپڙي جو ڪمربند ٻَڌنديون هُيون ان کي نطاق چيو ويندو هو) کي ڦاڙي ان توشہ دان جو منهن بند ڪيو. انهيءَ ڪري ڪيس ذات النطاقين جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي.

مشرڪن جڏهن رسول الله ﷺ جن جي گهر جو محاصرو ڪيو، جڏهن رات جو ڪافي حصو گذري ويو تہ انهن کي پنهنجي ڪامل قدرت سان بي خبر بڻائي ڇڏيائين. رسول الله ﷺ جن پنهنجي سوٽ حضرت علي المرتضىٰؓ کي حڪم فرمايو تہ اڄ رات چادر ويڙهي منهنجي بستر تي آرام ڪر، ڪوبہ فڪر نہ ڪر، ڪوبہ ماڻهو تنهنجو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندو، صبح جو ماڻهن کي پنهنجون امانتون واپس ڪري مديني طرف روانو ٿجانءِ. حضرت علي المرتضىٰؓ تلوارن جي سايي ۾ ڏاڍي سُڪون سان آرامي رهيا. الله تعالىٰ پنهنجي رسول جي حفاظت فرمائي. رسول الله ﷺ جن بي فڪريءَ سان سورت يٰس جي تلاوت

فرمائيندا دشمن جي مٿي تي مٽي وجهندا گهر ڪان ٻاهر نڪري آيا، ڪنهن بہ دشمن رسول الله ﷺ جن کي ٻاهر ويندي نہ ڏٺو.

رسول الله ﷺ جن سڌو پنهنجي دوست حضرت ابوبڪر صديقؓ جي گهر پهتا، جلديءَ سان سفر جو ضروري سامان سيٽ ڪري رات جي انڌيري ۾ ٻئي هستيون روانا ٿيون. مڪي شريف ڪان چار پنج ميل جي فاصلي تي جبل آهي انهيءَ جبل جي چڙهائي ڏاڍي مشڪل آهي، رستو نوڪيلن پٿرن سان ڀريل هو، رسول الله ﷺ جن جا قدم مبارڪ زخمي ٿي پيا ۽ ٿڏو لڳڻ سان تڪليف ٿي رهي هئي. حضرت ابوبڪر صديقؓ رسول الله ﷺ جن کي پنهنجي ڪلهي تي ڪنيو، آخر هڪ غار وٽ پهتا، غار جي منهن تي رسول الله ﷺ جن کي ويهاري پاڻ غار ۾ داخل ٿي اندران صفائي ڪري انهيءَ غار جي سوراخن کي بند ڪيائين. آخر ۾ هڪ سوراخ باقي بچيو. رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪيائين تہ آقا! هاڻي تشريف فرما ٿيو. حضرت ابوبڪر صديقؓ پنهنجون چنگهون ڏگهيڙي پير جي کُڙيءَ سان انهيءَ سوراخ جو منهن بند ڪيو، رسالت صديق اڪبرؓ جي هنج ۾ آرامي ٿي. انهيءَ سوراخ اندر ٻيو ڪو عاشق رسول (نانگ) بہ ويٺل هو. انهيءَ کي اهو ڏاڍو بُرو لڳو تہ نبوت سندس ايترو ويجهو آهي ۽ صديق اڪبرؓ جو قدم ديدار ۾ حائل بڻيل آهي، سو انهيءَ عاشق کي حضرت ابوبڪرؓ جو اهو عمل پسند نہ آيو. انهيءَ ڪري ڪيس کُڙيءَ ۾ چَڪَ هڻڻ لڳو. انهيءَ چَڪَن حضرت ابوبڪر صديقؓ کي تڪليف تہ ڏاڍي ڏني مگر محبوب جي آرام ۾ خلل نہ پَوي جي سوچ رکي انهيءَ درد کي سَهندو رهيو. جڏهن درد وڌيو تہ سندس اکين منجهان لڙڪ وَهي هليا، جڏهن لڙڪ محبوب مٿان پيا تہ محبوب سجاڳ ٿي پيو، ڏٺائين تہ ابوبڪر صديقؓ جي اکين منجهان ڳوڙها وَهي رهيا آهن، ارشاد فرمايو ابوبڪر! ڇا ٿيو؟ انهيءَ استفسار تي سڄي ماجرا

بيان ڪيائين. نبوت سندس ڳُڙي کي پنهنجي لعاب مبارڪ لڳائي، جنهن جي برڪت سان درد دفع ٿي ويو.

صبح جو قريش ڏٺو ته بستر تي رسول الله ﷺ جن جي بجاءِ حضرت علي المرتضىٰؓ هو. هنن حضرت علي ڪرم الله وجهه کي پڪڙي حرم ۾ آندو ۽ ڪجهه وقت ويهاري پُڇا ڪرڻ کان بعد ڇڏي ڏنو. پوءِ رسول الله ﷺ جن کي تلاش ڪرڻ شروع ڪيائون. تلاش ڪندا غار جي منهن تائين اچي ويا. آهٽ ٻُڌي حضرت ابوبڪر صديقؓ غمزده ٿي ويو ۽ عرض ڪرڻ لڳو ته هاڻي دشمن ايترو ويجهو اچي چُڪا آهن جي اگر هو پنهنجي پَيرن جي طرف ڏسن ته اسان کي ڏسي وٺندا. اهو ٻُڌي نبوت جي مبارڪ زبان منجهان فرمان جاري ٿيو: لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا. گهٻراءِ نه الله اسان سان گڏ آهي. اها ڳالهه مشهور آهي ته جڏهن ڪفار غار جي منهن جي ويجهو ٿيا ته الله تعالىٰ پنهنجي قدرت سان اتي هڪ جهاڙي پيدا ڪئي جنهن جي ٽارين غار جي منهن کي ڍڪي ڇڏيو ۽ ٻن ڪبوترن اتي آکيرو ٺاهي اندا ڏنا. مشهور آهي ته حرم جا ڪبوتر انهن جو نسل آهن. ڪفار اتي آکيرو ۽ اندا ڏسي اهو گمان ڪيو ته سالن کان هن غار ۾ ڪوبه داخل نه ٿيو هوندو. سو اتان ئي واپس ٿيا. جڏهن حضرت ابوبڪرؓ گهران هجرت لاءِ روانو ٿيو ته سندس والد ابو قحافهؓ جيڪو ان وقت مسلمان نه ٿيو هو، فتح مڪ واري ڏينهن مسلمان ٿيو هو، ابو قحافهؓ جي ظاهري بصارت ختم ٿي وئي هئي. حضرت ابوبڪر صديقؓ هجرت وقت پنهنجي سموري پونجي جيڪا ان وقت پنج ڇهه هزار درهم هئي ساڻ کڻي ويو. ابوقحافهؓ کي ان ڳالهه تي ڪاوڙ هئي ته ابوبڪرؓ ٻُنيان ڪجهه به نه ڇڏي ويو آهي. حضرت اسماء بنت ابي بڪرؓ ننڪريون ميڙي انهن کي سِڪن جي صورت ۾ هڪ صندوق اندر رکي مٿان ڪپڙو وجهي ڇڏيائين، پنهنجي ڏاڏي کي وٺي انهي صندوق ۾ رکيل سِڪن مٿان ڪپڙي تي هٿ رکرائي چيو ته بابا اسان لاءِ ڪافي ڪجهه

چڏي ويو آهي، توهان پريشان نہ ٿيو. انهيءَ تي ابو قحافہؓ انهيءَ کي ڪافي پئسہ سمجهي سوچيو تہ چلو سُنو ٿيو جو ابوبڪر پُٺيان ڪافي ملڪيت ڇڏي ويو آهي. حضرت ابوبڪرؓ جن جي گهراڻي کي صحابہ ۾ اهو اعزاز حاصل آهي تہ هن گهراڻي جا چار نسل صحابيت جي شرف سان سرفراز ٿيا.

حضرت عبدالله بن ابي بڪرؓ نوجوان هو، رات جو اچي غار ۾ ساڻن رات گذاريندو هو ۽ ڏينهن جو شهر وڃي دشمنن جي خبر آڻيندو هو تہ ڇاڇا چون ۽ ڇا ڇا پروگرام ڪن ٿا. حضرت اسماء بنت ابي بڪرؓ گهران ماني تيار ڪري غار ۾ پهچائي ايندي هئي. حضرت ابوبڪرؓ جو غلام ٻڪريون چاريندو انهيءَ غار جي منهن وٽ اچي ڪين ڪير پياري وري واپس موٽي ويندو هو تہ جيئن اتي ايندڙن جي پيرن جا نشان بہ ڏڻ جي اچڻ ڪري ڊهي وڃن. اهڙي طرح ٽي ڏينهن غار ۾ گذاريا. هوڏانهن ڪفار رسول الله ﷺ جي تلاش ۾ سر توڙ ڪوشش ڪري چڪا ٿي پيا پر ڪين ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو. آخر مايوس ٿي رسول الله ﷺ جن کي گرفتار ڪرڻ واري لاءِ انعام جو اعلان ڪيائون.

ٽي ڏينهن غار ۾ گذارڻ ڪان پوءِ چوٿين ڏينهن حضرت ابوبڪرؓ جي گهران اهي بہ ڏاچيون آيون جن کي خوب ڪارائي پياري تازو توانو ڪري رکيو هئائون. هڪ ڏاچي تي رسول اللهﷺ ۽ حضرت ابوبڪرؓ ۽ ٻي ڏاچيءَ تي عامر بن فهيره ۽ عبدالله بن اريقط سوار ٿيا، هي ٻئي قابل اعتماد هئا ۽ ڪين رستي جي رهنمائي لاءِ اجرت تي مقرر ڪيو ويو هو. هو اڳيان رستو ٻڌائيندا هلندا رهيا. هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن برابر هلندا رهيا. ٻئي ڏينهن منجهد جي وقت جڏهن اُس سخت ٿي تہ حضرت ابوبڪرؓ چاهيو تہ ڇانوَ ۾ رسول الله ﷺ جن ڪجهہ دير آرام فرمائن. چئني طرف نظر ڊوڙائي تہ هڪڙي جبل جي پاڙ هينان ڇانوَ نظر آئي. سواريءَ تان لهي زمين کي صاف ڪيو ۽ پنهنجي چادر وڇايائين. رسول

الله ﷺ جن آرامي ٿيا تہ انھيءَ تلاش ۾ روانو ٿيو تہ ڪجھہ کائڻ لاءِ ملي تہ اھو آڻيان. ويجھو ئي ھڪ ٻڪرار ٻڪريون چاري رھيو ھو. ان کي فرمايائون تہ ٻڪري جو ٿڻ صاف ڪري ھٿ ڌوئي کير ڏھي ڏي. ھن ايئن ڪيو ۽ کير ڏھي ڏنو. ان کير واري ٿانوَ جي منھن کي ڪپڙي سان بند ڪري رسول الله ﷺ جن کي کير پيش ڪيائين. رسول الله ﷺ جن اھو نوش فرمايائون. سج لڙي چُڪو ھو، ان ڪري اتان روانا ٿيا. درميان وارو معروف رستو ڇڏي سمنڊ جي ڪناري وارو رستو اختيار ڪيائون. جڏھن رابغ جي موجوده قلعي ۽ ساحل بحر جي درمياني ميدان منجھان گذرڻ لڳا تہ سراقہ بہ جعشم رسول الله ﷺ جن جو پيڇو ڪيو. سراقہ مٿي تي خود پائي، نيزو کڻي، بدن تي ھٿيار سجائي، پنھنجي گھوڙي (عوذ) تي تيز رفتاريءَ سان سفر ڪندو آيو تہ اچانڪ سندس نظر رسول الله ﷺ جن تي پئي. ھن سمجھيو تہ ھو ڪامياب ٿي ويو. ايتري ۾ گھوڙي گوڏن ڀر ڪِري پئي، سراقہ ھيٺ ڪِري پيو، سراقہ اٿيو ۽ گھوڙيءَ کي اٿاري سوار ٿي وري ھلڻ لڳو. رسول الله ﷺ جن قرآن مجيد جي تلاوت ۾ مصروف ھئا، ڪين رب پاڪ جي طرفان دشمن ويجھو اچڻ جو اطلاع ڏنو ويو. فرمايائون تہ الٰھي اسان کي ھن جي شر کان بچاءِ. ھيڏانھن اھي الفاظ مبارڪ زبان مان نڪتا ۽ ھوڏانھن گھوڙي زمين ۾ گوڏن تائين گڇي وئي. سراقہ ڪِري پيو ۽ سمجھيائين تہ جنھن جي حفاظت الله ڪري ان تي غالب اچڻ محال آھي. ھن الٰھي نصرت مخالف سمت سمجھي ورتي، سمجھي ويو تہ ھن بابرڪت شخصيت جي بد دعا جو نتيجو آھي. انھيءَ ڪري ھوش کان ڪم وٺندي نھايت ئي عاجزانہ انداز ۾ رسول الله ﷺ جن کان جان جي امان گھري. امان ڏني وئي، سراقہ اڳتي وڌيو ۽ عرض ڪيو تہ ھر پُٺيان ايندڙ کي روڪيان ٿو.[1] انھيءَ کان پوءِ سندس درخواست ۽ نبي ڪريم ﷺ جن

---

1. صحيح بخاري، حديث 3615

جي ارشاد موجب عامر بن فهيره امان جو خط لکي ڏنو. جڏهن سراقہ واپس ٿيڻ لڳو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ سراقہ ان وقت تنهنجو ڇا شان هوندو جڏهن تنهنجي هٿن ۾ ڪسرىٰ جا شاهي ڪنگڻ پارايا ويندا. سراقہ جنگ احد کان بعد مسلمان ٿيو. حضرت عمرؓجي دور ۾ جڏهن مدائن فتح ٿيو ۽ ڪسرىٰ جو تاج ۽ سينگار جا زيورات حضرت عمر فاروقؓجي سامهون پيش ڪيا ويا تہ اميرالمومنين سراقہ کي گهرايو ۽ ان جي هٿن ۾ ڪسرىٰ جا ڪنگڻ پهرايا ۽ زبان سان فرمايو تہ الله اڪبر! الله جو وڏو شان آهي جو ڪسرىٰ جا ڪنگڻ سراقہ اعرابي جي هٿن ۾ پهرايا اٿائين.

غار کان نڪرندي ٽيهرين ٽي ڏينهن ان بابرڪت قافلي جو گذر امِ معبد جي خيمي کان ٿيو. هوءَ خزاعہ جي قوم منجهان هئي. مسافرن جي خدمت ۽ مهمان نوازيءَ جي لاءِ مشهور هئي. رستي ويندڙن کي پاڻي پياريندي هئي، مسافرن کي رهائي ساهہ پٽرائيندي هئي، وٽس پهچي ڪائنس پُڇيائون تہ ڪجهہ کائڻ لاءِ آهي؟ هن جواب ڏنو تہ نہ، اگر ڪا بہ شيءِ هجي ها تہ توهان جي پُڇڻ کان پهريان ئي حاضر ڪري ڇڏيان ها. رسول الله ﷺ جن خيمي جي ڪنڊ ۾ هڪ ٻڪري کي ٻَڌل ڏٺو تہ پُڇيو تہ اها ٻڪري ڇو بيٺي آهي؟ امِ معبد چيو تہ ” ڪمزور آهي، ڌڻ سان نہ ٿي هلي سگهي.“ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اگر اجازت هجي تہ اسان ان جو کير ڏُهي وٺون؟ هن جواب ڏنو تہ اگر توهان کي هن ۾ کير معلوم ٿئي ٿو تہ ڀلي ڏُهي وٺو. رسول الله ﷺ جن بسم الله ڪري ٻڪري جي ٿڻن کي هٿ لڳايو ۽ برتن گهريو. اهو ٿانوُ اهڙو ڀرجي ويو جو کير ان منجهان اٿلي زمين تي هارجي ويو. اهو کير رسول الله ﷺ جن ۽ سندن ساٿين پيتو، وري ٻيهر ٻڪري کي ڏُڏو ويو. برتن ڀرجي ويو، اهو بہ همراهين پيتو، ٽيون دفعو بہ برتن ڀرجي ويو ۽ اهو امِ معبد جي لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ اڳتي روانہ ٿيا. ڪجهہ دير بعد امِ

معبد جو مڙس آيو، خيمي ۾ ڪير جو ڀريل برتن ڏسي حيران ٿي ويو تہ ڪٿان آيو؟ امِ معبد چيو تہ هڪ بابرڪت شخص هتي آيو هو ۽ ڪير سندس برڪت ڀريل قدمن جو نتيجو آهي. هو چوڻ لڳو تہ هي تہ اهو صاحب قريش معلوم ٿئي ٿو جنهن جي مون کي تلاش هئي. چڱو ٿورو ان جي صفت بيان ڪر!

## امِ معبدؓ جي زباني رسول الله ﷺ جن جو حليو مبارڪ

حضرت امِ معبدؓ جيڪو رسول الله ﷺ جن جو نقشو الفاظ جي صورت ۾ بيان ڪيو اهو پيش خدمت آهي:

”ظاهر الوضاءة ابلج الوجه حسن الخلق، لم تعبه ثجلة ولم تزر به صلعة وسيم قسيم في عينيه دعج و في اشعاره و طف و في صوته صحل و في عنقه سطح احور اكحل ازج اقرن شديد سواد الشعر ذا صمت علاه الوقار ، و ان تكلم علاه البهاء اجمل الناس و ابهاهم من بعيد و احسنه و احلاه من قريب حلو المنطق فصل لاتزر ولا هذر كان منطة خرزات نظم يتحدرن ربعة لا تقحمه عين من قصر ولا تشنؤه من طول غصن بين غصنين فهو اانضر الثلثة منظرًا و احسنهم قدرًا له رفقاء يحفون به اذا قال استمعوا لقوله واذا امر تبادروا الي امره محفود محشود لا عابس ولا منفذ.“

ترجمو: پاڪيزه رو، ڪشاده چهرو، پسنديده خو، نہ پيٽ ٻاهر نڪتل، سنوريل وار، زيب زينت، صاحب جمال، اکيون ڪاريون ۽ فراخ، وار ڊگها ۽ گهاٽا، آواز ۾ ڀاري پن، ڊگهي ڳچي، روشن چمڙي، سرمگين اکيون، سنهڙا ۽ جاڙا ڪارا ڀرون، گهنڊيدار وار، خاموش پُر وقار جڏهن دل موهي وجهي، پري کان ڏسڻ ۾ دل فريب، ويجهو کان نهايت شيرين ۽ ڪمال حسين، منڙو شيرين ڪلام، واضع الفاظ، ڪلام جي ڪمي و بيشي الفاظ کان معرا، سموري گفتگو هيرن موتين جو هار پروئيو هئل، درميانو قد جو ڪوتاهي کان حقير نظر نہ اچي، نہ ڊگهو جو اک ان کان نفرت ڪري، زيب ڀريل تازي ٽاري، زيب نظر قد، رفيق اهڙا جو هر

وقت سندس ارد گرد موجود رهن، جڏهن هو ڪجهه ڳالهائيندو آهي تہ چپ چاپ ٻڌندا آهن، حڪم ڏيندو آهي تہ تعميل لاءِ جهٽ اٿي ڪڙا ٿيندا آهن، مخدوم مطاع، نہ ڪوتاهہ سخن، نہ فضول ڳالهائڻ وارو.

اها صفت ٻُڌي ابو معبد چوڻ لڳو تہ پڪ سان اهو صاحب قريش آهي ۽ مان ان سان ضرور وجي ملندس.

## راهہ ۾ بريده اسلميؓ جي ملاقات

نبي ڪريم ﷺ جن جي هن هجرت واري سفر ۾ راهہ ويندي بريده اسلميؓ مليو، هو پنهنجي قوم جو سردار هو. قريش رسول الله ﷺ جن جي گرفتاريءَ تي سؤ اُٺ ڏيڻ جي انعام جو اعلان ڪيو هو. بريدهؓ انهيءَ انعام جي لالچ ۾ رسول الله ﷺ جن جي تلاش ۾ نڪتو. جڏهن رسول الله ﷺ جن جي سامهون آيو تہ رسول الله ﷺ جن سان هم ڪلام ٿيڻ جو شرف بہ نصيب ٿيس. ملقات ۽ هم ڪلاميءَ ڪان پوءِ ستر 70 ماڻهن سان گڏ مسلمان ٿيو. پنهنجي پڳ لاهي نيزي ۾ ٻَڌي هوا ۾ لهرائڻ لڳو ۽ اها بشارت ٻُڌائڻ لڳو تہ امن جو بادشاهہ، صلح جو حامي، دنيا کي عدالت ۽ انصاف سان ڀرپور ڪرڻ وارو تشريف فرما ٿي رهيو آهي.

رستي ۾ حضرت زبير بن العوامؓ بہ رسول الله ﷺ جن سان مليو، هو شام مان واپس اچي رهيو هو، مسلمانن جي تجارت وارو پيشہ ور گروهہ بہ ساڻس گڏ هو. هن رسول الله ﷺ ۽ حضرت ابوبڪرؓ جن کي يمني چادرن جا تحفا پيش ڪيا.

## قبا ۾ تشريف آوري

8 ربيع الاول سن 13 نبوي بروز سومر رسول الله ﷺ جن قبا ۾ پهتا. اهل يثرب جڏهن ٻُڌو تہ رسول الله ﷺ جن مڪو شريف ڇڏي

چُڪا آهن تہ هر روز صبح سان ئي رستي ۾ نگاهون وجهي ويٺا هوندا هئا ۽ جيسيتائين ٻپهري نہ ٿيندي هئي تہ تيسيتائين ويٺا هوندا هئا. هو اجان واپس موٽي رهيا ئي هئا تہ هڪ شخص پڪاري سيني کي گڏ ڪيو ۽ خير مقدم الله اڪبر جا ترانا ڳائيندي نبوت جي آفتاب جي چوڌاري نور خيز شعائن جيان جمع ٿي ويا. اڪثر انهن مسلمانن منجهان اهڙا هئا جن رسول الله ﷺ جن جي ديدار سان پنهنجون اکيون ٺڏيون نہ ڪيون هيون، انهن کي حضرت ابوبڪر صديقؓ ۽ رسول الله ﷺ جن جي وچ ۾ اشتباھ ٿيڻ لڳو. حضرت ابوبڪرؓ انهيءَ ڳالھ کي سمجهي ويو، جنهن ڪري رسول الله ﷺ جن مٿان ڇانوَ ڪري بيهي رهيو. رسول الله ﷺ جن خميس تائين اتي ترسيا. ان ٿي ڏينهن جي قيام دوران سڀ کان پهريان اهو ڪم ڪيو جو الله تعالىٰ جي عبادت لاءِ مسجد جو بنياد وڌائون.ان جاءِ تي حضرت علي المرتضىٰؓ بہ مڪي شريف منجهان پيادل سفر ڪري رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ پهچي ويو. ربيع الاول سن پهرين هجري جمعي جو ڏينهن هو جڏهن رسول الله ﷺ جن قبا کان سوار ٿي بنو سالم جي گهرن تائين پهتا تہ جمعي جو وقت ٿي ويو. هتي هڪ سؤ ماڻهن سان گڏ جمعو پڙهيائون. هي اسلام ۾ پهريون جمعو هو. نماز جمع کان فارغ ٿي نبي ڪريم ﷺ جن يثرب جي ڏکڻ طرف کان شهر ۾ داخل ٿيا. ماڻهن کي جڏهن رسول الله ﷺ جن جي آمد جي خبر پئي تہ هر طرف کان ڊوڙندا آيا. بنو نجار جيڪو رسول الله ﷺ جن جو ناناڻو هو، هٿيار سجائي آيا، قبا کان مديني تائين جان نثار صحابہ جي قطار لڳل هئي. راھ ۾ انصار جا خاندان آيا، هر قبيلو سامهون اچي عرض ڪرڻ لڳو تہ حضور هي گهر آهي، هي مال آهي، هي جان آهي، پاڻ سڳورا ﷺ شڪريو ادا ڪندا دعائون ڏيندا اڳتي وڌيا. انهيءَ ڏينهن کان شهر جو نالو مدينة النبي ٿي ويو، جنهن کي مختصرًا مدينہ چيو وڃي ٿو. رسول الله ﷺ جن کي هر شخص پنهنجو مهمان بنائڻ ۽ پاڻ

**وٽ رهائڻ جي خواهش ظاهر ڪرڻ لڳو. ان تي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ منهنجي ڏاچي کي ڇڏي ڏيو هو الله تعالىٰ جي حڪم سان معمور آهي، جتي اها ويهندي اهو منهنجو مسڪن هوندو. رسول الله ﷺ جن جي داخلا شاندار هئي. هر گهٽي هر ڪنڊ تحميد ۽ تقديس جي ڪمالات سان گونجي رهي هئي، مرد عورتون، ٻار ٻڍا، نور خدا کي ڏسڻ لاءِ دڳن ۾ ديدون وجهي وينا رهيا. هر هڪ رسول الله ﷺ جن کي پنهنجو مهمان بنائڻ جو خواهشان هو. هر اک رسول الله ﷺ جن جي ديدار لاءِ منتظر نظر آئي، هر هڪ شخص چاهيو تہ ديدار سان اکين کي ٺڏاڻ بخشجي. رسول الله ﷺ جن جي ڏاچي قصواء حضرت ابو ايوب انصاريؓ جي گهر ٻاهران ويهي رهي، حضرت ابو ايوب انصاريؓ جو بخت بالا ٿيو جو رسول الله ﷺ جن جي ميزبانيءَ جو شرف حاصل ٿيس.**

**ان وقت مديني جون ننڍڙيون ڇوڪريون پاڪ زبانن سان هي ڳيچ ڳائي رهيون هيون:**

طلع البدر علينا      من ثنيات الوداع

وجب الشكر علينا      ما دعا لله داع

ترجمو: اسان مٿان چنڊ ايري آيو آهي. جبل وداع جي وادين مان، اسان مٿان شڪر واجب آهي، جيسيتائين دعا گهرڻ وارا دعا گهرن.

# مددي ڪتاب


1. القرآن
2. ابن هشام، محمد عبدالملڪ، مترجم، مولوي قطب الدين احمد، سيرت النبي ﷺ ابن هشام، اردو، حصہ دوم، لاهور، اسلامي ڪتب خانہ
3. ابودائود ، سليمان بن اشعث السجستاني، سنن ابي دائود، حديث نمبر 4748
4. احمد بن حنبل، امام، مسند احمد، حديث 10580
5. اسرار احمد، ڊاڪٽر، رسولِ انقلاب ڪا طريق انقلاب، طبع اول، لاهور، مڪتبه خدام القرآن 2004ع
6. اسرار احمد، ڊاڪٽر، رسول ڪامل ﷺ، بار اول تا بار هفتم، 1983 تا 1995، لاهور مرڪزي انجمن خدام
7. امير حمزه، رويي ميري حضور ﷺ ڪي، لاهور، دارالاندلس 1430هه
8. بخاري، محمد بن اسماعيل، امام، صحيح بخاري، حديث نمبر 4953.
9. ترمذي، امام، ابو عيسىٰ، محمد بن عيسىٰ، جامع الترمذي
10. ٿانوي، اشرف علي، مولانا، نشر طيب في ذڪر النبي الحبيب ﷺ، طبع اول، لاهور، مشتاق بوڪ ڪارنر 2003ع
11. خطيب تبريزي، محمد بن عبدالله، مشڪٰوة المصابيح، حديث 4801
12. خليق احمد مفتي، سيرت النبي ﷺ، طبع اول، متحده عرب امارات 2014ع
13. سيد، محمد ميان، سيرت مبارڪ محمد رسول الله ﷺ
14. صديقي، نسيم، محسن انسانيت ﷺ، لاهور، لافيصل ناشران و تاجران ڪتب 1960ع
15. فاراني، عبدالله، سيرت النبي ﷺ قدم بقدم، ج 1، ڪراچي، ايم آئي ايس پبلشرز 2008ع
16. قاسمي، محمد اسلم، مترجم اردو، سيرة حلبيہ اردو، ج 2، ڪراچي، دارالاشاعت 2009ع
17. قاسمي، مفتي امام عادل، مولانا، مقام محمود، دهلي، مڪتبه الامام 2015ع
18. ڪاندلوي، محمد ادريس، مولانا، سيرت مصطفىٰ ﷺ، حصہ اول، ڪراچي، ڪتب خانہ مظهري
19. گيلاني، سيد مناظر احسن، مولانا، النبي الخاتم ﷺ، لاهور، مڪتبه اخوت 1358 هه
20. مبارڪپوري، صفي الرحمان، مولانا، الرحيق المختوم اردو، لاهور مڪتبة السلفية 2000ع
21. محدث، شاهہ ولي الله دهلوي، سيرت الرسول ﷺ، متجم: خليفہ محمد عاقل، ڪراچي، دارالاشاعت 1358هه
22. محمد عبدالقوي، مولانا، ذڪر حبيب ﷺ، حيدرآباد، برڪات بڪ ڊيپو
23. منصور پوري، سيد سليمان سلمان، رحمة للعالمين ﷺ، حصہ اول، ڪراچي، دارالاشاعت 2014ع
24. مودودي، سيد ابوالاعلىٰ، معراج ڪا سفرنامہ، دهلي، مرڪزي مڪتبه السلامي 1992ع
25. ندوي، سيد ابوالحسن علي، مولانا، نبي رحمت ﷺ، ڪراچي، مجلس تعليمات اسلام 1980ع
26. نسائي، امام، ابو عبدالرحمان احمد بن شعيب بن علي بن سنان بن بحر بن دينار، سنن نسائي.
27. نعماني، علامہ شبلي، سيرة النبي ﷺ، لاهور، مڪتبه مدينہ 2001ع